سچ
تنهنجي
سار

مرتب:

ادريس جتوئي

ڇَڙ ۾ ڇڏيئي پيرڙا، ڪري هنج اُڏار
سڄڻ تنهنجي سار صديون رهندي سنڌ ۾.
(شيخ اياز)

سچ تنهنجي سار

(سنڌ جي صوفي راڳي ۽ استاد
انورالدين جتوئي کي ڀيٽا)

مرتب:
ادريس جتوئي

انورالدين جتوئي يادگار ڪميٽي
ڳوٺ ٺوڙها، تعلقو مورو سنڌ
2015ع

حق ۽ واسطا محفوظ

سڄڻ تنهنجي سار

موضوع: شخصيت

مرتب: ادريس جتوئي

ڇاپو پهريون: 2015ع

ٽائيٽل ڊزائين: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد

ڇپائيندڙ: انورالدين جتوئي يادگار ڪميٽي، ڳوٺ ٺوڙها تعلقو مورو سنڌ.

ڇاپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز 9-ربي چيمبر، حيدرچوڪ، حيدرآباد

ڪمپوزنگ: اجئه ڪمار مڪواڻا

قيمت: 250 رپيا

Sajhan Tunjhee Sar

[Collection of articles & Reflections on Anwardin Jatoi]

Compiled By

Idrees Jatoi

First Edition: 2015

Title: Intel Communications, Hyd.

Published by: Anwardin Jatoi Yadgar Committee,
Village Thorha, Taluka Moro, Distt: N/Feroz, Sindh, Pakistan

Printed by: Intel Communications, 9-Rabi Chamber,
Hyderchowk, Hyderabad, Sindh.

Price: Rs.250-00

پياري ياءُ محسن

محمد يعقوب جتوئيءَ

جي نالي

جيڪو سائين انورالدين جي لاڏاڻي کان پوءِ ٿي ڪجهه مهينن اندر اسان
کان وڇڙي ويو ۽ سڄي ويڙهي کي ويران ڪري ويو.
الله سائين کيس جنت ۾ جايون ڏيندو.

ساموندي ساري، مَٽي تَڙَ ڳُڏاريان،
مونکي ٿي ماري، اُنين سندي ڳالهڙي!
(شاهه لطيف رحه)

- ادريس جتوئي

سِٽاءُ

پنهنجي پاران	يادگار ڪاميٽي	9
جهاڳ جهاڳي جهوڪ هل (مُقدمو)	ادريس جتوئي	11

پروفائيل ۽ انٽرويو:

صوفي راڳي انورالدين جتوئيءَ جو مختصر پروفائل		19
راڳ عبادت آهي: انٽرويو	انور الدين جتوئي	20

تاثراتي مضمون:

سچائي ۽ وفا جو نشان- انور جتوئي	فقير امداد علي لغاري	25
ساٿي ويڙهه سي....	حاجن جانوري	30
فنڪار ۽ استاد- انور الدين	ڊاڪٽر محمد لائق زرداري	39
وڃي ڪيچ قراريا	در محمد ڪمال	43
ڏک لڙڪن رستي.......	مير محمد پيرزادو	47

رمتو جوڳي- انور الدين جتوئي	گدا خاصخيلي	48
تنهنجون ڳالهيون ۽ ڳڻ	عزيز پنهور	49
املهہ انسان- انور الدين جتوئي	عبدالحق پلهہ	52
سنڌ جو ڀڳت ڪنور رام	گل مورو	56
هينئڙو مون لوڻ ٿئي	وزير فرهاد سولنگي	59
هڪڙو ماڻهو موتي داڻو	فقير ياٽائي	62
سنڌ جو ڪلاسيڪي ڪردار	قربان کوسو	65
اسان کان...... استاد وڇڙي ويو	زاهد حسين گبول	68
اول آخر آهہ هلڻ منهنجو هوت ڏي	الطاف جوکيو	71
انورالدين جتوئي - هڪ استاد ۽...	ڊاڪٽر ممتاز ڏنگراج	74
هو چا ماڻهو هو موتي داڻو هو	ڊاڪٽر سومار کوسو	85
تاثرات (تعزيتي نوٽ بُڪ تان)		87
رپورٽون اخبارن جون		129
محمد يعقوب جتوئي	جمال الدين مومن	139
He is gone but never forgotten	Abdul Rashid Jatoi	141
Mama Anwar's Performance in Huston	Iqra Jatoi	142

به بزرگ هستيون



صوفي سيد نبن شاھ ۽ بهاول فقير لغاري

يلي ٿيوم، هيءَ سڱ پاروچن سين،
وڃي ڪيچ ڏٿوم، پُنيءَ لڳي اُن جي.
(شاھ)

انورالدين جتوئيءَ جا والدين، ڀائر ۽ پُٽ



حاجي محمد عثمان جتوئي
(والد)

مريم خاتون
(ڦُڦي)

حاجي احمد خان جتوئي
(چاچو)



محمد موسيٰ جتوئي
(وڏو ڀاءُ)



غلام سرور جتوئي
(ڀاءُ)



بدرالدين جتوئي (وڏو پُٽ)

اسد جتوئي (پُٽ)

انورالدين جتوئي مختلف تقريبن ۾ ڳائيندي ۽ ڳالهائيندي







ڳوٺ نوڙها ۾ ادريس جتوئيءَ
جي شاديءَ جي تقريب ۾
ڳائيندي

انورالدين جتوئي
گوڙي مندر ٿرپارڪر ۾
هارمونيم وڄائيندي

انورالدين جتوئي ٿر جي مختلف ماڳن جو سير ڪندي



پنهنجي پاران

سائين انورالدين جتوئي جي وڇڙڻ کي پورا ٻه سال ٿي ويا آهن. هُو سنڌ جو يگانو راڳي ۽ استاد هو. هُن جي رڳ رڳ ۾ راڳ ۽ سُر پريل هو. هُن راڳ جي فن کي ڪڏهن به ذاتي ڪمائيءَ جو ذريعو نه بنايو پر پنهنجي عشق جي تڪميل جو وسيلو سمجهيو. اهوئي سبب هو جو هُو جڏهن بيمار ٿيو ته کيس موت جو ڊپ نه هو پر کيس هڪ ڀيرو وري زندگي جا گيت سُرن ۾ ڳائڻ جي تمنا ۽ خواهش ضرور هئي. شال صحتمند ٿيان ۽ وري راڳ کي جهونگاريان ۽ سُر وکيريان. پاڻ روئي چوندو هو ۽ ڊاڪٽرن کان پُڇندو رهيو ته ڇا مان وري ڳائي سگهندس؟ پر موذي مرض کيس نه ڇڏيو پاڻ پنهنجي زندگيءَ کي هڪ سريلو گيت بڻائي ويو جنهن کي هر ڪو جهونگاريندو ۽ پچاريندو ٿو رهي. ان ڪري ئي سندس وڇوڙي کان پوءِ ليکڪن، فنڪارن ۽ دوستن کيس سنڌ جي مشهور راڳي ڪنور ڀڳت جو تسلسل سڏيو آهي.

سائين انورالدين جتوئي جي پنهنجي فن سان لازوال ڪمٽمينٽ سنڌي موسيقي ۽ راڳ جي تاريخ ۾ امر رهندي. حقيقت ۾ هُن ڪڏهن به شهرت ۽ دولت لاءِ نه ڳاتو پر پنهنجي روح کي ريجهائڻ لاءِ سُر آلاپيا.

بس ايترو چئبو ته سائين انورالدين جون سنڌ جي تعليم ۽ راڳ لاءِ ڪيل خدمتون اسان کي سدائين ياد رهنديون. هُو راڳي ۽ تعليمدان ته هو پر سڀ کان اول هو بهترين انسان هو. سچ ته انسانيت ۾ هُن جو ويساهه هو.

سائين انورالدين جي وڇوڙي کانپوءِ اسان عزيزن ۽ دوستن گڏجي ٽيجهي جي موقعي تي "انورالدين جتوئي يادگار ڪاميٽي - ڳوٺ نوڙها" جو قيام عمل ۾ آندو. هن يادگار ڪاميٽيءَ جا عهديدار ۽ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جا ميمبر هن ريت چونڊيا ويا:

چيئرمين: ادريس جتوئي
وائيس چيئرمين: عبدالرّشيد جتوئي
جنرل سيڪريٽري: پير بخش عالماڻي
جوائنٽ سيڪريٽري: منور حسين جتوئي

آفيس سيڪريٽري: بدرالدين جتوئي

پريس سيڪريٽري: سُبحان سوز جتوئي

جڏهن تہ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جا ميمبر فقير امين مشوري، ڊاڪٽر محمد قاسم چانڊيو غلام نبي ڀرڳڙي، حق نواز ميمڻ، مقبول احمد، غلام شبير جتوئي، حاجن جانوري، نثار احمد جتوئي، محمد يوسف رند، حضور بخش ملاح، دريا خان جتوئي ۽ ٻيا ڪنيا ويا.

هن يادگار ڪاميٽيءَ قائم ڪرڻ جو بنيادي مقصد سائين انورالدين جي ڪيل ڪم کي اڳتي وڌائڻ آهي. هُن جي تعليمي خدمتن ۽ راڳ کي رڪارڊ ڪرڻ ۾ بين تائين پهچائڻ آهي.

يادگار ڪاميٽيءَ، سائين انورالدين جتوئي جي چاليهي جي تقريب ۾ پهرين ورسي ڳوٺ نوڙها ۾ منعقد ڪئي، جنهن ۾ ڪيترن ئي ليکڪن، شاعرن، اديبن ۽ راڳين شرڪت ڪئي ۽ سائين انور جي خدمتن تي روشني وڌي.

هاڻي يادگار ڪاميٽيءَ پاران سائين انورالدين جي زندگي ۽ فن تي مختلف ليکڪن پاران لکيل مقالا، تاثراتي لکڻيون، پروفائيل، انٽرويو ۽ ٻيو مواد ڪتابي صورت ۾ "سڄڻ تنهنجي سار" جي عنوان هيٺ ڇپائي پڌرو ڪري رهيا آهيون. ان سلسلي ۾ جن دوستن مقالا لکيا، تصويرون ۽ مواد ڏيڻ ۾ مدد ڪئي آهي، يادگار ڪاميٽي انهن جي ٿورائتي آهي. ان ڪانسواءِ جن عزيزن ۽ ياٺرن ڪتاب جي سلسلي ۾ هڙان وڙان مدد ڪئي، اُهي بہ جَسُ لهڻن. اڳتي بہ يادگار ڪاميٽيءَ جو سفر جاري رهندو. ڪاميٽي، سائين انورالدين جي مختلف محفلن ۽ پروگرامن ۾ ڳايل ڪلامن، ڪافين کي گڏ ڪري رهي آهي، اُن کي CDs ۽ آڊيو ڪيسيٽ جي صورت ۾ محفوظ ڪري عوام آڏو آڻڻ جو ارادو رکي ٿي، تہ جيئن راڳ سان عشق رکندڙ دوست لُطف اندوز ٿي سگهن. ان ڪانسواءِ سائين انورالدين جتوئيءَ جي نالي ۾ ويب سائيٽ پڻ ٺاهي ويندي، جنهن تي سائين جي زندگيءَ بابت مواد، يادگار تصويرون ۽ ڳايل ڪلام ۽ ٻول رکيا ويندا.

اُميد تہ ان سلسلي ۾ اُهي ساٿي جن وٽ سائينءَ جو ڪو رڪارڊ ٿيل ڪلام، مواد يا يادگار تصويرون هجن تہ اسان کي موڪلي ڏيندا تہ يادگار ڪاميٽي انهن دوستن جي ٿورائتي رهندي.

ادريس جتوئي

انورالدين جتوئي يادگار ڪاميٽي

ڳوٺ نوڙها، تعلقو مورو سنڌ

جهلڪ جهاڳي جهوڪ هل

(مقدمو)

سائين انورالدين جتوئي، سنڌ جي ساهتي واري علائقي ۽ سنڌو درياهہ جي ڪاهي ڪپ تي قائم هڪ تاريخي ڳوٺ "نوڙها" لڳ نوان جتوئي، تعلقي موري ۾ 2۔فيبروري 1944ع تي حاجي محمد عثمان جتوئيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. حاجي محمد عثمان جتوئي وارا پاڻ ۾ چار ڀائر هُئا ۽ ڪين هڪ ڀيڻ هُئي. سندن والد حاجي بلاول خان جتوئي نيڪ نمازي ۽ پنهنجي ٻني ٻاري وارو هو. حاجي بلاول جتوئيءَ جو هيءَ خاندان ڳوٺ ۾ ديناري، زراعت جي ڪرت ۽ تعليم ڏيڻ جي سلسلي ۾ مشهور رهيو آهي. ڳوٺ اندر راڄوٽا ۽ پنچاتي فيصلا بہ ڪندو رهيو آهي. هن ئي خاندان جي هڪ شخصيت حاجي محمد سليمان جتوئي هو. ڳوٺ ۾ مُلا اسڪول جو هيڊ معلم هو ۽ ڳوٺ جي غريب ٻارڙن کي پرائمري تعليم ۽ ديني تعليم ڏيڻ ۾ اڳيرو رهيو. ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس کوليائين. مدرسو کولي ٻارڙن کي قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيائين.

ان ڪانسواءِ استاد الهه بخش جتوئي پڻ ضلعي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ پڻ تعليم جي روشني ڦهلائي. ان ڪان پوءِ سندن پين ۽ ٽين پيڙهيءَ ۾ عبدالرحيم جتوئي، محمد موسيٰ جتوئي، سائين انورالدين جتوئي، محمد يعقوب جتوئي، ادريس جتوئي، عبدالرشيد جتوئي ۽ ٻيا نوجوان ان علم جي لاٽ کي روشن رکيو اچن ٿا. حاجي احمد جتوئي بهترين زراعت، لوڪ ادب ۽ هُنرن جو ڄاڻو هو. نڪتن ۽ تارن جي به ڄاڻ رکندو هو. ان ڪان سواءِ هن خاندان جا ٻيا به ڪيترائي پڙهيل لکيل فرد ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن ۽ ڪردار ادا ڪندا اچن ٿا.

اهڙي زرعي، ديني ۽ علمي ماحول ۾ سائين انورالدين جتوئي جي شعور جي اوسر ٿي. پاڻ ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ ورتائون. ڳوٺ نوڙها جو اسڪول ضلعي نوشهري جي بهترين اسڪولن منجهان هڪ رهيو آهي. هن اسڪول جا شاگرد سنڌي فائنل جي امتحانن ۾ نمايان نمبر حاصل ڪندا رهيا، اڄ به هن ڳوٺ جا نوجوان استاد اسڪول کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. استاد محمد عثمان سومرو حاجي محمد سليمان جتوئي، استاد الهه بخش جتوئي ۽ ٻين ڪيترن ئي بهترين استادن جي خدمتن ۽ محنتن جي ڪري هن اسڪول جو نالو روشن ٿيو ڪيترن ئي ٻين ڳوٺن جي اسڪولن جا ٻار به هن اسڪول ۾ پڙهندا رهيا آهن. سائين انورالدين اهڙن ئي سٺن استادن وٽ ڳوٺ جي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ ثانوي تعليم نوان جتوئي هاءِ اسڪول مان ورتي. جتي هن سائين غلام محي الدين شاهه، سائين حاجي خان پنهور ۽ استاد الهه ڏتي گُداڙي جهڙن بهترين استادن وٽ تعليم ورتي. ان ڪانپوءِ گريجوئيشن ۽ ماسٽرس ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽي مان ايم - ايڊ ڪيائين.

پاڻ عملي زندگيءَ جي شروعات سيڪنڊري استاد جي حيثيت سان ڪيائين ۽ آخر ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏيپارجا مان هيڊ ماسٽر جي حيثيت ۾ رٽائرمينٽ ڪيائين. پاڻ سنڌ جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ تعليم ڏنائين ۽ سندن ڪيترائي ناميارا شاگرد رهيا آهن. لاڙ واري ٻاگي ۾ ٽنڊي باگي، سعيدپور ۽ ماتليءَ ۾ استاد جي حيثيت سان رهيا. جڏهن ته سنڌ جي

وچولي واري حصي ۾ چار صاحب، الهہ ڏنو جتوئي، ڏيپارجا ۽ نوان جتوئي جي مڊل ۽ هاءِ اسڪولن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين.

پاڻ انگريزي ۽ رياضيءَ جي مضمونن تي ڪافي مهارت رکندو هو. انگريزي گرامر ۽ آلجبرا تہ شاگردن کي وڏي شوق سان سيکاريندو هو. اسڪول کان پوءِ ڳوٺ ۾ گهرن ۾، گهٽين ۾ ۽ دوڪانن تي بہ هلندي ٻارن کي پيو سيکاريندو هو. ڪيس ٻارن کي تعليم ڏيڻ جو اونو رهندو هو. پنهنجي ٻنهي پٽن بدرالدين ۽ اسد کي پڙهڻ ميرپورخاص پبلڪ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليائين ۽ نياڻين کي پڻ تعليم جي زيور سان سينگاريائين. پنهنجي پاڙي جي ڪيترين نياڻين کي گهر ۾ تعليم ڏيئي امتحان ڏيارياڻين. چاڪاڻ تہ هو باشعور فرد جي حيثيت سان اهو چاهيندو هو تہ علم سان ئي انسان ۾ شعور ۽ سمجهہ اچي ٿي. علم سان ئي انسان سماج جو بهترين ۽ ڪارائتو فرد بنجي سگهجي ٿو. پاڻ ڳوٺ جي سماجي مسئلن جي حل لاءِ بہ وليج ويلفيئر ايسوسيئيشن ڳوٺ نوڙها ۾ متحرڪ رهيا. اها تنظيم ڳوٺ جي نوجوانن 1987ع ۾ قائم ڪئي. غريب شاگردن کي ڪتاب ڏيڻ، يونيفارم ڏيڻ ۽ انهن جون فيون ڀرڻ، ڏک سُک ۾ ڳوٺ وارن جي مدد بہ دل کولي ڪندو هو. ڳوٺ ۾ امن امان جو مسئلو هجي، تعليم ۽ صحت جو مسئلو هجي، لائبريري قائم ڪرڻ جو مسئلو هجي يا ٻڌي ۽ اتحاد ڪرڻ جو مسئلو هجي، سائين انورالدين انهن ۾ ڳوٺ جي سماجي ڪارڪنن سان گڏ هوندو هو.

سائين انورالدين جي زندگيءَ جو اهم پهلو راڳ سان عشق هو. سائين انورالدين جي خاندان ۾ ڪو اڳ تہ وڏو راڳي نہ رهيو پر ڳوٺ جي ۽ آسپاس جي ماحول ڪيس ان ڏانهن لاڙو پيدا ڪيو. ڳوٺ نوڙها هڪ پاسي خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ساهتي ضلعي جي چئن شهرن ۾ خلافت تحريڪ جون شاخون هيون. انهن مان ڳوٺ نوڙها بہ هڪ هو جنهن ۾ سرائي علي محمد جتوئيءَ جي رهنمائيءَ ۾ يونٽ نهيو. پر هيءَ ڳوٺ صوفي راڳ رنگ جي محفلن جو بہ مرڪز رهيو آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪافي صوفي بزرگن ۽ اوليائن جو اچڻ ٿيڻ آهي ۽ انهن جو اثر رهيو آهي. انهن ۾ سائين احمد شاهہ ذاڪري سڪرنڊ وارو محمد فقير ڪٺياڻ، محمد فقير هيسباڻي، سيد علي

گوهر شاهہ صوفي سيد نبن شاهہ صوفي بهاول فقير لغاري ۽ ٻيا الله وارا نيڪ انسان اچي وڃن ٿا. هن ڳوٺ ۾ رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي جي ڏاڏي خانبهادر امام بخش خان صابر جو ٻارهو رئيس احمد خان جتوئي جي اوطاق تي هر سال ٿيندو رهيو. جنهن ۾ سنڌ جا سڀ ناميارا صوفي ۽ ڪلاسيڪل فنڪار ڳائي وڄائي چڪا آهن. ان کانسواءِ سائين انورالدين جتوئي جي اوطاق، محمد يوسف عالماڻي جي اوطاق، برڪت فقير عالماڻيءَ جي اوطاق، هاشم پرهياڙ جي اوطاق، سيف علي فقير جي اوطاق تي راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون هيون. انهن محفلن ۾ ڳوٺ جا ڪيترائي فقير صوفياڻو راڳ ڳائيندا رهيا. انهن ۾ تراب علي فقير عالماڻي، ميوو فقير عالماڻي، سيف علي فقير، دلاور عالماڻي ۽ فقير غلام حسين ڪنڀر، غلام قادر جتوئي شامل آهن. ان کان سواءِ ڳوٺ جي ڏکڻ پاسي ۾ سائين نبن شاهہ، صابر شاهہ ۽ سائين ڏُلڻ شاهہ جي درگاهن تي بہ راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون هيون. ان کان سواءِ ڳوٺ ۾ لوڪ ادب، ڏور، ڳجهارت، بيت جون گڏجاڻيون ٿينديون رهيون، جنهن ۾ حاجي احمد جتوئي، محمد رند، استاد عُمر رند، ايوب عمراڻي، گهنور خان جانوري ۽ ٻيا حصو وٺندا رهيا. چاچو صيفل جتوئي ۽ محمد صديق جتوئي وري راتين جون راتيون نظير ڪٽندا هُئا. هن ڳوٺ ۾ سائين عبداللطيف جتوئي، شاهہ محمد جتوئي، غلام سرور جتوئي ۽ ٻيا اصلاحي ڊراما ڪندا رهيا آهن. اهڙي ماحول جو اثر سائين انورالدين جتوئي تي پڻ پيو. پاڻ راڳ جي سکيا حاصل ڪيائين. راڳ جي سکيا استاد ٻيبي خان، حافظ محمد اسحاق تلتي واري، استاد علي نواز خان، استاد منو ۽ ٻين کان ورتائين. سائين انورالدين جتوئي راڳ شوق خاطر ڳايو پر ڪڏهن بہ پئسن خاطر نہ ڳاتائين. ڪين راڳ ۾ جيڪي پئسا ملندا هئا سي سازندن ۽ ٻين راڳين ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. جنهن ڪري ڪيس ڪجهہ دوستن ڪنور ڀڳت پڻ سڏيو آهي. پاڻ سڄي پاڪستان ۾ اڪثر صوفي درگاهن تي راڳ ڳاياائين. سنڌ ۾ شاهہ عنايت شهيد، منٺار فقير، شاهہ لطيف، قلندر لعل شهباز، نواب ولي محمد لغاري، سچل سرمست، حمل فقير، بيدل فقير، خواجہ غلام فريد، ٻلا شاهہ تي راڳ ڳاياائين. پنهنجي ضلعي جي ٻين درگاهن تي ڳاياائين. ڳوٺ جي شادي ۽ خوشيءَ جي محفلن ۾ ڳائيندو هو. هر

مذهبي ڏڻ عرس جي موقعي تي نعت شريف بہ مختلف درگاهن تي ڇپائين. سياسي، سماجي ۽ ادبي تقريبن ۾ پڻ ڳائيندو هو. هُن اڪثر ڪري صوفي شاعرن جي شاعري ڳائي ۽ مختلف راڳڻين تي ڪيس دسترس حاصل هئي. پاڪستان ڪانسواءِ صوفي نبن شاهہ ڏلڻ شاهہ يو.ايس آمريڪا ۾ واشنگٽن ۽ هيوسٽن ۾ پڻ صوفي راڳ جون محفلون ڪيائين. جنهن اتان جي پاڪستانين کي موهي ورتو ۽ کيس هڪ آمريڪن موسيقار تہ سندس راڳ هڪ هفتي تائين اسٽوڊيو ۾ ٻڌندو ۽ رڪارڊ ڪندو رهيو. پاڻ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد جي مزار تي 'جڏهن پنهوارن کان پوءِ ڙي عمر، منهنجو داد ڏنارن ڪين ڪيو' ڳاياءين تہ پي پي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن روئيندا رهيا. رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي جي چاليهي جي شروعات سُر ساموندي مان شاهہ عبداللطيف جي چونڊ بيتن مان ڪيائين تہ ماڻهن تي سناٽو ڇانئجي ويو. پاڻ ڪيترين ئي محفلن ۽ پروگرامن ۾ بهترين فن جو مظاهرو ڪيائين.

پاڻ سدائين دوستن سان گڏ سفر تي ويندو هو انهن ۾ همسفر حاجي عبدالرزاق جتوئي، حافظ محمد بخش خاصخيلي، امين فقير مشوري، ڊاڪٽر قاسم چانڊيو ميول فقير ۽ ٻيا شامل هوندا هئا.

ڳوٺ ۾ ٽيندڙ راندين ۾ سائين انورالدين جتوئي ڀرپور حصو وٺندو هو. والي بال ۽ ڪبڊي راند جو بهترين رانديگر هو. ڪرڪيٽ سان بہ کيس ڏاڍي دلچسپي هوندي هُيس. سيد علي گوهر شاهہ جو ڪلام جو ڀهريون ياڱو گڏ ڪرڻ ۾ سندس ڪردار هو ۽ ٻيو ياڱو پڻ گڏ ڪيائين جيڪو پاڻ ڊاڪٽر قاسم چانڊئي کي ڇپائڻ لاءِ ڇپائين. سائين انورالدين جتوئي 2012ع ۾ بيمار ٿي پيو. کيس اوچتو بيهوشي ٿي. هُن کي نوشهروفيروز اسپتال آندو ويو. بعد ۾ سندس دوست مقبول چنا ۽ ٻين عزيزن ڪراچيءَ ۾ دماغ ۾ رت جمي وڃڻ ڪري اسپتال ۾ داخل ڪرائي آپريشن ڪرايو. ڇهن مهينن تائين پاڻ زندهہ رهيو. ان دوران هو ڏاڍو حساس بڻجي ويو ۽ رُئندو رهيو. ۽ چوندو رهيو تہ موت کي ڏسي نٿو ڏجان پر هاڻي مان ڳائي نہ سگهندس، ان لاءِ رُئان ٿو. پوءِ بہ بيماريءَ جي حالت ۾ راڳ جهونگاريندو هو. نيٺ هُن 12 فيبروري 2013ع ۾ پيروي جي آخري هڏڪي سان نواب شاهہ اسپتال ۾ دم ڏنو ۽ سندس ڳوٺ ٺوڙها ۾ راند جي ميدان تي جنازي نماز پڙهي وئي ۽

آخري آرام گاهہ لاءِ ماءُ ۽ پيءُ جي پرسان صابر شاهہ جي قبرستان ۾ سندس پياري دوست سائين حافظ محمد بخش خاصخيلي جي هن صوفي راڳ ۽ ڪلام سان کيس دفنايو ويو:

اج ٻڌي چڏ، پوءِ نہ ٻڌنديں، هن پکيءَ جون ٻولڙيون،
لامَ تان بيٺو لنوي، لاهوت جون ڪي لِولڙيون.

محمد سان ميثاق ۾ ويهي ڪيئي ڪلهہ وعدا،
ياد ڪر سي ٿول، ٿاٽا، ٿهڪڙا ۽ ٺولڙيون.

ڏيهہ ڏورانهين کان آئين، سانگ لاءِ سنسار ۾
شپ چڏي ڇڙ ڇڻ ۾ ويندين، ڇانگ واريون ڇولڙيون.

عشق جو اِلهام آندو آ پکي پرڏيهہ کان،
جهاڳ جهاڳي جهوڪ هل، حافظ پري ڪي جهولڙيون.

- ادريس جتوئي



انورالدين جتوئي هيوسٽن آمريڪا جي هڪ پارڪ ۾ گهر جي ٻارڙن سان گڏ



انورالدين جتوئي جو هڪ انداز



انورالدين جتوئي سبين جتوئيءَ
سان ڳالهائيندي

انورالدين جتوئي آمريڪا اُسهڻ کان اڳ هاءِ اسڪول نوان جتوئي
۾ ڏنل آجياڻي ۾ ڳائيندي

انورالدين جتوئي راڳ جي هڪ محفل ۾ ڳائيندي

حمل فقير جي ميلي تي محمد
ابراهيم جوبي سان انورالدين جتوئي
پرسان تاج جوبو ۽ معشوق ڏاريجو.



انورالدين جتوئي،
گهر جي ٻارڙن سان گڏ.



انورالدين جتوئي، ٿر جي دوري
دوران مارئيءَ جي ڳوٺ ڀالوا ۾
مارئي جي کوهه وٽ.

وچ ويٺل انورالدين جتوئي،
پنهنجن عزيزن مرحوم عبدالمجيد جتوئي،
مرحوم سرائي انورالدين، ناظم جتوئي،
سڪندر جتوئي، ڊاڪٽر غلام شبير جتوئي
۽ محمد قاسم جتوئي، سان گڏ
مڊ ايسٽ اسپتال ڪراچي ۾.



انورالدين جتوئي ۽ صنم ماروي
ڳوٺ ۾ اشفاق ۽ اخلاق جتوئيءَ جي
شادي جي تقريب ۾ ڳائيندي

انورالدين جتوئي جي ياد ۾
ٽيجهي جي موقعي تي تعزيتي
ميڙاڪي ۾ زاهد عالماڻي ڳائيندي

سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي پاران
انورالدين جتوئي سان رچايل رهاڻ جي
موقعي تي اسٽيج تي ويٺل نظام الدين جتوئي،
راشد مورائي، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري،
سڪندر خشڪ ۽ انورالدين جتوئي



پنجاب جي صوفي بزرگن جي درگاهن
جي دوري دوران اسلام آباد ۾ شاهه فيصل
مسجد وٽ انورالدين جتوئي،
حافظ محمد بخش خاصخيلي،
امين فقير، حاجن ۽ ٻيا بيٺل

سائين انور الدين جتوئي جي فيبروري 2014 تي ڳوٺ نوڙها ۾
پهرين ورسي جي موقعي تي مقرر تقريرون ڪندي

محمد عرس جتوئي


ناظم جتوئي


غلام سرور جتوئي


محمد اسحاق جتوئي

ادريس جتوئي


عبدالقيوم جتوئي

ڊاڪٽر قاسم چانڊيو

درمحمد ڪمال


مقبول چنا

منير احمد مبيجو


محمد عيسيٰ جتوئي


اصغر ٻٽي

سائين انور الدين جتوئي جي فيبروري 2014 تي ڳوٺ ٽوڙها ۾
ٿيل ورسي جي موقعي تي مقرر تقريرون ڪندي



عبدالحق پلهه



اظفر ميمڻ



غلام شبير جتوئي



حبيب خاصخيلي



خادم چانڊيو

اياز لنجار



عزيز پنهور



حاجن جانوري



گدا خاصخيلي



پنهل فقير ۽ فاروق فقير ڳائيندي

مختصر پروفائیل

اور

انٹرویو

انورالدين جتوئي استاد ۽ راڳي

مشهور استاد ۽ راڳي انورالدين ولد حاجي محمد عثمان جتوئي 2- فيبروري 1944ع تي ڳوٺ نوڙها، تعلقي موري ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڳوٺ نوڙها ۾ مئٽرڪ هاءِ اسڪول نوان جتوئي مان پاس ڪيائين. جنهن بعد ۾ استاد مقرر ٿيو. کيس ننڍپڻ کان وٺي ڳائڻ جو شوق هوندو هو. راڳ جي باقاعدي سکيا حافظ محمد اسحاق تلٽيءَ واري کان حاصل ڪيائين ۽ ان کانپوءِ استاد علي نواز خان ۽ امداد ميراثيءَ کان راڳ جي فن جي وڌيڪ سکيا ورتائين. کيس ڀٽائي جون وايون ڳائڻ ۾ دسترس حاصل آهي. هن صوفياڻا ڪلام وڌيڪ ڳايا آهن. هن وقت تائين پي.ٽي.وي سميت مختلف سنڌي چئنلن تي ڳائي پاڻ مڃائي چڪو آهي. ڀٽائي، سچل، قلندر شهباز جي ڪانفرنسن ۽ ٻين ثقافتي پروگرامن ۾ ڳائي ڪيترا انعام به حاصل ڪيا اٿس. هن آمريڪا ۾ به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي.

(انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد-5 تان کنيل)

راڳ عبادت آهي ۽ اندر جو اظهار آهي

(انورالدين جتوئي جو سنڌ اخبار کي ڏنل انٽرويو)

ڳالهه ٻولهه: قربان ڪوسو



راڳ اندر جي اظهار جو نالو آهي. راڳ آزي "منت" آهي مان راڳ کي عبادت سمجهندو آهيان. راڳ ۾ ايڏي ڪشش ۽ ڇڪ آهي جو سارنگ کي ان انداز ۾ ڳائڻ سان مينهن وسي پوندو آهي، پيلو ڳائڻ سان ڪپڙا پيلا ٿي پوندا آهن. ديپڪ ڳائڻ سان باهه لڳي ويندي آهي. اهو سُرن جو ڪمال آهي. اهڙن خيالن جو اظهار ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳائيندڙ تعلقي موري جي ڳوٺ "ٺوڙها" لڳ نوان جتوئي جي رهواسي استاد انورالدين جتوئي "سنڌ" سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته مان 1974ع کان تاجپور ويندو هيس جتي استاد منظور علي خان ۽ ٻيا "گويا" ڳائڻ لاءِ ايندا هئا، انهن کان متاثر ٿي مون راڳ سکڻ شروع ڪيو. راڳ ۾ منهنجو استاد فقير حافظ محمد اسحاق ٿلٽي وارو آهي ۽ گُرتار ۾ منهنجو استاد امداد علي ميراثي آهي، جنهن جو پيءُ ٻهرام فقير برصغير جي مشهور طبلي نوازن مان هو جنهن جو ذڪر رئيس ڪريم بخش نظاماڻي پنهنجي ڪتاب "ڪيئي ڪتاب" ۾ به ڪيو آهي. هن چيو ته منهنجي خاندان وارا شريعت جا پابند آهن. ڪجهه ڀاتي

راڳ کي پسند نہ ڪن پر مان راڳ کي عبادت سمجهي هن فن کي اپنايو آهي. هن چيو تہ مان پروفيشنل نہ پر شوقيہ ڳائيندو آهيان، منهنجي راڳ ڳائڻ جو مقصد ماڻهن کي خوشيون ڏيڻ آهي. منهنجي ڳائڻ سان جيڪڏهن ڪجهہ دليون راضي ٿين ٿيون تہ مون کي خوشي ٿيندي آهي. هن چيو تہ راڳ خُدائي آواز آهي، صوفين ان کي رب جو آواز سڏيو آهي. جڏهن تہ ويراڳ معنيٰ بيقرار ڪندڙ يا اهو راڳ جيڪو محبت ۽ عشق جو راڳ هجي. ڪلاسيڪل راڳ بابت ڳالهائيندي سنڌ جي هن سُريلي راڳي چيو تہ راڳ ۾ تي ڳالهيون هونديون آهن، شاعري راڳڻي يعنيٰ آلاپ ۽ تار جنهن بہ ماڻهوءَ کي ان جي ڄاڻ هوندي سو راڳ مان ڄاڻ رکي ٿو ۽ خاص ڪري ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳائيندڙ فنڪارن کي انهن شين جي ڄاڻ رکڻ ضروري آهي ۽ ان سان گڏ ماترائن ۽ نوٽيشن جي بہ ڄاڻ رکي. ڪلاسيڪ راڳ جو اصل مقصد پڙ درجي بندي پورو راڳ يا مڪمل راڳ آهي. هن ٻڌايو تہ اصل وڏا "شد" 6 راڳ آهن. پيرو هنڊول، مينگهہ سري راڳ، ديپڪ ۽ مالڪوس. اهي وڏا راڳ آهن. باقي ٻيا راڳ انهن جا ٻاڙا ۽ راڳڻيون هونديون آهن، جڏهن تہ هر راڳ کي ڳائڻ جو پنهنجو ٽائيم هوندو آهي، راڳ "بسنت" جيڪو بهار جو راڳ آهي. سال ۾ هڪ ڀيرو بهار جي موسم ۾ ڳائبو آهي، پر اڄ جي دور جا فنڪار وقت جو خيال نٿا رکن.

ٻي راڳڻي اڳئين دؤر جا صوفي راڳي ۽ ٻيا فنڪار ٽائيم جي حوالي سان راڳڻيون ڪندا هئا ۽ محفلن ۾ ڳائڻ لاءِ ايندڙ صوفي راڳي واري جو انتظار نہ ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو "سنگ" سج لٿي پهچندو هو تہ جيئن ٽائيم تبديل ٿيندو ويندو هو تہ راڳ بہ تبديل ڪندا هئا. هن چيو تہ يڪتارو ۽ چپڙي ماترائن سان ٻڌل هوندا آهن، انهن جو واسطو تار سان هوندو آهي ان ۾ سُرن جي خبر نہ پوندي آهي. باجو ٻين سازن کان اڳ ۾ وجود ۾ آيو. عارفاڻي ڪلام بابت هن چيو تہ اهڙو راڳ جنهن ۾ مرڪزيت هجي جڏهن تہ صوفين ۾ مرڪزيت آهي. جنهن راڳ ۾ توحيد ۽ وحدانيت سمايل هجي ان کي عارفاڻو ڪلام چئبو آهي. اِنور الدين چيو تہ يوناني طب وانگر اسان جو راڳ بہ ختم ٿي رهيو آهي، جيئن هو علاج

جو نسخو ٻئي ڪنهن کي نہ ڏيندا هئا ڪجهہ فنڪارن ۾ بہ اهڙين ئي تي رهيو آهي. گواليار جا خانداني ڳائڻا صرف پنهنجي خاندان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ راڳ جي سکيا نہ ڏيندا هئا. انهن جي ان ڳالهہ جي ڪري راڳ پنهنجي اصلي صورت سڪندڙ ۽ ٻڏندڙ تائين نہ پهتو جنهن ڪري سکيا جو عمل اڳتي وڌڻ بجاءِ ختم ٿي رهيو آهي. ان صورتحال ڪري سنڌي موسيقيءَ جو مستقبل اونداهو نظر اچي ٿو. جو تہ استاد يوسف ويو تہ ٻيو يوسف نظر نہ ٿو اچي. استاد گلزار جي وڃڻ کان پوءِ ٻيو گلزار پيدا نہ ٿي سگهندو. جڏهن تہ ڪيسٽن جو بہ سنڌي موسيقيءَ جي تباهيءَ ۾ وڏو ڪردار آهي. ڪيسٽ ڪمپنين لالچ ۾ اچي پئسن عيوض ڳائڻ جي لوڏ پيدا ڪري ڇڏي آهي، جن کي سر تار جي بہ خبر نہ آهي اهي بہ فنڪار ٿي پيا آهن. ڪي چند فنڪار آهن جيڪي يڪتاري ۽ باجي تي راڳ کي اصلي شڪل ۾ پيش ڪندا آهن نہ تہ پينگ لڳي پئي آهي. چند شاعرن جي شاعري ڪانسواءِ باقي شاعرن جي شاعريءَ ۾ "فطرت" اصليت نہ آهي ۽ مون کي اها مصنوعي شاعري لڳندي آهي. هن ڇيو تہ استاد گلزار علي خان ۽ شفيع مگٹهار منهنجي پسند جا فنڪار آهن. ريڊيو ٽي وي ۽ ثقافت کاتي سنڌي فنڪارن کي ڏنيپ ڏنا آهن. هڪ تہ هو سنڌي فنڪارن کي معاوضو بہ پورو نہ ڏيندا آهن ٻيو تہ اهڙن فنڪارن کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي جن وٽ ٻولي ۽ فن جي ضمانت آهي. هن چيو تہ حڪومت کي فنڪارن جي سکيا جا ادارا قائم ڪرڻ گهُرجن.

—

(اربع 22 جولاءِ 1998ع تي روزاني 'سنڌ' حيدرآباد ۾ ڇپيل)

تاثراتي مضمون

فقير امداد علي لغاري
(درگاهہ فقير نواب ولي محمد سائين، تاجپور)

سچائيءَ وفا جو نشان۔ اُستاد انورالدين جتوئي

ڪو پَهہ پيو جوڳئين، پُريا تَنهين پار
جِت گنگا نہ گومتِي، نڪو جوڳ جُهار
نڪو ذِڪر نہ فِڪر ڪو، نہ ڪا جِيت نہ هار
لڳو رنگ روحل چوي، اُت آديسين اَپار
جنهن جو آر نہ پار، وجي تِت ڳياٺون تڪيو

برهہ ءَ بيراڳ جي، جَن جَڙ لڳي منجهہ جِيءَ
سوجهي سَچ سرير مَوُن، تَن پريمن پاتو پِيءَ
مَرڻ جِيئڻ جو مَنَ موُن، تَن سامِين لٿو سيءَ
ناٿِ نماڻا ٿي، وجي روحل رَتا رام سَان

اسان جو پيارو دوست، بهترين تعليمي اُستاد، راڳ جي ڄاڻ رکندڙ سنڌ جي صوفياءِ ڪرام ءَ اهل الله جي ڪلام کي هر مجلس ۾ دِل جي ذوق سان ڀرپور انداز ۾ ڳائي سامعين ءَ ناظرين تي سحر طاري ڪرڻ وارو انسان، اُستاد انورالدين جتوئي صاحب اڄ اسان سان بظاهر جسماني طور گڏ نہ آهي، پر سندس حياتيءَ ۾ اسان سان گڏ گهاريل گهڙيون، گڏجي ڪيل محفلون اولياءَ الله جي مڪانن تي ڪيل حاضريون، اِهي سڀ يادون تازه بہ تازه دِل ءَ دماغ ۾ سمايل آهن.

اسان کي سندس پونئرن طرفان دعوت ملي تہ اُهي صاحبِ اُستاد انور جتوئي جي چاليهي جي موقعي تي هڪ خاص پروگرام ترتيب ڏئي رهيا

آهن، جنهن ۾ اسان کي به سندس گهڻ رُخي شخصيت جي باري ۾ تاثرات بيان ڪرڻ لاءِ حڪم ٿيل هو.

اُن موقعي جي مناسبت سان، محبت ۽ خلوص جو اظهار ڪندي هي چند سِٽون اُستاد صاحب جي ياد ۾ پيٽا طور پيش ڪيانِ ٿو.

اُستاد انورالدين جتوئي بنيادي طور بلوچ قبيلي جو فرد هو. سنڌ جي مردم خيز مِٽي واري علائقي ساهتي پرڳڻي جي پَر ۾ نوان جتوئي واري شهر پرسان ڳوٺ نوڙها جو رهواسي هو. سندس ڳوٺ ۽ اُن جي آس پاس علمي ادبي حوالي سان سنڌ جا ناميارا اديب، شاعر، فقير ۽ اهل الله بزرگ ٿي گذريا آهن. جن ۾ محمد فقير هيسباڻي، سيد ثابن شاهه سيد نبن شاهه صوفي، سائين علي گوهر شاهه وغيره مشهور درويش صفت انسان ٿي گذريا آهن. انهن کان علاوه اُستاد جمال دين مومن، حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ فقير رمز علي خاصخيلي جهڙا سخن پرور ۽ سخن شناس اديب ۽ شاعر به مشهور ۽ معروف هئا. هنن بزرگن مان گهڻن سان اُستاد انور جون ڪچهريون ٿيون. پاڻ سندن صحبت ۽ سنگت مان گهڻو ڪجهه پرايائين.

مُروجه نصابي تعليم حاصل ڪرن کان پوءِ پاڻ عملي طور اُستاد جي پيشي سان وابسته ٿيو ۽ تعليم کاتي ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳو. اسان هڪ اُستاد جي حيثيت سان سندس ڪيل ڪاوشن ۽ خدمتن جو چڱي طرح اڀياس ڪنداسين ته اِهو معلوم ٿيندو ته هِن ميدان ۾ پاڻ جتي به جنهن به اسڪول ۾ معلم يا هيڊ ماستر ٿي رهيو ان اسڪول کي وڏي ترقي وٺرايائين. شاگردن جي علمي، ادبي ۽ اخلاقي تربيت ڪيائين. بند اسڪولن کي کولائي ان جي ڪارڪردگيءَ کي عروج تي پهچايائين. ان سلسلي ۾ آيل رنڊڪن ۽ رڪاوٽن کي وڏي همت، توجهه ۽ دُورانديشي سان دُور ڪيائين. اِهو ئي سبب آهي جو هِن وقت سندس شاگردن جو ڪثير تعداد هِن معاشري جي تعمير ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. اُستاد انور دين جتوئي جي، جَن به شاگردن سان هِن راقم جي ملاقات ٿي آهي اُهي سندس لاءِ نهايت عزت، احترام ۽ شڪرگذاري وارا جذبات رکن ٿا.

سندس هڪ شاگرد ڊاڪٽر برڪت لغاريءَ سان جڏهن ملاقات ٿي، ته پاڻ سندس، تعليمي اوسر جو سچو ڪريڊٽ سائين اُستاد انور دين

جتوئيءَ کي ڏنائين. ڊاڪٽر برڪت لغاري جو ڳوٺ ٿل شهر کان اوپر طرف مسور جي واءِ سان ويجهو لغارين جي درميان ۾ آهي. پاڻ ٻڌائين ٿا تہ اُستاد انور دين جتوئي ان زماني ۾ سندس ڳوٺ جي ڀرواري واري اسڪول ۾ بدلي ٿي آيو. اسڪول جي شاگردن تي ايترو توجهہ ڏنائين جو اُنهن جي تعليمي لياقت نوشهري شهر جي هاءِ اسڪول وارن شاگردن کان بہ بهتر ٿي وئي.

نوان جتوئيءَ جي آس پاس مختلف درگاهن تي فقرائي صوفيانہ راڳ جون مجلسون اڪثر ٿينديون رهنديون هيون. خصوصا سيد نبن شاهہ جي مڪان تي اُن دؤر جا بهترين راڳي فقير پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهندا هئا. اُستاد انور دين کي راڳ سکڻ ۽ ڪلام ڳائڻ جو شوق پيدا ٿيو. ان شوق جي تڪميل ڪرڻ لاءِ راڳ ڳائڻ لڳو. بنيادي طور سندس لاڳاپو نوان جتوئيءَ جي فنڪارن ۽ راڳي فقيرن سان هئو جن ۾ رمز علي فقير خاصخيلي، دريا خان فقير ۽ ٻيا آهن. پوءِ جڏهن سال 1966ع ڌاري قبلہ فقير نواب بهاول سائين جن نوانَ جتوئيءَ ۾ سائين نبن شاهہ جي مڪان تي اچڻ وڃڻ لڳا تہ اُنهن جي فقرائي راڳي فقيرن مان حاجي بچل چني ۽ فقير محمد عثمان سولنگي سان سندس گهڻي صحبت ۽ رفاقت رهي. پاڻ مٿي ذڪر ڪيل فقيرن سان گڏجي ڪلام چوندو هو ۽ اڪثر راڳڻين جي ڌُنن ۽ طِرزن کي عثمان فقير جي گائيڪي واري انداز ۾ قائم رکي ڳائڻ لڳو.

اُستاد انور جتوئي، قبلہ فقير بابا بهاول سائين جن جي محبت ۽ شفقت کان گهڻو متاثر ٿيا، اهڙو پريمي پيچ پئجي ويو جو هَر اُن ميلي ۾ پاڻ شريڪ ٿيندو هئو جتي قبلہ فقير بهاول سائين ۽ سندس فقراءَ موجود هوندا هئا. درگاهہ فقير ولي محمد سائين، درگاهہ جهوڪ شريف، درگاهہ محمد فقير کنياڻ ۽ درگاهہ مصري شاهہ تي تقريبا هر سال ميلن ۽ ڌاڙن تي شرڪت ڪرڻ لڳو.

ان زماني ۾ موسيقي جي دُنيا جو پراڻو فنڪار حافظ اسحاق راهہ پوتو پڻ درگاهہ جهوڪ شريف آيو. اتي حضرت قبلہ سائين حاجي محمد وارث شاهہ جن جي سامهون حاضريءَ ۾ ڪلام چوڻ لڳو. درگاهہ جهوڪ شريف

تي سندس ملاقات فقير بابا بهاول سائين سان ٿي ۽ اُتان حافظ اسحاق تاج پور آيو. اهڙيءَ طرح سچي سنگت سان سندس صحبت جو سلسلو شروع ٿيو. اسان جي دوست اُستاد انور دين کي حافظ صاحب جي تربيت نصيب ٿي. پاڻ حافظ اسحاق کي سندس ڳوٺ ٺوڙها جتوئي ۾ رهايائين ۽ باقائده راڳ جي اصل رمزن، سُر، تار ۽ گُر وغيره کان آشنا ٿيو. سندس آواز نهايت بلند ۽ سُرن جي لاهين چاڙهين لاءِ موزون هئو. ان جو اظهار بہ خوب طرح ڪندو هئو. بهرحال پاڻ هر درگاهہ تي، هر مجلس ۾ جتي بہ راڳ ڳايائين تہ ڪيس آفرين ۽ شاباس جو تحفو ضرور ملندو هئو.

7 جنوري سال 1989ع تي منهنجي والد صاحب فقير بابا بهاول سائين جي وفات کان پوءِ اُستاد انور دين جتوئي هن راقم الحروف سان بہ پيار ۽ وفا جو ناتو نڀائيندو رهيو. ذاتي طور پاڻ يارن جو يار ۽ ادبي مجلسن ۾ نمايان نظر ايندڙ هر دلعزيز انسان هئو. پاڻ سٺي منصب تي فائز هڪ پڙهيل لکيل معزز شخص هئو. مگر جڏهن فقرائي محفلن ۽ ميلن ۾ ويندو هئو تہ فقراءِ سان گڏ رهندو هو. وڏائي، تڪبر يا تلخ مزاجي جو اظهار نہ ڪندو هئو. هر حال ۾ راضي رهڻ، راڳ ۾ وارو مليو تہ واه واه جي اتفاقا نہ مليو تہ بہ ڀلو ٿيو.

سال 1996ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ هن بندي کي زيارتن جو سفر نصيب ٿيو هي. سفر تقريبا چاليهہ ڏينهن ڪن جاري رهيو. پهريائين سعودي عرب وڃڻ ٿيو. مڪي ۽ مديني ۾ طواف، عمري ۽ روضہِ رسول جي زيارت کان مستفيض ٿياسين. جتان شام جي ملڪ ۾ دمشق، زينبيہ ۽ ٻين شهرن جون زيارتون ٿيون. عراق جي مشهور شهر بغداد، نجف، ڪربلا معليٰ سامره ۽ ٻين ڪافي مشهور زيارتن ۽ درگاهن تي حاضري ٿي. آخر ۾ ايران جي شهر قم شريف، مشهد شريف ۽ تهران ۾ روضن ۽ درگاهن تي پڻ درود و سلام پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي.

هن سفر کان واپس ٿيڻ بعد، هِن بنده راقم هڪ نعت شريف ۾ حضور سرڪار دو عالم جن جي حضور ۾ هڪ التجا ڪلام جي صورت ۾ پيش ڪئي.

اي خَتمُ الرُسل، مولاءِ ڪُل، حاضر جي بيٺا آهيون
جو ڪجهہ پيي آهيون، جهڙا پيي آهيون، سرڪار اوهان جا آهيون

هِن عاجزانہ التجا واري ڪلام جي ڏُن مون پاڻ ٺاهي هئي. البتہ اُن ڏُن ۾ ٺهيل ڪلام کي فقير عثمان سولنگي تمام بهتر انداز ۾ ڳائي پيش ڪيو. ڪلام نهايت مقبول ٿيو جو سيني عاشقانِ رسول الله جي دِلي جذبات جي ترجماني ٿيل هئي. پوءِ ساڳيو ڪلام مشهور راڳي شفيع محمد فقير عمرڪوٽ واري ۽ ٻين فنڪارن بہ سٺو ڳايو. مگر هِن ڪلام کي جڏهن اُستاد انور دين جتوئي محفلن ۽ مجلسن ۾ ڳايو تہ سامعين جي ڪيفيت مَتجي ويندي هئي. ڪلام جي مضمون کي صحيح طريقي سان پيش ڪرڻ جو حق ادا ڪندي تمام سهڻي انداز ۾ ان کي ڳاياائين. ڪي ديني ۽ روحاني اجتماع، جتي ساز ۽ ڍولڪ وغيره وڄائڻ جي بظاهر منع هوندي هئي، اُتي بنان سازن جي هن نعت شريف کي ڏاڍي پياري سُر سان ڳائي داد حاصل ڪيائين.

اسان جي هِن دوست جي وڇڙي وڃڻ سان نہ صرف تعليمي، علمي ادبي دنيا ۾ يا راڳ ۽ فن جي چاهيندڙن ۾ خال محسوس ٿيو آهي پر خلوص، محبت ۽ وفادار دوستيءَ جي حوالي سان پڻ سيني دوستن کي وڏي ڪمي محسوس ٿي آهي، جيڪو احساس شايد آخر عمر تائين رهندو.

آخر ۾ اُستاد انور الدين جتوئي جي روح کي دُعائن، درودن جو تحفو پيش ڪندي اِهو عرض ڪندس تہ اُن ختم الرُسل، مولاءِ ڪُل جي شفاعت، رحمت ۽ محبت ڪيس نصيب ٿيندي ۽ رحمت آللعالمين جي جهنڊي جي سايي ۾ سندس مسڪن هوندو. انشاءَالله تعاليٰ

ان سان گڏ اسان سندس اولاد لاءِ پڻ دُعاگو آهيان. رب ذوالجلال کين دُنيوي، اُخروي ڪاميابين سان همڪنار ڪندو. الله پاڪ جل شانه اسان سيني کي سندس حبيب جي صدقي ۾ پنهنجين نعمتن ۽ رحمتن سان نوازيندو. آمين.

(23 مارچ سال 2013ع، ڳوٺ ٺوڙها ۾ سائين انورالدين جتوئي جي چاليهي جي موقعي تي پڙهيو ويو)

ساڻي ويڙهه سي....
پيارو سائين انورالدين جتوئي

ساڻي ويڙهه سي، جي هُئَم هِنئين ٽُوٽِيُون،
هاڻي ڪِنين جي، وَيجيو آڱِڻ اُپيان؟
(شاهه)

منڙي جيجل واديءَ سنڌ پنهنجي ڪُک مان اسان کي سورهيه سهڻا سچا سپوت مرد متير، اولياء ابدال ۽ سُخن فهم ۽ سخن ور انسان ڏنا. اهڙن سچن ۽ سخن ور انسانن مان سائين انورالدين جتوئي به هڪ هو ۽ پنهنجو مٽ پاڻ هو سندس جنم يومي نوڙها شهر هو سندس بابا حاجي محمد عثمان جتوئي هو.

حاجي محمد عثمان کي 1941ع ۾ پٽ انورالدين ڄائو جنهن جمڻ کي سونهن سوبيا، علم عقل ۽ سخاوت سان شايد رب تعاليٰ اڳيئي نوازيو هو هُو ڳوٺ نوڙها ۾ هڪ پلوڙ استاد محمد عثمان سومري وٽ پڙهيو سائين محمد عثمان سِهڙا مان پنڌ سج اُڀرڻ کان اڳ ۾ ايندو هو. سج لهڻ کانپوءِ گهر واپس ويندو هو.

سائين محمد عثمان جي روشن چراغ مان ڪيئي علم جا ڏيئا روشن ٿيا، جنهن مان فيض سائين انور کي به مليو. جيڪو آخري دم تائين استاد

جا احسان ڳائيندو هو ۽ چوندو هو اسان جي شهر نوڙها کي علم سان نوازيو تہ سائين محمد عثمان سومرو.

منهنجي پهرين شروعات جي واقفيت سائين انور جي در تي سندس مامي علي حسين جتوئي جي دڪان تي ٿي، مان ۽ بابا سائين اچون پيا، سائين انور ڳايو پئي، ڳائڻ جو انداز هوبهو سينگار علي سليم جو ۽ ڪلام بہ ان جو ڳايل ٿي ڳاياڻين. مون بابا کان پڇيو. بابا! سينگار علي سليم اهو آهي ۽ ويجهي بہ اچي وياسين. بابي سائين کي گار ڏئي ۽ مُرڪي چيو اهو انور جتوئي آهي، تون ڪونہ سڃاڻين. پوءِ تہ ويٺل پوڙها پڪا سيني سائين انور کي پيار جون گاريون ڏنيون ۽ سائين مون سان چرچا ڪيا تہ "ميڏا ڳاوڻ ماهين ڪون نہ ٻڌاوين." بابي چيو پيٽئي ڊٺو.

پوءِ پوڙهن اسان کي ويهاري ڇڏيو جنهن ۾ ڪچهري، ڏور ڳجهارت ڏٺ پرولي ٿي.

انهن پوڙهن ۾ ويٺل چاچو احمد جوڳي عالماڻي، چاچو تراب فقير، چاچو صيفل فقير جتوئي، چاچو ايوب حجم، سندس پٽ يعقوب ميوو فقير عرف برڪت فقير عالماڻي، محمد يوسف جتوئي ۽ سندس وڏو ڀاءُ علي حسين جتوئي، چاچو محمد اياز سوڀو جتوئي ۽ ٻيا بہ ڪافي ڪچهريءَ ۾ ويٺا. ڪچهري گهڻي تائين هلي سائين انور بہ ڳجهارتون ڳوليندو رهيو چاچو عمر رند عالماڻي ۽ محمد رند مڙني ۾ تکو هو ۽ ڳجهارت جو ڳجهہ ليپي پئي تہ وهواه اهڙي ٿئي جو سڄي شهر نوڙهن ۾ ڄڻ هُل پکڙجي وڃي پوءِ اسان سائين کان وري بہ راڳ چورايو ڏاڍو مزو آيو.

سائين انور جتوئي راند ڪبڏيءَ ۽ ونجهوٽي جو تمام بهترين رانديگر هو. ڪبڏي راند تي ڏسڻ سان منهنجي دل گهڻي خوش ٿيندي هئي، ان کان سواءِ سائين والي بال جو بهترين رانديگر هو هاڻي اِها تہ 1970ع کان اڳ جي ڳالهہ ٿي ان کان بعد ۾ سائين انور ايس. آر. ٽي. سي ۾ نوڪري ورتي ۽ پوءِ تعليم کاتي ۾ آيو ۽ بهترين استاد ثابت ٿيو. ڪيترن ئي ٻچڙن جي هڙان وڙان مدد بہ ڪئي ۽ پڙهايو بہ. هن محبوب ماڻهوءَ ۾ انسانيت جا سڀ گڻ هئا. چوندو هو حاجن سائين ماڻهو آهيان پر ماڻهپو ٻي شيءِ آهي، انسان آهيون پر انسانيت وڏي ڳالهہ آهي.

1983ع ۾ منهنجو پيءُ گهنور خان جانوريءَ سگهڙ موڪلائي ويو. سائين انور جتوئي ۽ حافظ محمد بخش خاصخيلي مون کي ٻانهن مان وٺي گڏ پاڻ سان هلڻ سيکاريو ۽ اتر، لاڙ ڪوهه، ڪاڇو ٿر، ٻر، ڳچو پڪو گهمڻ شروع ٿيو. بقول حافظ محمد بخش ته چاچا سگهڙ فن جو ڪچهريون اڄ عشق جي اري ۾ پوءِ راڳ ويراڳ سان گڏ سگهڙ فن به هو ۽ جتي به ويجون سي سونهارا هنڌ ٿيون پون، سڄيون سڄيون راتيون گذري وڃن سات ۾ حافظ محمد بخش، استاد انورالدين، هادي بخش سيٺار، سيد فضل شاهه هي ناچيز حاجن جانوري سفر ۾ گڏوگڏ اڪثر ڏٺو ويندو هو ته هي ڳالهه ۾ ڏسڻ ۾ ايندي هئي، جتي رهي راتڙي، سي سونهارا هنڌ.

محفل مچندي هئي ته ماڻهو پريشان ٿي ويندا هئا ۽ عمر دراز ماڻهو چوندا هئا ته سائين پاڪستان کان اڳ ۾ اهي ڪچهريون ٻڌيون سين جڏهن هندو ڀڳتي ڳائيندا هئا. وري اڄ اِها ڪچهري ٻڌيسين. توهان اسان کي پرسو مل ڀڳت يا ڪنور رام ڀيا لڳو واه واه جو ڪچهري ٿي، ماڻهو هڪ جاءِ کان ٻئي هنڌ هلڻ لاءِ پڻ دعوت ڏيندا هئا.

راڳ جي دنيا ۾ سائين انور جتوئيءَ کي عشق ۽ شوق هو باقي سندس لاءِ هي ڌنڌو يا ڪاروبار بلڪل ڪونه هو. ثابت آهي جيڪي به پئسا ٿيندا هئا سي سازيندا پاڻ ۾ ورهائي کڻندا هئا يا وري مٿان ڪو پيو ڳاڻو آيو ته اهي اچي کڻندا هئا. باقي سائين انور پاڻ هرگز ڪونه کڻندو هو ڪنهن وقت ڪيس چوندا هئاسين سائين عشق جو نذرانه آهي اهي سنگت جا محبت ۾ ڏنل نذرانه کڻو ۽ کڻندو هو!

راڳ ۾ پهريائين سکيا يا ڪجهه تعليم هِن استاد ٻيبي خان وٽ ورتي. استاد منظور علي خان ٺوڙهن ۾ ايندو هو چاڪاڻ ته سائين انور شروعات ۾ نعت خوان به هو هِن جُون نعتون تمام مشهور هيون، نعت پاڪ ۾ ساڻس گڏ فقير غلام حسين ڪنير گڏ ڳائيندو هو.

ٻيو اثر سائين تي پنهنجي ڳوٺ جي وڏڙن جو به هو جنهن ۾ صبنفلي فقير، تراب فقير، برڪت فقير ۽ ٻيا فقير، تمام راڳ، راڳڻين جا پڪا ڳائڪ هئا، سائين انور باقائدهٔ سکيا ورتي، استاد منظور علي خان، پوءِ استاد حافظ اسحاق ٺلتيءَ وارو ۽ ان کان پوءِ استاد مِنو ميراثي، قاضي

احمد وارو ۽ استاد امير بخش ميراثي هن علائقي جو استاد راڳي آهي. ان کان پوءِ استاد صدورو مهر. انهن کان استاد انور سکيا پڻ ورتي، انهن سيني جي عزت ڪندو هو ڇاڪاڻ تہ اهي جهونڙا باقي ٽائيم مون سان گڏ نوان جتوئي ۾ هوندا هئا ۽ مان سندن خدمت ڪندو هوس، ڇو جو سائين انور اسڪول يا ڪنهن ڪم جي ٽائيم تي ڪونہ هوندو اهڙن دل وارن کي گفتگو ۾ وندر ڪيي.

سائين انور تي سيني راڳڻين جو اثر هو ۽ ڏيان سان ٻڌندو بہ هو ۽ دل ۾ سانڍيندو هو. ٻڌڻ لاءِ استاد عاشق علي خان، استاد اُميد علي خان، استاد بڙي غلام علي خان، استاد ڇهوٽي غلام علي خان، استار ٻيبو خان، استاد منظور علي خان، استاد فتح علي خان ۽ حامد علي خان، ملڪ ترنم نورجهان ملڪ موسيقي، روشن آرا بيگم ٻيا ڪوڙ سارا استاد ڳائڻا ڪلاسيڪل نيم ڪلاسيڪل غور و فڪر سان ٻڌندو هو.

اڪثر ڪري سائين انور جتوئي خيال يا ٺمري ڪونہ ڇنئي باقي ڪجهہ آستايون سائين کي ياد هيون ۽ مُرڪون ۽ مينڊون سهٽيون ڏيندو هو. سنڌس راڳن ۾ سُرور ايترو هو جو استاد ڳوين کي بہ رهائي سائين انور کي ٻڌڻ پسندا ڪندا هئا ۽ پن تن ٻولين ۾ واه واه تي ويندي هئي.

سائين انور جيڪي راڳ پسند ڪندو يا ڪيس کان ڇورايا ويندا تن ۾ راڳ ڪلياڻ، آيمن ڪلياڻ، ڀوپالي تلنگ، ڀيروي، ڀيرو مالڪوس، ڪنوسيو ڪنيات، وهاڳ، ٻاڳيسري، ڪوشڪ ڏني، سهٽي پوريہ، مارو، پوربي، ڪوهياري، بڇهاڙي ڪماچ، سورٺ، ديش، بلاول، آسا، ميان جي ٽوڙي، حسيني ٽوڙي، پيلو درباري، راٺو ڀيم پلاس، جوڳ، لوڙائو پرياتي، مينگهہ، بسنت سارنگ، ملهار درگا، اڙانو بهار ڪانرو ملتاني ڀيروي، ڪاموڏ، ڪاريهر، مانجهہ وغيره ۽ ٻيا ڪوڙ سارا راڳ سائين انور جدا جدا ڪري ٻڌائيندو هو. جيتوڻيڪ راڳ ايترا تہ ڳڏيل آهن جو اها خبر صرف استاد ڳوين ۽ پنڊتن کي هوندي، ڇاڪاڻ تہ هيٺ مٿي سُر لڳائڻ امروهي اروهي سُرن جو چڪر آهي!

سائين! انور جتوئي وڏو اسان سڀني تي خاص ڪري مون تي فاروق فقير عمراڻي تي ۽ ڪيترن دوستن تي احسان ڪيائين جو راڳ ۾

راڳڻيون اسان کي سيکاريون، سندس خيال هو جيسين تائين ٻڌڻ وارا نہ هوندا تہ ٻڌائڻ وارا ڇا ڪندا؟

جڏهن قديم زماني ۾ استاد ڳائڪ ڦيرائين ٻڌڻ ۽ سمجهڻ سيکاريندا هئا سنڌ ڌرتيءَ تي راڳ جي سُرن تي ڀاڪا ۽ چوٽيون نهيون. مثال ڪجهہ ڏجن ٿا:

جيئن ڪاوڙ ۾ هڪ ماڻهو ٻئي کي چوندو هو: (1) فلاڻي ڪم نہ ڪيو مان بہ در تي لوڙائو ٻڌائي آيو آهيانس. (2) يَر مينهن بہ ڪٽي مانجهہ ٻڌي آهي. يا تہ وري اهڙو مثال بہ جو اُن جو تعلق لئي تار سان هو ادا هي بي سُرو هي بي گُرو آهي، هِن لئي سڀ وجائي ڇڏي يعني سنڌ جا ماڻهو راڳ کي عبادت سان گڏ وڏي وٿ سمجهندا هئا. گرونات، مڇندرنات، سومنات، ويرنات، گورک نات اهو دور گروئن ۽ چيلن جو تہ راڳ کي عبادت سمجهندا هئا ۽ گرو پنهنجي چيلن کان سوال پڇندا هئا.

گرو: گرو جي گاتا پلا کہ سُنتا پلا.

چيلو: گرو جي سُنتا پلا.

يعني ٻڌڻ هجي تہ ٻڌائڻ واري جي ڏهہ ڏهہ پيرا، هن جي دل خوش ٿيندي، ڳائڻ واري کي مزو اچي ويندو.

سائين انور الدين جتوئيءَ سان ساٿ ۾ ڳائڻ وارا ساٿي حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ پيرسن سيد فضل شاهہ (ڳوٺ اپريو شاهہ) ساٿ ۾ هوندا هئا.

ٻڌڻ جا شائق حاجن جانوري، محمد امين مشوري، هادي بخش سينار، سيد گلڙو شاهہ، سيد حاجن شاهہ ۽ ٻيا ڪافي سارا دوست سائين جي ٻڌڻ لاءِ عاشق هئا، عام ماڻهن کي ايترو جوش ۽ جذبو هوندو هو جو سڄو پنڊال خوشيءَ ۾ گم هوندو ۽ هرهڪ تي جڻ وجد طاري ٿي ويندو هو.

مون هِن پريڻ سان گڏ زندگيءَ جا ٽيهہ سال پورا سفر ڪيو ۽ هرهڪ ساٿيءَ کي سنڀالڻ ۽ ديگ پال ۽ سفر خرچ ڪرڻ جو ڪوڏيو انسان، ڪارائڻ پيارڻ جو مڙس ماڻهو پنهنجي خرچ ڳاڏين ڪراين سڄي سنگت مان صرف فقير محمد امين مشوري سائين کي ڪنهن ڀاڻي سو بہ زوريءَ ڪجهہ پئسا ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندو هو باقي حافظ محمد بخش،

حاجن هادي بخش سينار صرف الله جو نالو. هِن مرد متير اسان کي پوري سنڌ جا صوفي ۽ صوفين جون درگاهون ذرو بہ ذرو گهمايون.

علائقا ڪڇو ڪاڇو ڪوهستان ٿر، بر، اتر، لاڙ وچولو. مطلب تہ سنڌ جا طبعي ڀاڱا سڀ جو سڀ. ڪڏهن ڪڏهن ادو ميول فقير، نماڻو سنڌي، حاجي عبدالرزاق جتوئي، خاص روح جي وندر لاءِ حاجي محمد يوسف خاصخيلي، انور خاصخيلي، سالار دونگهہ ۽ ٻيا ڪيترا غريب ٻاڻ سان سفر ۾ ضرور ڪٽندو هو. ان جو مطلب اهو تہ حافظ محمد بخش وٽ علم سڀ هو. حاجن جانوري وٽ لطيف سائين هو. ميول بہ لطيف سان واڳيل هو امين سائين وٽ فڪر هو ۽ حاجي محمد يوسف وٽ ذڪر هو. انور وٽ راڳ، سنگت ۾ سيئي سُهاڳ هئا. شايد سائين انور وٽ اڪبر بادشاهہ جيان نَوَرتن هئا ۽ جيڪي دماغ بہ هئا، سائين انور کي اِها سونهن رب تعاليٰ عطا ڪئي يا هي بہ مثال ڏئي سگهجي ٿو تہ حضرت لطيف سان تمر بہ هو تہ وڳند بہ هو راڳ ويراڳ جا ڪافي ڄاڻو هئا!

ساٿ ۾ سنا ڊرائيور حضور بخش، حاجي عبدالرحمان ملاح، حاجي عبدالرزاق ۽ اڪبر پهنور بہ هوندو. هاڻي جيڪڏهن ڪاٿو ڪجي اهڙيون ڪچهريون ڪيڏيون تہ من کي موهيندڙ هونديون ۽ ڪيئن نہ روح کي راحت ڏينديون، سفر تان جڏهن موٽڻ ٿيندو هو تہ واه مسافر فقير ڪافي، ڪلام سان ڳڏ الاهي سُرن جي آلاپ ۾ چوندا هئا، ڪڏهن حافظ پنهنجي مدّم آواز ۾ ڳائيندو هو ڪڏهن سائين انور ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳائيندو هو تہ ڪڏهن محمد امين، حاجن ۽ حاجي يوسف پرياتي راڳ ۾ ذڪر ۽ ڪلام چوندا هئا.

ٻولي صوفي فقيرن جي ڪانسواءِ باقي نہ جنهن ۾ خاص ڪري خير محمد هيسباڻي، نواب ولي محمد، عثمان سانگي، منثار فقير راڄڙ، محمد فقير کتياڻ، مصري امام، حضرت علي گوهر شاهہ، علي محمد ٽالپر، رکيل سائين، چيزل سائين، بڍل، بيدل، انور سائين، اعجاز سائين ۽ ٻيا ڪيترا صوفي ويراڳي جن جو راڳ ڳائيندا .هئا ۽ ڪرايي تي گاڏيون ڪري انهن درگاهن تي ضرور بہ ضرور حاضري ڀريندو هو ۽ ٻاڻ تي انهن بزرگن جو فرض سمجهندو هو. سفر جو خرچ سائين ۽ محمد امين تي،

حافظ محمد بخش کي سنڌ جو ڏاڻ هو. مون تي لکڻ جو ڪم رکيو ويندو هو ۽ جنهن پروگرام کي مون قلمبند ڪيو آهي انهيءَ پروگرام جو نالو مون اتي جو اتي ضرور لکيو آهي.

مثال ڪنهن مضمون کي لکيو اٿم "سامي سفر هليا"، "پر گهر گهرن ڪين ڪي"، "گهڙيا سي چڙهيا"، يا "ماندي ٿي نہ ماري" اهڙا نالا مون تر جي پروگرامن عمرڪوٽ، مٺي، پالوا، ننگرپارڪر، ڪاسبو يا جبل ۾ مست ڪيهر شاهہ تي اڪثر سائين انور زاڳ ڪاريهر مان پيرل سائين جي ڪافي "پرچ پيارل يار" چوندو هو ۽ "پورب منجهہ پچاران پون ٿيون، عرش پڪارن" يا "چڏي پنيور جون ماڙيون هتان هاڙهي هلبو".

مطلب انهن پروگرامن تي مُون پنهنجا نالا رکيا آهن.

"پنجاب جو سفر ۽ اوليائن تي حاضري"

دراصل ڪوه مريءَ جي جبلن ۾ درگاهہ قاسميہ جي نالي سان مشهور آهي، جنهن کي "مُهڙا شريف" بہ سڏين ٿا. انهيءَ درگاهہ جي گاديءَ نشين سائين انور کي دعوت ڏني هئي، سبب اهوئي ۽ باقي درگاهون ۽ سير سبحاني ڪرڻ لاءِ نڪتاسون، سات ڇهہ دوست گاڏي حاجي عبدالرزاق جي، گاڏي سادڙي جنهن کي تاثر بہ صحيح نہ هئا پر توڪل برخدا آسرو الله تعاليٰ تي رکي دوست روانا ٿياسون، جنهن ۾ 1. حافظ محمد بخش، 2. سائين انور الدين جتوئي، 3. حاجن جانوري، 4. محمد امين مشوري، 5. حاجي عبدالرحمان، 6. حاجي عبدالرزاق جتوئي. پهرياڻين شروعات حضرت علي گوهر شاهہ جي درگاهہ کان پوءِ سهڻي سچل جي سلامي، روهڙي ۾ وار مبارڪ جي زيارت، آخر ڪمون شهيدن کان سنڌ پنجاب جو دنگئي بنون ٽپي پنجاب ۾ داخل ٿياسين. پنجاب جي سنجل پور کان سبزل ڪوٽ، صادق آباد کان پوءِ وري رحيم يار خان وارو روڊ ورتوسين. پهرين رات اسان کي رحيم يار خان جي پرسان پئي، صبح جو اٺ بجي جو تہ جون مهينو هو ۽ رات جو بہ اسان سفر ڪيو 12 يا هڪ بجي تائين ڏندڻ پاڻي ۽ ناشتو ڪري وري ساڳئي روڊ سان اُچ شريف جي بزرگن جي پري کان سلامي، سڌو سنئون ملتان شريف حضرت رُڪن الدين عالم، بهاؤالدين ذڪريا ۽ حضرتِ شمس تبريز جي زيارت ڪري، دعائون

درشن وٺي 'سڏو قصور' ۾ بابا ٻُلا سائين. دير به ٿي وئي پر سلامي پري وري پنڌ اڳتي قصور ۾ لاهور جي وچ تي هڪ هوٽل تي رهياسين. هوٽل سادڙي هئي، صبح تيار ٿي وري لاهور ۾ داتا جي دربار ۾ شاهي مسجد ۾ پيا نظارا ڏٺاسين. اُها زيارت تڪڙي ڪندا لاهور کان راولپنڊيءَ وارو روڊ ورتوسين، وچ ۾ جيڪي به جبلن گاهن گلن. پوٽن ۾ درگاهون منظر ڏسندا واٽ تي اسان کي ٽين رات پئي، آخر اسلام آباد پهتاسين. جناب رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي بنگلي تي اسان کي سڪندر پهنور مليو جنهن اسان جو تمام آڌرڀاءُ ڪيو. رئيس غلام مصطفيٰ خان ڪراچي ويل هو، صاحب سان فون تي سڪندر رابطو ڪيُو جنهن مهمانن لاءِ خاص تاڪيد به سڪندر پهنور کي ڪيو. اتان موڪلائي اسان ڪوه مريءَ جي جبلن ۾ داخل ٿياسين، ڪجهه گرمي به هئي، آخر ڪوه مري گهمي مهڙا شريف پهتاسين ته مينهن شروع ٿي ويو ۾ موسم متي ٿڌ پئجي وئي، اسان کي مينهن درگاهه تائين پهچڻ نه ڏنو پر محفل ۾ حاضري ٿي ۾ واپس ٿياسين، رات جو واپس غلام مصطفيٰ خان صاحب جي بنگلي تي. صبح جو واپسي ديرا غازي خان وارو رستو ۾ ديرا اسماعيل خان، هڪ جبلن جو خوبصورت منظر ڏٺوسين. ڏاڍا الله تبارڪ وتعاليٰ جا شڪر ڪياسين، دل کي سڪون آيو ۾ ڪجهه پوڳ چرچا به ڪياسين. واپس ٿيندي اسان کي هڪ رات واٽ تي پئي، پوءِ بابا غلام فريد ڪوٽ مٺڻ وارو ڇو جو لاهور ۾ ملتان جي وچ تي بابا فريدالدين شڪر گنج جو پاڪ پتڻ ۾ ديدار ڪيو هوسين، هاڻي واپسي ڪوٽ مٺڻ جون محفلون ڪري سڌو ڪشمور کان ٿيندا اوليائن جون زيارتون ڪندا آياسين. ڪشمور کان سنڌ جي ڌرتيءَ تي داخل پين بزرگن سان گڏ پيدل سرڪار مخدوم عبدالغفور همايوني ۾ پين بزرگن جون زيارتون ڪندا آياسين. ڏاڍو بيحد مزو آيو.

آخر ۾ فقير محمد امين کي گهر ڇڏي واپس ٿياسين. مطلب ته هن سفر ۾ ڇهه راتيون ۾ ست ڏينهن لڳا، سفر جو خلاصو مختصر آهي ۾ هي سفرنامو مون وٽ لکيل به آهي، اِتان ساٿ مان حافظ محمد بخش خاصخيلي ۾ سائين انورالدين صرف وچڙي ويا.

آخر ۾ سائين انور جو وڇوڙو سبب ھي بڻيو جو سائين انور جتوئي کي دماغ ۾ ڪا ننڍڙي ڳوڙهي بقول ڊاڪٽرن جي،اها ٽمر جي ڳوڙهي آهي اصل ۾ انهيءَ کي ڪڍي ڇڏبو تہ مسئلو حل ٿي ويندو ان کان پوءِ مسئلو ويتر ڳنڀير ٿيندو ويو ۽ سائين انور الدين چند مهينن کان پوءِ سائين جو موڪلائڻ ٿيو ۽ آخري پساهن تائين سائين انور الدين جتوئيءَ کي ٽڙپ هئي ڪابہ سِٽ حضرت لطيف، سچل، بيدل، خير محمد عثمان، ولي محمد سائين جي هوندي هُئي تہ هُو ايتري تہ ڳولا ڪندو هو جيسين دوستن کان پڇي يا ڪيس کي ياد اچي تہ پوءِ سُڪون ملندو هوس، نہ تہ سڄي سڄي رات ننڊ ڪونہ ايندي هئس، آخر ايڏو حساس ٿي ويو ڪنهن بہ دوست دل واري کي ڏسندو هو تہ جهري پوندو هو ۽ زارو قطار روئندو هو پر چوندو هو تہ دوست مان زندگي ۾ موت کان ڪونہ رُئان بس. محبتون ٿيون رُئارين. آخر اول الله تبارڪ و تعاليٰ باري بي پرواهہ سائين انور الدين ٻارهين فيبروري تي اسان کان موڪلائي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

ويا سي وينجهار هيرا لال ونڌين جي.
(شاهہ)

آءٌ دعا ٿو ڏٽي در گهران سائين انور جي اولاد ۽ پونير کي صبر جي توفيق عطا ڪرڻ فرمائي آمين ۽ سنگت سان ساٿ نڀائيندا رهندا. آمين ثم آمين.

(سائين انورالدين جي چاليهي تي ڳوٺ نوڙها ۾ پڙهيل مقالو)

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

فنڪار ۽ استاد انورالدين جتوئي

سنڌ جي مٽيءَ مان اهڙن ماڻهن جنم ورتو آهي، جن پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ جو واس ڏئي شهرت ماڻي آهي. هر ماڻهوءَ جي خاصيت ۽ خوبي پنهنجي رهي آهي. هُنن پنهنجي زندگيءَ ۾ خدا تعاليٰ طرفان مليل صلاحيتن موجب پنهنجو حق ادا ڪري راهِ رباني ورتي آهي. هر شخص جو نعم البدل وري صدين ۾ پيدا نه ٿيو آهي.

سنڌ جيڪا تصوف ۾ مشهور آهي ۽ صوفيءَ ازم جي فلسفي سان موجزن رهندي آئي آهي، سنڌ سيني مذهبن ۽ مذهبي فرقن، لساني گروهن کي پنهنجي امن ۽ پيار ۽ مهمان نوازي جي ثقافت سان سنيءَ ڪنهن کي درس ڏيندي رهي آهي. سنڌ ۾ موجود عالمن، فقيرن ۽ مجذوب درويش بزرگن جون مزارون هميشه ڀائپيءَ جو درس ڏينديون رهيون آهن. جتي جتي ماڻهو جا وڏا اجتماع ٿين اتي بنا ڪنهن فرق جي ماڻهن ۾ پيار ۽ ڀائپي وارو رهيو آهي. سنڌ ۾ جتي جتي درويشن جي عرس مبارڪن تي ميلا مچندا آهن اتي سنڌ جا فنڪار گيڙو ويس پائي انسانيت ۽ پيار جو درس ڳائيندا آهن.

اسان جو يار انور جتوئي ان فلسفي سان واڳيل هو سندس جنم 2 فيبروري 1944ع ۾ حاجي محمد عثمان جتوئيءَ جي گهر ڳوٺ نوڙها

جتوئيءَ لڳ نيو جتوئيءَ ۾ ٿيو. منهنجي ساڻس ملاقات سن 1979ع ۾ ڳوٺ سعيد پور جي هاءِ اسڪول ۾ مقرر HM سندس سؤٽ محترم عبدالرحيم جتوئي وٽ ٿي. جڏهن ته مان ليڪچرار جي حيثيت سان گورنمينٽ پاڪستان ڪاليج سعيد پور ۾ بدلي ٿي ويس. هي ڪاليج به هاءِ اسڪول جي بلڊنگ جي هڪ پورشن ۾ قائم ڪيو ويو هو. جتي منهنجون بيشتر ملاقاتون محترم عبدالرحيم جتوئيءَ صاحب سان ٿينديون رهنديون هيون. هي هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج هڪ بيابان علائقي ۾ قائم ٿيل هو. جنهن کي علائقي جي معزز ۽ سخي مرد محمد رحيم ٽيبي پنهنجي زمين جا ڏهه ايڪڙ وقف ڪري ڏنا هئا. ڪاليج ۽ هاسٽل ۾ پڙهندڙ ڇوڪرا آس پاس جي ڳوٺن تلهار شهر ۽ تلهار شگرمل جي ملازمن جا ٻار پڙهڻ ايندا هئا ۽ ڪجهه شاگرد ڏورانهن شهرن مان اچي هن هاسٽلن ۾ رهندا هئا. هي تعليمي ادارا شهرن جي گوڙ گهمسان کان تمام پري پرامن ۽ سڪون واري جاءِ هئي. جتي مون آرام سان پنهنجو رهيل تحقيقي ڪم مڪمل ڪري Ph.D جي ڊگري حاصل ڪئي.

سن 1980ع ۾ مان مهراڻ ڪاليج مورو ۾ آيس ۽ عبدالرحيم ۽ انور الدين صاحب پنهنجي نوڪريءَ جو لاڙ وارو سفر پورو ڪري اچي پنهنجي ضلعي جي ڳوٺن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳا.

ڳوٺ نوڙها نيو جتوئي ۽ مورو نوشهروفيروز هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. تنهنڪري ضلعي جي ڪنهن به شهر ۾ جيڪو به سماجي يا ثقافتي پروگرام ٿيندو هو ته اتي اڪثر محترم انور الدين کي مون ڳائيندي ٻڌو ۽ ڏٺو. جڏهن منهنجي مقرري مهراڻ ڪاليج مورو ۾ هوندي هئي ته آءٌ سکر بورڊ جي طرفان سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري جي امتحانن ۾ ضلعي جي انسپيڪشن ٽيم جي سربراهه جي حيثيت اسان آس پاس جا امتحاني مرڪز جهڙوڪ ملڪ، ڀرڻ، ڏيپارجا ۽ نيو جتوئيءَ جي سينٽرن جي چڪاس دوران وڏي وڏ منهنجون ملاقاتون محترم انورالدين جتوئي جهڙي پياري ماڻهوءَ سان ٿينديون رهنديون هيون. اتي ويجهن درگاهن تي جهڙوڪ ڦُل، نوشهروفيروز ۽ موري ۾ راڳ رهاڻ جون محفلون مچنديون هيون. اتي انور الدين جتوئي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو هو. هن پلي

استاد سان گڏ پلو فنڪار بہ هو. استاد تہ هزارين آهن جيڪي پنهنجي پيغمبر پيشي سان پنهنجو فرض نڀائيندا پيا اچن پر انهن هزارن ماڻهن مان نيڪ نامي ۽ شهرت انهن کي ملي جن پنهنجي پيشي کان ڌار پنهنجي صلاحيتن کي نروار ڪري پنهنجي شهرت ۽ عزت پيدا ڪئي. اسان جي خطي ۾ بہ اهڙا چند استاد هئا جن راڳ جي ميدان ۾ پنهنجو نشانو نشانبر ڪيو. جن ۾ استاد عبدالرحيم عرف مڪڻو سولنگي، محترم عبدالقيوم وسطڙو ۽ محترم انورالدين جتوئي هئا. پر انهن سڀني کان راڳ جي فن ۾ انور الدين جتوئي وڌيڪ هو. هي نيم ڪلاسيڪل راڳ ۽ پڪي راڳ جو ڄاڻو هو ۽ اهڙي راڳ جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪيو. راڳ جا سڀ گُر ڪيس ايندا هئا پر جڏهن انورالدين جتوئي ۽ حافظ محمد بخش خاصخيلي هڪ جوڙي تي هڪ وائي ڳائيندا هئا جنهن جا ٻول هئا:

"پنهوارن کان پوءِ ڙي عمر۔ منهنجو داد ڏنارن ڪين ڪيو."

جڏهن هي ٻئي ڳائيندا هئا تہ ماڻهو پنڌ پاهڻ تي ويندا هئا ۽ اکين مان لڙڪ نڪري پوندا هئا. هن واري ڳائڻ کان پوءِ ماڻهو ڪيس داد ۾ هزارين رپيا انعام ۾ اُڇليندا هئا ۽ پاڪر پائي ڪيس داد آفرين چوندا هئا. (اها وائي سائين انورالدين جتوئي، شهيد محترما بينظير ڀٽو جي مزار تي بہ ڳائي جيڪا پوءِ يُوٽيوُب تي موجود هئي).

ڳائڻ سائين انور جو شوق هو پر پيشو نہ هو. ڳائڻ ۾ هن کي ڪڏهن ڪڏهن 20 کان 30 هزار بہ پوندا هئا پر هي سڀ پئسا سندس ٽوليءَ ۾ ويٺل سازيندن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. هي هڪ منفرد انسان هو جنهن مليل انعام جي پئسان مان 5 رپيا بہ نہ کنيا نہ ٻارڙي جا پئسا ۽ نہ ڪڏهن ٻارڙو ورتو. هي ڀڳت ڪنور رام کان پوءِ سنڌ جو ٻيو سخي فنڪار هو. جنهن کي انعام ۾ ملندڙ پئسا ٻين کي ورهائي ڏيندو هو.

هڪ دفعي سندس رٽائرمينٽ کان پوءِ آمريڪا وڃڻ گهمڻ ۽ ڏسڻ جو شوق جاڳيو جتي سندس ڪجهہ عزيز آمريڪا ۾ رهندڙ هئا. جڏهن اوڏانهن سنبت جي تيارين ۾ هو تہ سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي جي طرفان آچر ڏينهن 2 جولاءِ 2006ع نيو جتوئي هاءِ اسڪول جي لان ۾ هڪ وڏي جلسي جو اهتمام ڪيو ويو ۽ سائين شام ملهائي وئي.

جلسي جي صدارت جا فرائض منهنجي (ڊاڪٽر محمد لائق زرداري) حوالي ڪيا ويا ۽ مهمان خاص سڪندر خان خشڪ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ۽ اعزازي مهمان راشد مورائي کان علاوه شهر جا معززين ۽ علم ۽ ادب سان واسطو رکندڙ ماڻهو شريڪ هئا. ادريس جتوئي پروگرام ڪندڙن سان متحرڪ هو. هن محفل ۾ محترم انورالدين جتوئيءَ جي ڪيل خدمتن تي روشني وڌي وئي ۽ سندس فنڪارانه صلاحيتن کي ساراهيو ويو. ان کان پوءِ راڳ رنگ جي محفل شروع ٿي. جنهن ۾ فقير غلام رباني چانڊيو، رجب فقير ۽ صائمه منظور فن جو مظاهرو ڪيو ۽ آخر ۾ صائمه منظور ۽ استاد انور الدين جتوئي صاحب پنهي گڏجي ڳايو ته ٻڌندڙ ڏاڍو لطف اندوز ٿيا، ان بعد مهمان خاص ۽ محفل جي صدر محترم انور الدين جتوئيءَ جي ڪيل خدمتن کي ساراهيو ۽ کين خوب داد ڏنو. آخر ۾ مهمانن کي ماني کارائي وئي ۽ رات جو ڪافي دير کان پوءِ محفل جي پڄاڻي ٿي.

سائين انور الدين جتوئي آمريڪا جو دؤرو ڪري واپس وطن پهتو. پوءِ به ملاقاتون جاري رهيون. هن ڳوٺ ئوڙها جا اها خوبي آهي ته هن ڳوٺ جا ماڻهو کِلڻا من مُهڻا آهن. ڪچهريءَ ۾ اخلاق جي دائري اندر پوڳ چرچا ۽ ٽوٽڪا ٻڌائين ۽ آيل مهمانن جي عزت افزائي جي پوڳن سان ڪلبندي پاڪر پائين ۽ خوش ٿي آدرياءَ ڪن ۽ هنن ڪيترن آيل مهمانن کي پنهنجي حسن سلوڪ، آدرياءَ ۽ ڪلندي ميزباني جا فرض نڀائيندي ۽ اڌا ڪرڻ جا طريقا سيکاريا. محترم انور الدين جتوئي هڪ فرض شناس استاد هو. ٻارن کي شوق ۽ محنت سان پڙهائيندو هو. ڏاڍي منٺڙي ۽ پياري آواز سان کين گرامر سيکاريندو هو. آخر ۾ هر ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان پنهنجي وڳر کان وڇڙي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح هي سچو بهترين استاد ۽ وڏو فنڪار ۽ ڳوٺ کي وندرائڻ وارو ماڻهو قابلِ فخر شخص 13 فيبروري 2013ع ۾ سيني ٻارن کي جُدائي جو داغ ڏئي هميشه جدا ٿي ويو. سندن يادون ۽ ڪيل خدمتون اسان سيني کي هميشه ياد رهنديون. ڏٽي در دُعا آهي ته کيس پنهنجي رحمت سان نوازي ۽ مرحوم کي جنت ۾ جاءِ ڏئي. آمين

وڃي ڪيچ قراريا...!

جڏهن استاد انورالدين جتوئي نعت مصطفيٰ ﷺ پڙهندو هو تہ انور ۽ انوار بابت منهنجو تصور انتهائي پختو ٿيو ساڻس پهرين ملاقات کان اڳ استاد حافظ محمد بخش ڳالهيون ڪندو هو تہ رئيس سيف الدين خان جتوئي راڳ جو ڏاڍو چاڻو آهي ۽ چوندو هو تہ راڳ جي اها محفل، جنهن ۾ استاد انور جتوئي ڳائي، اها رنگ ئي پنهنجو ڇڏيندي هئي. حافظ صاحب سان گڏجي رئيس سيف الدين جتوئيءَ جي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ جڏهن ويس، تہ حافظ صاحب رئيس سيف الدين جتوئي بابت پڇا ڪئي تہ خبر پئي تہ سيف الدين جتوئي نئي پنهنجي زمين تي ويو آهي ۽ استاد انور جتوئي بہ سنگ سميت ساڻس گڏ ويو آهي. ائين استاد انورالدين سان ملاقات جو شوق رهيو. ٻارهين ربيع الاول تي درگاهہ مشوري شريف ۾ ميلاد جي جلسي دوران نعت خوان نعتون پڙهندا رهيا. اوچتو اعلان ٿيو تہ هاڻي استاد انورالدين جتوئي حضور سرور ڪائنات ﷺ جي شان ۾ نعت شريف پڙهندو. ٻيا سڀ نعت خوان ڊڪيل مٿي سان نعت پڙهندا رهيا پر استاد انورالدين جتوئي مٿي تي هٿ جو نيرو رومال ٻڌي نعت پڙهڻ آيو.

هن صاحب نيم ڪلاسيڪل انداز ۾ راڳ پوپالي ۾ جڏهن نعت پڙهي تہ اسٽيج کان وٺي سڄي پنڊال کي رُئاڙي ڇڏيو. وڏيڪ سرائڪي ۽ سنڌي جون بہ نعتون چئي واپس وريو تہ ڪيترن ئي ماڻهن سندس هٿ چُميا. اهي پهرين ملاقات هئي ۽ ٻي ملاقات منهنجي سرڪاري بنگلي جي.او.آر حيدرآباد تي حافظ سائينءَ سان گڏ اچڻ وقت ٿي. جڏهن اهي انجنيئر جلال الدين هيسباڻي وٽ ٿيل محفل تان موٽيا هئا. مون

چيومانس، ”حافظ صاحب جي واتان توهان جو غائبانه تعارف ته هو پر پهرين ملاقات درگاهه شريف تي نعت پڙهڻ وقت ٿي. توهان کي راڳداريءَ جي وڏي ڄاڻ آهي.“ ڪانئس اڳ بهاولپور جي نعت خوان به ايمن ڪلياڻ ۾ ڪلاسيڪل انگن سان تمتار نعت پڙهي، جنهن جي جميل رنگ تي توهان جو ڀوپالي راڳ ڇانئجي ويو هو. مون کي چيائين ته ”تون ڊائريڪٽر انفارميشن آهين يا راڳ جو ڄاڻو!“ مون چيومانس ته:

ڳڌِهِن ڪونه ٿِيومِ، آسارو ٿَنهِن عِشقَ جو،
مَحبُوبَنِ مِنٿُون ڪَري، سِڪَڻُ سيکارِيومِ،
تِهان پوءِ ٿِيومِ، پَسَڻُ سُپيرِيُنِ جو.

استاد حافظ محمد بخش جي منٿن سان توهان سان ملاقات ڪرڻ جو شوق ٿيو ۽ اڄ مان بخت وارو آهيان، جو محبوب ڪريم جو نعت خوان انور انوار مصطفيٰ ڳائي رهيو آهي.“

مان ڳوٺ وڃي پسارڪي دڪان تي ويهندو هئس، جتي فقير عبدالستار ۽ عبدالرحمان مشوريءَ سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ رهاٽيون ٿينديون هيون ۽ عثمان فقير جون ڪيسٽون ٻڌندا هئاسين. هڪڙي دفعي دڪان تي ويس ته فقير عبدالرحمان رڙ ڪري عبدالستار کي چيو ته، ”در محمد آيو آهي، اڄ رڳو استاد انورالدين جتوئي کي ٻڌنداسين. ڪيسٽ شروع ٿي، راڳ پيم ۾ ڪلام ”تنهنجي ديدن جيڪي ڦٽيون، انهن تي پٽيون ڪير ٻڌندو....“ اهڙي نموني ٻڌايائين جو مان ته پاڻ روڪي نه سگهيس پر دڪان تي ويٺل به روئي پيا ۽ عبدالستار فقير کي به ڳوڙهن جا نذرانه پيش ڪندي ڏٺم. سائين انورالدين گفتي جو پڪو ظريف، ڪشاده دل، سلڇڻو پر سڀ کان وڌيڪ سندس پلو لچڻ ڪنهن سنجيده محفل کي به ڪلاڻ جو فن هو مون حميد آخوند صاحب کي چيو ته مارئيءَ جو ميلو لڳرائجي. ان وقت مان ڊائريڪٽر انفارميشن ميرپورخاص ئس، سڀ کان اڳ ميلي جي ڳالهه استاد انورالدين جتوئي ۽ استاد حافظ محمد بخش سان ڪيم. جن ميلي ۾ شرڪت جو يقين ڏياريو ۽ حافظ صاحب کي شعر لکڻ لاءِ چيم. تنهن ٽن صفحن تي لکيل ڊگهو شعر موڪليو.

جنهن ۾ حافظ صاحب سنڌ جي شاعرن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ "لکين ٿو تہ ٿر جي سانگيئڙن، ماروئڙن تي لک" مان ميلي جي تيارين ۾ هئس تہ استاد انور ۽ حافظ صاحب مٺيءَ آيا ۽ مارئيءَ جي ميلي جي آفيس ۾ اچي گڏولي لڏائون. ڏسندي ئي ڏسندي ڪريم فقير، موهن ڀڳت جا پٽ، مائي ڀاڳيءَ جي خاندان جا ڏهہ ٻارنهن فنڪار بہ آيا ۽ اچڻ سان اچي ساز کولياڻون، ڪريم فقير چيو تہ "مهمانن جو تعارف ڪرايو؟" مون ٻڌايو تہ هي ٻئي استاد آهن استاد محمد بخش لاءِ چيائون تہ اسان جو ٻڌل آهي، باقي سائين انورالدين سان پهرين ملاقات آهي، تنهن تي مون ڪريم فقير کي چيو تہ اها اڌ واقفيت آهي. سمورو حال احوال هي پاڻ ڏيندا. مون حسين فقير کي هارمونيم ۽ مراد فقير کي ڍولڪ ملائڻ لاءِ چيو، پوءِ مون انور سائينءَ کي اڳتي اچڻ لاءِ چيو. جنهن تي هن چيو تہ سائين اسان ٿري فنڪارن کي ٻڌڻ آيا آهيون، مون ڪريم فقير کي چيو تہ "توهان پنهنجي آواز سان استادن جي آجيان ڪريو." ڪريم فقير، حسين فقير کي چيو تہ "پيروري وچاءِ..." ۽ ڪريم فقير ڪلام شروع ڪيو تہ:

"عمر مون نہ وڃن، تنهنجيون ماڙيون الا..."

ڪافي پوري ڪري ڪريم فقير اُٿي اچي منٿائتو انداز ۾ استاد انورالدين جتوئيءَ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ راڳ ڳائڻ لاءِ چيو استاد انور الدين جو راڳ ۽ ٿري فنڪارن جو ساٿ ايڏو تہ چوٽ چڙهيو جو پاڙي جا ماٺهو نڪري ٻُڌڻ آيا. اهڙي طرح جڏهن آڌي رات ٿي تہ مون چيو "هاٺي ماني کائو..." تہ استاد انور الدين چيو تہ "هيترو راڳ ٻڌو ٿئي، اجا بک اٿئي..." مون چيومانس تہ "استاد دعا ڪريو تہ راڳ ٻُڌڻ جي بک سدائين قائم رهي، باقي پيٽ پرڻ جي بک ماني کائڻ سان لهندي." ايتري ۾ محمد قاسم سومري پت جو ٿالهہ ۽ لسيءَ جا گلاس اچي رکيا. مون حافظ صاحب کي چيو تہ "هي کير ناهي، لسي آهي." جنهن تي سائين انور الدين چيو تہ ، "ٿريا رات ڏينهن لسي پيئنداسين ڇا؟" ڪريم فقير چيو "استاد شاهہ جي شاعري وسري ويئي ٿئي تہ، "پوپاڙي نجو پٽن تي، ڪن ولوڙا وَايون... اسان وٽ صبح شام لسي ۽ مکڻ لاءِ ولوڙا ٿيندا آهن." خير! ماني کاڌي

سين ۾ آرام ٿيو. صبح جو استاد انور سائين چيو تہ مان دعوت تي ٿو وڃان. وري ميلي تي ملنداسين. سائين انور الدين هڪ اعليٰ انسان هو. سائين انور الدين جتوئي جي ڪپري تعلقي ۾ دعوت ٿي، جنهن ۾ ٻڌندڙن پنج سؤ ۾ هزار رپين جا نوٽ داد طور ڏنا ۾ سائين انور الدين کي جيڪي بہ پئسا مليا، اهي سازيندڙ فنڪار کي ڏئي هٿين خالي هليو ويو. سائين محمد عرس ٻڏايو تہ اسي نَوي هزار مليس، جيڪي ورهائي ڇڏيائين، پر پيٽرول پرڻ وقت بہ سؤ مون کان گهريائين. استاد انور الدين چيو تہ مون انهن پئسن مان رپيو بہ ڪونهي ڪنيو. تنهن تي محمد عرس چيس، مان رڳو تنهنجي محفل ۾ گهڙو وڄايان ها تہ ڏهہ پندرهن هزار ڪمايان ها.

استاد انورالدين جي بيماريءَ جي خبر پئي تہ مان فقير محمد سولنگي سان گڏ سندس ڳوٺ ويس تہ خبر پئي تہ ايترو بيمار هجڻ جي باوجود دوستن سان ملڻ نوان جتوئي ويو هو. اسان سچو شهر ڳولي ٿڪجي پياسين. همراهن چيو تہ اڳيان ملاح جي سبزيءَ جو دڪان آهي، اتي وڃي ويهو. استاد انور ڪٿي بہ هوندو تہ اتي ضرور ايندو. اڌ ڪلاڪ کن سبزيءَ واري ملاح سان ڪچهري ڪئيسين، تيسين ٽانگي ۾ اچي لٿو ۽ انهيءَ ملاح کان پڇيائين تہ "ڪو مهمان تہ ڪونہ آيو؟" اسان ٿورو اوٽ ۾ هئاسين تہ ملاح چيس تہ هڪڙا تہ اندر ويٺا آهن. "بيماريءَ باوجود تڪڙي وک پري اندر آيو ۽ مونکي ڏسي اوچنگار ڏنائين ۽ چيائين تہ "ادا دعا ڪريو تہ مون کي اها حياتي ڪپي، جنهن ۾ مان سچي سائين صہ جون نعتون ڳائي سگهان." اهڙي طرح پئي پيري بہ ساڳئي شهر ۾ ملاقات ٿي. هو سارو ٽيون پيو ساريندو هو. اوچتو خبر آئي تہ "وڃي ڪيچ قراري، تہ پنهون گڏيو پرينءَ سان."

(جمع، 22 فيبروري 2013، روزاني ڪاوش حيدرآباد ۾ ڇپيل)

میر محمد پیرزادو

ڏُک، لڙکن رستي ادا نہ ٿي سگھندو

سائين انور جتوئي صاحب جن جو پارٽن کي پڙهائڻ جو خدمت وارو ڪم پنهنجي جاءِ تي ساراهڻ جوڳو آهي پر پاڻ راڳ سان جيڪو لڳاءُ رکندا هئا، ان جو پاسو پاري آهي. نارائڻ شيام چواڻي:

سازِ رکيل پيٽ ساڻ، بند اکيون چپ ڳائڻ، راڳن سان رهاڻ.

انسان مٽيءَ جو پنوڙو آهي، سو آخرڪار وڃي مٽيءَ سان ملڻو آهي. جيئن ٽيون پر يادون ختم ٿيڻون ناهن. جڏهن بہ ڪو مالڪوس ڳائيندي آلاپيندو آ اهو آلاپ انور جتوئي کي سڏ هوندو.“ آواز ختم نہ ٿيندو آهي پر پولارن ۾ رهندو آهي. رڪارڊن، ڪيسيٽ ۽ سيڊيين ۾ زنده رهندو آهي. ان کي جڏهن بہ ڪنهن مووي رستي هلائي ڏسبو تہ انور اسان سان گڏ هوندو.

اهڙن ماڻهن جو ڏک لڙڪن رستي ادا نہ ٿي سگھندو آهي ڇو تہ اُهو ٿوري هوا لڳڻ تي سڪي ويندا آهن. پر درد گهٽ نہ ٿيندو آهي. ان لاءِ ان درد کي باقي حياتي ساهہ ۾ جلندو ۽ جهرندو محسوس ڪري ڇڏيندو. ماڻهوءَ جو متبادل ڪوبہ پيو.ماڻهو نہ ٿو ٿي سگهي. انور جو ڪلڻ ۽ خوش ٿي نهارڻ خدا فقط ڪيس عطا ڪيو هو جيڪو ٻئي ڪنهن هنڌ ڳولڻ فضول آهي. بلڪل ائين جيئن شيخ اياز چيو آهي تہ:

مَٽُ تہ مِٽي آهي موڙها،
ڏيئي لاٽ تہ مٽي ناهي،
۽ جي خوابن ۾ ايندو آهي
تن جي واٽ ئي مٽي ناهي!

ان لاءِ انور جو خاڪي جسد پڪي جيان ٺوڙهن جي مٽيءَ اسان کان موٽائي ورتو پر سندس سُرن کي دنيا جي ڪابہ طاقت اسان کان ڇني نہ ٿي سگهي. ڇڱو انورا يارو ياري.

ڊاڪٽر گدا خاصخيلي

رمتو جوڳي: انورالدين جتوئي

پاڳ وارن جا رهن ٿا، يادگار
زندگي ۽ موت ٻيئي شاندار.
(راشد مورائي)

استاد انورالدين جتوئي اُنهن ڀاڳ وارن ماڻهن مان هو جنهن جي زندگي به شاندار رهي ۽ موت به شاندار رهيو.

سائين جي سڄي زندگي زنده دليءَ جو هڪ نادر نمونو رهي. پاڪستان جي چئني صوبن ۾ هي انسان دوست جتي به ويو اُتي پنهنجون شاندار يادون ڇڏي موٽيو. سندس زندگي انگ پيوت ۽ رَمتِ جوڳين واري رهي. سائين جنهن به محفل ۾ هوندو هو ته اها ڪچهري خوش نصيب سڏبي هئي ۽سڄي محفل ۾ ٽهڪن جا گل پيا ٽڙندا هئا. هي علم دوست، ادب دوست، موسيقيءَ جو عاشق ۽ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو ماهر هو. ان لاءِ آءٌ ته ائين چوندو هوس ته سائين انور کي جڏهن ڏاهيو پئي ويو ۽ سندس جسم لاءِ جيڪا مٽي کوهي پئي وئي. اها مٽي سڄي رڌم سان ٽهيل هئي. زندگيءَ ۾ سوين دفعا سائين سان سفر تي هلڻ جو گهمڻ جو گڏ موقعو مليو پر هي پرين ماڻهو سچل جي سِٽن جو "جو دم غافل سو دم ڪافر" تي عمل ڪندي يا سڄو وقت جهونگاريندو رهندو هو يا درود پاڪ پڙهندو رهندو هو.

راڳداريءَ جو ايڏو ماهر هو جو جنهن راڳ مان چار ڏوهيڙا ڏيندو ته پهرئين جي ٻئي ڏهيڙي جي آروهي ۽ امروهي الڳ الڳ رکندو هو. سائين جي زندگيءَ تي لکجي ته پوري زندگي نه لکي سگهبو. حالانڪ آخري لمحي ۾ سائين سان آءٌ نواب شاهه اسپتال ۾ گڏ ڪونه هوس پر مونکي يقين آهي ته سائين زندگيءَ جي آخري هڏڪي ۾ رڌم رکيو هوندو.

آءٌ سائين جي اولاد مان اميد ٿو رکان ته انشاءالله تعاليٰ اِهي به سائين جي نقش قدم تي هلندي اهڙو رنگ رچائيندو جو ماڻهو فخر مان ائين چوندا ته:

يه فيضانِ نظر تهي، يا ڪه مڪتب ڪي ڪرامت تهي،
سکهائي جس ني اسماعيل ڪو آداب فرزندي

تنھنجون ڳالھيون ۽ ڳڻ سدا رھندا ساھہ ۾

جنھن انسان تي بہ اکر لکڻ لاءِ قلم کنيو اٿم اھو فرد نہ پر ادارو ھو. وٽس ڏاھپ جا ڏس ھئا. دانائي ۽ بردباريءَ جي بہ ڪمي ڪانہ ھئس. ھيٺين جو ھمدرد ۽ ڏبرن لاءِ ڏيئو ھو. اندر جو اجرو، کري ۽ کوٽي جي سڃاڻپ رکندو ھو. مرڪون وکيريندڙ ۽ محبتون اربيندڙ انور الدين جتوئي پيءَ فيبروري 1944ع تي ھڪ هاريءَ محمد عثمان جتوئيءَ جي گھر ۾ جنم ورتو.

نفرت جي نگاھہ کان ڏور محبت جي آغوش ۾ سپت ۽ سچائيءَ جي سرھاڻ ۾ اجرن اڱڻن ۾ پلجي پنجن سالن جو ٿيو تہ کيس پرائمري اسڪول نوڙھا ۾ داخل ڪرايو ويو. سائين محمد عثمان سومري جھڙي شفيق استاد جي شفقت ھيٺ فائنل جو امتحان پاس ڪيائين.

مئٽرڪ جو امتحان ھاءِ اسڪول نوان جتوئيءَ مان 1963ع ۾ پاس ڪري، S.V جو امتحان 1965ع ۾ پاس ڪيائين. 1967ع ۾ پيغمبري پيشي سان سلھاڙجي ويو بچھريءَ جي پرسان چاڪر خان شاھاڻي پرائمري اسڪول ۾ پرائمري استاد جو آرڊر مليس.

1968ع ۾ ڊڊڪشن سبب کيس نوڪريءَ مان برطرف ڪيو ويو. 1970ع ۾ ٻيھر بحال ٿي پرائمري اسڪول ڄام ڏاتار ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم ڪرڻ لڳو. اتي اي پي ڪلاس جو بنياد پڻ رکيائين.

1973ع ۾ J.S.T ۽ ريلوي ۾ گارڊ جو آرڊر مليس، تجربي طور ميرپورخاص کان حيدرآباد تائين ھڪ ڏينھن جو ريل گاڏيءَ ۾ سفر پڻ ڪيائين. پيغمبري پيشي سان جو لنءُ لائي ويٺو ھو سو ٻين نوڪرين سان روح نہ رليس، گارڊ ٿيڻ جو ارادو ترڪ ڪري J.S.T جو آرڊر ورتائين ۽ مڊل اسڪول الھڏنو جتوئيءَ ۾ استاد مقرر ٿيو.

1977ع ۾ شاديءَ جي بندڻن ۾ ٻڌجي ويو.
1978ع ۾ ماتلي هاءِ اسڪول ۾ H.S.T جو آرڊر مليس. ان دوران سعيد پور ۽ ٽنڊگي باگي جي هاءِ اسڪولن ۾ به علم جي روشني پکيڙيائين.
1981ع ۾ بدين ضلعي مان بدلي ڪرائي نوابشاهه ضلعي ۾ آيو ۽ مڊل اسڪول ۾ هيڊ ماستر جي حيثيت سان پنهنجا فرض ادا ڪيائين.
1984ع ڏاري هاءِ اسڪول نوان جتوئيءَ ۾ آيو.
1999ع ۾ سترهين گريڊ ۾ پروموشن ٿيس، هاءِ اسڪول ڏيپارجا ۾ نهايت ايمانداريءَ سان پنهنجي فرض سان نڀايائين.
2004ع جي پهرين فيبروريءَ تي استادن، شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جي ڏنل شاندار الوداعي پارٽيءَ سان ڪاي ڪي ته خير باد چيائين پر تدريس سان جوڙيل ناتي سان نڀائيندو آيو. نوڙها اسڪول مان پيرڊ وٺي نوان جتوئي هاءِ اسڪول ۾ اچي علم ونڊيندو هو.
سائين انور جتوئي جنهن به اسڪول تي رهيو اتي دل لڳائي پڙهايائين. ماڻهن ۾ علم جي حاصلات لاءِ جذبو پيدا ڪيائين ته پوءِ يقيناً اتان جي ماڻهن هي سِٽون جهونگاريون هونديون.

آيا اڱڻ عجيب نصيب پلا،
اهي اڱڻ چُمان يا عجيب چُمان.

سائين انور بهترين استاد سان گڏ بهترين راڳي به هو. ان شوق جي شروعات نعتن چوڻ سان ڪيائين. ذات جي ته ڪمي ڪانه هيس، ڏانءُ حاصل ڪرڻ لاءِ حافظ محمد اسحاق راهه پوتي کان سکيا ورتائين. سائين انور پروفيشنل راڳي نه هو. راڳ سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هو. راڳ سندس روح جي غذا هو ۽ ان غذا حاصل ڪر لاءِ پاڙي جي درگاهن صابر شاهه، دلڻ شاهه، نبن شاهه، گوهر شاهه جي درگاهن کان وٺي تاجپور، جهوڪ شريف، سچل سائين، پٽ ڌڻي، رکيل شاهه جي درگاهن تائين ويندو رهيو. حافظ محمد خاصخيليءَ ۽ حاجن جانوريءَ جي رفاقت ۾ ساري سنڌ گهمي ڏٺائين.
شايد ئي ڪا گهڙي هوندي جنهن گهڙيءَ سندس زبان بزرگن جي ڪلام جهونگارڻ کان رڪيل رهي هجي. هو راڳ کي عبادت سمجهندو هو. پٽائيءَ جو ته عاشق هو. حافظ محمد بخش سان ويجهو رهڻ جو اثر هوس.

شاهہ سائينءَ جي ڪلام کي نہ رڳو ڳاياائين، پڙهيائين پر ان تي عمل بہ ڪيائين. نفسا نفسيءَ جي دؤر ۾ گناهن جي ڏُبڻ مان نڪرڻ يا پاڻ بچائڻ ڪو آسان ڪم نہ آهي. اڪثر ماڻهن جي سوچ اها ٿي وئي آهي تہ هو جو هينئنءَ ڪري ٿو مون ڪيو تہ ڇا ٿيو. هن لطيف جي عاشق محبت جي متوالي پنائيءَ جي هن بيت تي عمل ڪري ڏيکاريو.

اَکِ اُلِٽي ڏارِ وَڻءُ اُلِٽو عامَ سين،
جيٰ لَهوارو لوڪُ وَهي، توُن اُوچو وَهُ اوڀارِ
مَنجهان نوُڄَ نهارِ پُرُ پُنيرو پِرينءَ ڏي.

سائين انور وٽ لفظن کي استعمال ڪرڻ جو وڏو ڏانءُ هو، ان جو سبب اهو آهي جو متس لطيف جي رسالي ۽ سنڌ جي صوفي ۽ ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ جي مطالعي جو اثر هو. جيئن پناٿي ڪوڙسارن، کهرن لفظن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙي طرح استعمال ڪيو آهي جو انهن جي ڪوڙاڻ ختم ٿي وڃي ٿي. جيئن ککيءَ هاٺيون ڪاريون ڇيڇيءَ هاٺا ڇڄ.

اهڙيءَ طرح سائين انور بہ ڪنهن کي چوندو هو تہ اڙي يلا تنهنجي چڳي مڙس جي....

تہ انهن لفظن ۾ ايڏي تہ پنهنجائپ هوندي هئي جو ٻڌندڙ نہ تہ ڪاوڙ ڪندو هو نہ تہ رنج رُسامو ڪندو هو الٽو کِلي خوش ٿي سائين کي محبت وچان ياڪر ۾ ڪري ونندو هو.

علامہ اقبال جو شعر آهي تہ:

کیا ہوا جو تیرے ماتھے پہ ہیں سجدوں کے نشان
اے بندہ مومن کوئی ایسا سجدہ کر جو چھوڑ جائے زمین پر نشان

سائين انور بہ هزارين شاگردن جي صورت ۾ ڪيترن سدا حيات ڳايل ڪافين جي روپ ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏي ويو آهي، جيڪي زندگيءَ پير ياد رهندا.

پنهوارن کان پوءِ ڙيءِ عمر منهنجو داد ڏيارن ڪونہ ڪيو.

(سائين انور جي چاليهي جي تقريب ۾ ڳوٺ نوڙها ۾ پڙهيل مقالو)

عبدالحق پلهہ
(پڊعيدن)

املھ انسان: انورالدين جتوئي

منهنجي مارن کي سلام چئجو
منهنجي زندگيءَ جي ٿي وئي شام چئجو.

مَرُ هيڪاندا هُونِ پرين، سانگِ مَ وڃن سيڻَ!
رهيا آهيِن روحَ ۾، نتُ جنين جا نيڻَ،
وِماسِيا جن ويڻَ، تو تارِيءَ ٽِڪي ٽِنِ هِنئون.

محترم سائين! انورالدين جتوئي جو وڇوڙو علمي، ادبي، تعليمي ۽ راڳ رهاڻ جي دنيا ۾ وڏو خال پئجي ويو آهي. سائين! انور جتوئي پيار ۽ پاپوهہ جي مٺائيءَ جا مڻ دوستن ۾ ورهائيندو رهندو هو. سائينءَ جي گائڪيءَ جو پنهنجو عجيب ۽ نرالو نمونو هو. هو املھ انسان ۽ ڳنڍيندڙ ساٿي هو. جنهن جيِ مجاز طبيعت ۽ سيني ۾ هميشہ غريب، بي پهچ ماڻهن لاءِ محبت ۽ درد سمايل هوندو هو.

ڻاڻبا در سهڻن جي ريءَ طمع بينو ڪماءِ،
ڪابہ مزدوري ڪانہ ملندي،
چو تہ بيگرُ جو آهي (جهانُ) رواجُ.

سائين! انور بي پهچ ماڻهن جي دل کولي مدد ڪندو هو ۽ ڪيترن شاگردن جون فيون ۽ ڪتابن لاءِ بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي مدد ڪندو رهندو هو. هو هڪ جاکوڙي ڪردار هو. سنڌ ۾ يا سنڌ کان ٻاهر پيرن، فقيرن صوفي بزرگن جي درگاهن تي حاضري لاءِ هڙان وڙان خرچ ڪري دوستن کي وٺي ويندو هو. سائين! سان گڏ مون ناچيز سنڌ، پنجاب جي درگاهن ۽ تاريخي ماڳ مقامن ۽ فقيرن جي آستانن ڏسڻ لاءِ گڏ سفر ڪيو. هڪ ڀيري ”منٺار فقير“ جي ميلي مون سائينءَ کي چيو تہ نالو لکرايو تہ توهان کي ٻڌون، پوءِ واپس هلون. سائينءَ جي اِها فطرت هوندي هئي تہ هو پنهنجو نالو ڪٽي بہ ڪنهن محفل ۾ ڪونہ لکرائيندو هو. سو سائينءَ چيو تہ ”حق“ نالو ڪونہ لکرائبو. پاڻ ٻين کي ٻڌڻ آيا آهيون. ٿورڙيءَ دير کان پوءِ سائينءَ کي اسٽيج تي سڏ ٿيو ۽ سائين بہ ٻول چيا.

هتي آءٌ هڪ ڳالهہ تمام اهم ۽ ضروري ٿو سمجهان تہ سائين جتي بہ ڳائيندو هو پئسا ڪونہ کڻندو هو. واپسي ٿي رات جو ٽائيم هو ماني وري اچي صبح جو کهڙن ۾ کاڌي سون. اهو بہ عرض ڪندو هلان تہ سائينءَ لاءِ گندي ۽ گراهہ جي بہ ڪمزوري ڪانہ هوندي هئي.

ٻُڪَ وِڏائون ٻُکِريين، جوڳِي ڪندا جُڃَ،
طَلَبَ نہ رَکَنِ طَعامَ جِي، اِوتيو پِيَنِ اُڃَ،
لاهوُتِيُنِ لَطِيفُ چئي، مَنُ ماري ڪيو مُڃَ،
سامي جهاڳِي سُڃَ، وسَنڱُن کي ويجها ٿِيا.

جڏهن تہ سائين! ساز ۽ ايڪو جو بہ محتاج ڪونہ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اِئين بہ ٿيندو هو تہ سائين ”صندل“ يا چپٽي وڄائي دوستن کان بہ وڏيڪ مزو ڪندو هو. سائين جي آواز ۾ پڳوان رهندو هو ۽ اندر ۾ جڻ ٻيجل واري تند سمايل هوندي هيس. جيڪا ٻڌندڙن کي گهائي وجهندي هئي.

چارڻ تنهنجي چنگ جو آهيم عجب ايءُ،
هٽين اِيو هٽن سين، جيئرو رکيو جيءُ،
رات منهنجو ريءُ، ڪاٽيو تو ڪماچ سين.

سچ پچ تہ سائين جڏهن چپٽي وڄائي آلاپيندو هو تہ جيئن تند جي رون رون ٿيندي هُجي. ائين محسوس ٿيندو هو تند جي رون رون آهي. اُن وقت پنهنجي ذهن ۾ "حضرت لطيف رحہ" جو هي بيت تري ايندو هو:

تانُ نہ آهي تَندُ جو رُوُن رُوُن ڪري رازُ
هَٿَندَڙَ سَندا هَٿَڙا، سِڪو ڇڪي سازُ
سَٺَ ڏيئِي شهبازُ تِئِي تہ توڪَ پرائيين.

سائين انور جتوئي جي ڪڏهن ڪڏهن ڪيفيت اهڙي تي ويندي هئي، آلاپيندي لڳندو ائين هو تہ سائين ڪا صدا ڪري رهيو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ورڻي هٿن جي اشاري ڪا شيءِ ڇڻ ڏيندو هو.

مَحلين آيو مَڱڻو سازُ ڪَڇِي سُرَندو
سِرَ جي صَدا سُرَ ۾ گُهورَ هَٽي گُهرندو
مَتي رِيءَ مَلُوڪَ جي، چارَڻُ نہ چُرَندو
جُهوناڳڙهہ جُهرَندو پُوندي جهانءِ جَهروڪَ ۾

هڪ ڀيري صوفي بزرگ "فريدڻ" سائين جي ميلي تي پنجاب سائين! سان محمد اسماعيل پنهور وڪيل صاحب، انيس صاحب ۽ مون ناچيز سفر ۾ گڏ رهياسين. "فريدڻ" سائين جي گادي نشين سيد آصف شاهہ جي رهائشگاهہ تي محفل ٿي.

مون سائينءَ کي چيو تہ سائين پري سفر تي آيل آهيون. ڪجهہ پئسا راڳ مان پاڻ رکون. سائين چيو تہ سياڻي رکنداسين. پئي ڏينهن بہ محفل ٿي، پر سائين ڏوڪڙ نہ کنيا. واپسي تي. سائين مون کي چيو "حق" اهو منهنجو عشق آهي. آءُ ٻُڌڻ ۽ سڪڻ ايندو آهيان، مون کي رب پاڪ گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي.

هڪ ڀيري "رني ڪوٽ ۾ اشتياق انصاريءَ جي ڪتاب "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا" جي مهورت ٿي. اُن ۾ محترم بشير خان قريشي، بخشڻ مهراڻوي، ساگر حنيف بڙي، چاچو حاجن جانوري، مان ۽ ٻيا گهڻا سگهڙ اديبَ ۽ دانشور بہ موجود هئا. سڄي رات رهاڻ ٿي. جڏهن پرهہ ڀاڪون ڪڍيون تہ شهيد سنڌ محترم بشير خان قريشيءَ چيو تہ هاڻي راڳو ٿيندو

۽ راڳ سڀ گڏجي ڳائيندا. سائين انور جتوئي کي شهيدِ سنڌ بشير خان قريشي چيو تہ توهان بہ اچو. راڳ شروع ٿيو. مظهر خان بيت آلاپيو ۽ ان کان پوءِ سائين انور هڪ بيت "حمل" فقير جو ۽ ٻيا بيت "حضرت لطيف رحہ" جا چيا تہ خان صاحب راڳي سائين انور کي ڏسڻ لڳا. راڳ پورو ٿيڻ بعد خان صاحبن "بخشڻ مهراڻوي" کي چيو تہ سائينءَ جهڙو استاد هن محفل ۾ موجود رهيو ۽ اسان کيس پُڌي نہ سگهياسون. اهو درد دل ۾ رهجي ويو. ڪجهہ دير مظهر علي ۽ ذوالفقار علي خان وارن ۽ ٻين راڳن سائين سان ڪچهري ئي ۽ فون نمبر بہ ورتو ۽ سائين سان گاڏي تائين گڏ آيا. منهنجي خيال ۾ اها سائين جي آخري محفل هئي. ان کان ستت پوءِ سائين جهري ٻيو. سائين انور الدين جتوئي، حافظ محمد بخش خاصخيلي، سائين الهہ بخش چنا، سائين بچل ٻيوس، چاچو حاجن جانوري، نبن خان مري، عثمان فقير اوڻو سيد فضل شاهہ هادي بخش سينار هڪ زنجير جي ڪڙين ۾ جڙيل مليا.

ڪڙو مَنجِهہ ڪڙي، جيئَن لُهارَ لَپيٽِيو
مُنهِنجو جِيُ جَڙي، سُپيرِيان سوگهو ڪيو.

سائين جن سان جيئن جيئن ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيون تہ مونکي بہ سائين وارن انهن ڪڙين ۾ جڪڙي وڌو ۽ سائين جن جا مون تي احسان رهيا ۽ هر مهيني جي آخري تاريخ تي مون وٽ ڪچهري ٿيندي هئي. سائين سان اٽڪل 30 سال زندگيءَ جو سفر رهيو.

ڪٿان منجهہ ڪراں هٿا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيڙا ڏارُون ڏار،
مَ چاڻان ٻيهار، ڪير ملي ڪنهن کي.

(ڳوٺ ٺوڙها ۾ سائين انورالدين جي چاليهي جي موقعي تي انورالدين جتوئي يادگار ڪاميٽي ڳوٺ ٺوڙها پاران ڪرايل پروگرام ۾ پڙهيل)

گل مورو
(نوشهروفيروز)

سنڌ جو ڀڳت ڪنور رام: استاد انورالدين جتوئي

هونئن بہ ڏات ڏهوڻي، تڏهن ٿي پوندي آهي، جڏهن انهيءَ ڏات ذريعي ڏيهہ جي ڏکن، درد ۽ سورن جون ڪٿائون پنهنجي وطن جي جياپي ۽ آجپي لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ڪتب آندي ويندي آهي، اهڙو فن ڪمال ساهتي پرڳڻي جي خوبصورت شخص استاد انور الدين جتوئي جي جيءَ ۾ موجود هو جيڪو هڪ ئي وقت پلوڙ راڳي، سگهڙن جو ساٿي، هجڻ سان گڏ پاڻ بہ سگهڙ اديب هوندي بيدل، سچل ۽ شاهہ لطيف جي فڪر جو پرچارڪ بہ هو تہ وري ڪيس سُريلي آواز جي ناتي جيڪا ڪيس ڏات ملي، انهيءَ ڏات ذريعي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ سنڌ جي هن ڀڳت ڪنور رام کي جيڪا ميچتا ملي، اها بہ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ئي نصيب ٿيندي آهي. هن استاد انور ڪڏهن بہ راڳ کي پنهنجي لاءِ پئسي ڪمائڻ خاطر ڏنڌو نہ بنايو جڏهن تہ پتائي، سچل يا سنڌ جي صوفياڻين درگاهن تي يا وري علمي ادبي ۽ ساچاهہ وندن توڙي پيرين اُگهاڙين ماروئڙن جي ڏکويل رُوحن کي ريجهائڻ لاءِ، اتي بہ ٻول ٻوليندو هو تہ سيني ٻڌندڙن تي سچ پچ تہ سڪتو طاري ٿي پوندو هو اتي جيڪو بہ نذرانو کيس داد ڏيڻ وقت ملندو هو اهو اتي ئي ڀڳت ڪنور رام جيان پاڻ پنهنجي جهوليءَ ۾ وجهي اتي موجود مسڪين ماروئڙن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو استاد سنڌ جو ڪلاسيڪل راڳي هوندي، هن پريم نگر جي پوڄارين جي ڌرتيءَ جو ڌنار ٻڄي پالنا بہ ڪئي، تہ وري ست سُرن جو سنگم سيکارڻ جي ڪوشش بہ ڪئي.

استاد انور جتوئي جيڪو پاڻ سنڌ جو بهترين استاد به هو ان پنهنجي زندگيءَ کي هر وقت متحرڪ رکيو ڪڏهن به ماٺ ڪري نه ويٺو ۽ سيلاني سفير بڻجي ڏيهه جي ڏکن توڙي دردن جون ڪهاڻيون، پنهنجي انوکي ڏات ذريعي پيجل بنجي پوليندو هو ته ديس جي دراوڙن جي داد رَسي ڪئي، حالانڪ ڪي ماڻهو دولت جي هوندي، دولت جي نشي ۾ زندهه هوندي مئل هوندا هئا، پر جيڪي ماڻهو پين لاءِ جيئن، اهي ئي ماڻهو تاريخ جي ورقن ۾ مرڻ کان پوءِ به زندهه هوندا آهن ۽ استاد انور جا گونجيل گيت اڄ به اسان کي اتساهه ڏين ٿا، اتساهه ڏيندڙ ماڻهو ئي زندهه هوندو آهي. استاد انور اصل اسڪول ۾ استاد هو پر هي واقعي به سنڌ جو حقيقي استاد هو جنهن ڪيترن ئي غريب ۽ مسڪينن جي ٻارڙن کي پنهنجي خرچ تي پڙهائي، يورپ جهڙي ترقي يافته ملڪن تائين پهچايو.

مون کي سائين راشد مورائي جا سائين انورالدين جتوئيءَ جي ياد ۾ ڪيل پروگرام ۾ چيل اهي لفظ ياد پون ٿا ته "ساهتي پرڳڻي ۾ موجود استاد انور جتوئي جي جنم پومي وارو ڳوٺڙو (ٺوڙها) موهن جي دڙي جي پڪ ۾ موجود انور پيرزادي جي ڳوٺڙي، 'ٻلهڙيجيءَ' جيان هڪ آئيڊيل ڳوٺ آهي، جتي معياري تعليم، سگهڙن جون ڪچهريون، ادبي ميڙاڪا، لطيف جون لوريون، ٻاگهل جون ٻوليون، سنڌ جي سورن ۽ پورن جون پچارون، صبح سانجهي استاد انور جي آستاني تي هونديون هيون، شل اهي دائم ۽ قائم رهن."

استاد انور جتوئي، سنڌ جي صوفي شاعر صوفي گوهر شاهه گوهر جو رسالو شاهه لطيف جي پارکو حافظ محمد بخش خاصخيليءَ سان گڏجي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃي سهيڙيو هي ڪچهري جو ڪوڏيو ڏکن ۽ دردن جي هوندي به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پيجل جيان ٻوليو پئي ته:

پنهوارن کان پوءِ ڙي عمر_ منهنجو داد ڏنارن ڪين ڪيو. (شاهه)

استاد جو ته راڳ سان عشق هو ماروئڙن سان محبت هئي، ان جو مثال اهوئي ڪافي آهي جو ساهتي پرڳڻي جي صوفي شاعر صوفي شاهه نصير جي ادبي ميڙاڪي ۾ جڏهن ڪيس ڳائڻ لاءِ چيو ويو ته اتي ڳائڻ

وقت ڊولڪ نواز ساڻس چڱي طرح ساٿ نہ ڏئي رهيو هو تہ ڪيس چوڻ لڳو تہ ملنڊڙ پئسا مون کي نہ ڪپن ڍولڪ صحيح وڄاءِ، توهان کي ٻئي ڏينڌس، اتي اهو ملنڊڙ نذرانو جهوليءَ ۾ وجهي ڏئي ڇڏيائين!

سچ پڇو تہ استاد تي لکڻ ڪو آسان ناهي، لکڻ وقت نيٽن ۾ نير آهي، ڇو تہ ههڙا هڏڏوڪي، لطيفي فڪر جا پرچارڪ هاڻي سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا وڃي بچيا آهن، جيڪي ميڊيائي شهرت جي شوق کان آجو ٿي ڪري پنهنجي ڌرتيءَ جي ڌنارن جي داد رسي ڪندو رهي، هن سنڌ جي راڳ جي پالنا ڪئي، هن ڌرتيءَ جي سونهن سان عشق نڀايو ڏکويل روحن کي هن ريجهايو هن جي آلاپن ۾ دردن جي ڪٿا، سنڌ جي صوفي شاعرن بهاول فقير لغاريءَ کان وٺي، شاهہ عنايت شهيد، پٽائي، سچل، بيدل سان حقيقي عشق هو ان جي عشق جو ثبوت اهو هو جو جڏهن آمريڪا گهمڻ ويو تہ اتي آمريڪين کي راڳ جو رچاءُ ٻڌندي قدرڪندي، هن کي پنج سالن جي ويزا ڏني، هن اها پنج سالن جي ويزا کي ڇڏي، پنجن مهينن اندر ماروئڙن جي محبت ۾ سنڌ اچي پهتو. استاد اصل ۾ شيخ اياز جي هنن سٽن جيان روح جزيرو حيرت جو ۽ سنڌ جو پيو پڳت ڪنور رام هو.

هي رُوح جزيرو حيرت جو جنهن منجهہ سمايو آ پيارا،
هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٺو ايندو نہ وري وڻجارو
ڪجهہ ذات ڏسو پوءِ بات ڪيو هي شور اجايو آ پيارا.
(شيخ اياز)

هينئڙو منهنجو لوڻ ٿئي

سنڌ جو ساهتي پرڳڻو جتي علمي ادبي لحاظ کان شاهوڪار آهي اتي فن، ثقافت ۽ ڪلا جي لحاظ کان بہ تمام گھڻو مالامال آهي، ون يونٽ جي هلچل کان پوءِ سنڌ ۾ هڪ اهڙي کيپ تيار ٿي جنهن سنڌ جي علم ادب فن ۽ ثقافت تي تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ اهڙا جاکوڙي مرد مجاهد

پيدا ٿيا جن سنڌ جي ماڻهن کي شاهوڪار ادب ۽ سگهاري تاريخ ڏني. اتي فن ۽ ثقافت جي ميدان ۾ بہ تمام وڏا نالا پيدا ٿيا. هڪ تہ اهي فنڪار جن کي ميڊيا ماڻهن تائين پهچايو ۽ ڪي اهي فنڪار جن کي ميڊيا کان هٽي ڪري ماڻهن جي ميڙاڪن، سياسي، سماجي ڪاڄن ۾ پنهنجي فن پيش ڪرڻ جو موقعو مليو. حافظ محمد بخش خاصخيلي هڪ سنڌ جو سيلاني سفير هو جنهن پنهنجي شاعري ۽ آواز جي وسيلي سڄي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌ سان محبت جا گيت ڳائي خوب داد ورتو ۽ ان سان گڏ سائين انور الدين جتوئي بہ ساڻس گڏ پنهنجي سُريلي آواز جي ڪري سڄي سنڌ جي مزاحمتي ميڙاڪن، علمي ادبي، سيمينارُن ۾ خوب ڳائي سنڌ ڌرتيءَ سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو. انور الدين جتوئي ڳوٺ ٺوڙها لڳ نيو.

جتوئيءَ ۾ حاجي محمد عثمان جتوئيءَ جي ڪکڙن ۾ 2 فيبروري 1944ع ۾ جنم ورتو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي، ان کان پوءِ هاءِ اسڪول نيو جتوئيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ اڳتي پڙهي استاد ٿيو ڪيس کي ڳائڻ جو شوق ٻالڪ پڻ کان ئي هيو پر پوءِ باقاعدي راڳ جي سکيا حافظ محمد اسحاق تلتي واري کان ورتي، بعد ۾ استاد علي نواز خان ۽ امداد ميراثي کان پڻ سکيا ورتائين. پاڻ سڄي سنڌ ۽ پنجاب کان علاوه آمريڪا ۾ به پنهنجي آواز جو جادو جڳايو. انورالدين جتوئي کي خاص طور تي ڀٽائيءَ جي واين کي ۽ ٻين صوفي شاعرن تي ڳائڻ جو تمام گهڻو عبور حاصل هو. سندس آواز ۾ ايڏو ته جادو هو جو ٻڌندڙن تي سحر طاري ٿي ويندو ۽ سڄي پنڊال ۾ ماٺار ڇانئجي ويندي هئي. سندس آواز ۾ اهڙو ته سوز ۽ جادو هو جو ٻڌندڙ پنهنجي اکين مان لڙڪ هاري ويهي رهندا هئا. سندس مشهور ڳايل لاکيڻي لطيف جي وائي: پنهوارن کان پوءِ ڙي عمر منهنجو داد ڏنارن ڪين ڪيو. کي ماڻهن ايڏو ته پسند ڪيو جو سندس آواز جي هاڪ پري پري تائين ٻڌبي هئي. انهيءَ دؤر ۾ سائين جي. ايم سيد جي اڱڻ تي سن ۾ وڏا وڏا پروگرام ٿيندا هئا پر خاص طور تي سندس سالگره جي موقعي تي حافظ محمد بخش ۽ سائين انورالدين جتوئي جڏهن ڀٽائيءَ جي وائي پنهنجي سوز ڀري آواز ۾ ڳائيندا هئا ته اتي ويٺل سنڌ جي قومي ڪارڪنن تي وجدان واري ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي، سائين انور الدين جتوئي پنهنجي طبيعت ۾ تمام گهڻو شفيق ۽ پيار اوتيندڙ انسان هو هو سنڌ جو سچو عاشق هو ۽ سندس رڳ رڳ ۾ راڳ جي ڪلا سمايل هئي. پاڻ انسان دوست ۽ سنڌ دوست هئڻ سان گڏ شفيق، استاد پڻ هو. پاڻ گذريل سال فالج جي بيماريءَ ۾ ورتل هو ۽ ڪافي علاج ڪرايائين پر ڪيس شفا نه ملي، پاڻ اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات يعني 13 فيبروري 2013ع تي پنهنجي ڌرتيءَ کان هميشه لاءِ موڪلائي ابدي آرامي ٿيو. اربع ڏينهن مان، سائين راشد مورائي ۽ اسد سولنگي سندس اباڻي ڳوٺ پهتاسين ۽ سندس آخري رسمن ۾ شرڪت ڪئي سين ۽ ڪيس انهيءَ قبرستان ۾ دفنايو ويو جتي هن کان اڳ اسان جا وڇڙيل ويل به محبوب شاعر حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ نماڻو

سنڌي ادبي آرامي هئا، اسان انهن جي بہ حاضري پري ۾ سائين انور الدين جتوئي جي جُدائي اندر ۾ سانڍي موري واپس آياسين. اسان جي ذهن تي انور الدين جون يادون ۽ سندس سُريلا آلاپ اسان جي ڪنن ۽ ذهنن تي نقش ٿيل هئا ۽ اهي سِٽون ذهن تي ڦرنديون رهيون تہ:

”پنهوارن ڪان پوءِ ڙي، عمر منهنجو داد ڏنارن ڪين ڪيو.“

انورالدين جتوئي صوفياڻي راڳ ۾ پڻ گهڻي مهارت رکندو هو. سندس پسند جا شاعر لاکڻيو لطيف ۽ اعجاز سائين راشدي بہ هئا. انور جيئن تہ اڄ اسان ۾ موجود ناهي پر سندس فن ۽ ڪردار هميشہ لاءِ زندهہ رهندو. هن سنڌ جي عاشق جو وڇوڙو انتهائي ڏکدائڪ آهي. خدا تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ۽ سندس پونيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

(سائين انور جتوئي جي ٽيجهي جي موقعي تي روزاني ’عوامي آواز‘ ۾ ڇپيل)

هڪڙو ماڻهو هو موتيءَ داڻو هو
(نوڙهائي سڏيان يا ساهتيءَ جو سرواڻ)

مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي تہ ڇا لکان؟ ڪهڙا لفظ استعمال ڪريان؟ جيڪي لفظ سائين انورالدين جتوئيءَ جي شخصيت سان هم آهنگ ٿين، ڪٿي مان فقير ۽ ڪٿي سائين انورالدين جتوئي جهڙو امير انسان، مان ڪيس موتيءَ سان ڀيٽيان يا هيرن سان، ڪيڏو احمق آهيان جو مان ڪير، هيرن جواهرن، سون چاندي ۽ موتين سان پيو سندس ڀيٽ ڪيان، هو تہ اڃا بہ عظيم هو مان سندس عظمت کي الائي ميرانجهڙو پيو ڪيان، الائي ڇا ٿو ڪيان، الائي ڇا پيو لکان؟ منهنجو تہ پنهنجي قلم تي بہ اختيار ناهي، بس مان جيڪو ڪجهہ اڳي رهيو آهيان اهو الائي اٻالائي ۽ نادانيءَ ۾ لکي رهيو آهيان، مان ڪيس ڪير اچي سان ڀيٽا ڏيان، سندس ڳوٺ نوڙهن جي چوڌاري باغن سان ڀيٽيان، باغن ۾ موجود گلن ڦلن سان ڀيٽا ڏيان، ٻوڪيل انبن جي ٻور سان ڀيٽا ڏيان يا انبن جي باغن جي ساوڪ واري سونهن سان ڀيٽيان، فقيرن سان ڀيٽيان يا اميرن سان ڀيٽيان، کيتن ۽ ٻنين سان ڀيٽيان، برپٽ ۽ بيابانن سان ڀيٽيان ماڪ جي ڦڙن سان ڀيٽيان يا دريائن ۽ سمنڊن سان ڀيٽا ڏيان، ڪيس راڳي چوان يا استاد، ڪيس گائڪ سڏيان يا گويو ڪيس ناچو چوان يا نعت خوان، مان ڪيس فرد چوان يا ادارو سمجهان، يونيورسٽي يا درسگاهہ سڏيان، مان ڪيس نوڙهائي سڏيان يا ساهتيءَ جو سرواڻ سڏيان يا ڪير، سنڌ جو ارڏو پٽ چوان مون کي تہ اها بہ پڪ آهي تہ مون ۾ اها پاڪائي بہ ناهي جيڪا انورالدين جتوئي جهڙي پاڪ دامن انسان تي ڪجهہ لکي سگهڻ جي اهل هجي، مون کي اهو بہ ڊپ آهي تہ سائين انورالدين جتوئيءَ تي لکندي ڪا بي ادبي يا گستاخي نہ ڪري وجهان،

هيڏي وڏي ڪلاڪار جي شخصيتن تي ڪجهه لکڻ لاءِ منهنجو قد ڪاٺ ٺي ناهي. انورالدين جتوئيءَ تي ته ڪيترن ئي وڏي ناليواري اديبن لکيو هوندو ۽ لکندا، انهن وڏن اديبن ۽ ليکڪن جي لکڻين ۾ هي سِٽون بي سود ۽ اجايون هونديون، ليڪن ڇا ڪيان، مان ڇو نه لکان؟ پس ان ڪري ته لکان ته سائين انورالدين ڏاڍو قرب ۽ پيار ڏيندڙ هيو مان سندس ان قرب جي ڪابه قيمت ادا ڪري نٿو سگهان، هو ته هر ماڻهوءَ لاءِ ڇپر ڇانوَ هو، خبر ناهي ته منهنجو مائٽ هيو يا دوست، مون کان وڏو هيو يا ننڍو، منهنجو پاءُ هيو يا پيءُ هيو ڪنهن به رشتي جي ڪنهن هڪ ڪارب ۾ ڪيس بند ڪرڻ ۾ گستاخي ٿو سمجهان، ان ڪري منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه هيو منهنجو همدرد به هيو ته منهنجو محسن به هيو منهنجو پاءُ به هيو ۽ منهنجو پيءُ به هيو منهنجو ڏن دولت ۽ خزانو هيو هو ته عظيم هيو هو سپوت هيو هو گوهر هيو، هو املهه انسان هو، هو ته انسانيت جو علمبردار هيو. هن نفسانفسيءَ واري دور ۾ انسانيت جي حق ادا ڪرڻ وارن جو امام هيو منظور سولنگيءَ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ اها ڳالهه ڪئي هئي ته جهڙو ديس تهڙو ويس واري چواڻيءَ وانگر ڌرتيءَ ۽ امڙ جو انسانن تي اثر به ٿئي ٿو، ثبوت به هن ڇيو هيو ته سخت زمين جا رهواسي طبيعتن سخت ٿيندا آهن ۽ اسان واري ڌرتيءَ جي خطي ساهتيءَ جا ماڻهو نرم دل ۽ نازڪ مزاج ۽ زمين جي زرخيزي وانگر اعليٰ دماغ جا ذهين ماڻهو هن خطي ۾ پيدا ٿيا آهن. اهڙا هيڪاندا نالا وٺندو ويو پر مان رڳو پنهنجي مقصد جي ڳالهه طرف ايندي محمد عرس جتوئي جو ذڪر ڪندي، ان جو چوڻ هيو ته نوان جتوئيءَ واري سرزمين (جنهن ۾ ٺوڙها به شامل اهن) صوفين جي سرزمين آهي، هن خطي ۾ ڪيئي سر موردڙ صوفي آيا جن ۾ صوفي محمد، فقير هيسباڻي، سائين سيد صابرين شاهه، سائين نبن شاهه، ولڻ سائين، سيد علي گوهر شاهه، خدا بخش ڪٽي فقير، حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ انهيءَ لسٽ ۾ شامل ٿيندڙ سندن پيروڪار صوفي انورالدين جتوئي به سندن وچ ۾ آرام پذير ٿيو هن زرخيز خطي جي زرخيز ڳوٺ ٺوڙهن جو زرخيز انسان سائين انورالدين جتوئي ڪالهه نوابشاهه ۾ دم ڏني حوالي ڪيو ۽ هنن سِٽن لکڻ تائين رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي ۽ رئيس غلام مجتبيٰ خان جي ابدي آرام

گاهہ سائين صابرين شاهہ جي مقام ۾ زرخيزي واري اصلي گهر ۾ دفنائجي ويو. نوان جتوئي وارو سچو سرسبز علائقو وڻ ٽڻ، گل، ڦل، پن ٽاريون، گونچ ۽ مکڙيون سڀ سائين انور الدين جتوئي جي غم ۾ مرجهايل آهن.

نوڙهن ۾ جتي ٿهڪ ٿي ٿهڪ هوندا آهن اتي اڄ روڄ راڙو، آهُون ۽ دانهُون، سسڪيون ۽ سڏڪن جا آواز پيا گونجن. جن چهرن تي مُرڪون سجايل هونديون آهن، انهن چهرن تہ ڳوڙها پنهنجو رستو وهندا ٿا رهن. بدر اسد ۽ فقير عنايت (سائين انور جا فرزند) خبر ناهي ڪهڙي حال ۾ هوندا؟ هر ماڻهو جهرندو هوندو هنن سپاجهڙن ۽ معصوم ٻچڙن کي آٿت ڏيڻ وارو ٿي نہ هوندو ڪير ڪنهن کي سنڀالي؟ هر ڪانڌي سنڀالڻ ۽ سهارو ڏيڻ لائق هوندو مان ڪانئن پري هوندي پنهنجي ڳوڙهن کي روڪي نٿو سگهان. هو تہ معصوم آهن، الله کين صبر، همت عطا فرمائي ۽ الله تعاليٰ سائين انور الدين کي پنهنجي محبوب جو نعت خوان سمجهي ٻاجهہ ڪندو. (آمين)

(خميس 14، فيبروري 2013، روزاني "تعميرِ سنڌ" ۾ ڇپيل)

انورالدين جتوئي: سنڌ جو هڪ ڪلاسيڪل ڪردار

نوان جتوئي جي سنگت اسان جي علائقي جي هڪ اهڙي شخصيت سان رهاڻ ملهائي رهي آهي جنهن جو تعلق نه ئي ته ڪنهن سياسي جماعت سان آهي ۽ نه ئي وري ڪنهن اين جي اوزيا ٻئي ڪنهن فورم جو اڳواڻ يا ورڪر آهي، پر هو هڪ راڳي آهي. هو راڳ جو ڪيترو ڄاڻو آهي، اها پرک ته سندس ٻڌندڙيا راڳ جا ڄاڻو ئي ڪري سگهن ٿا..!؟

جيتري قدر سائين انور الدين جتوئيءَ کي مان سڃاڻان ته هو يارن جو يار، تڏي جو رڃ مڙس ۽ سنڌ جي روايتن جي پاسداري رکندڙ هڪ سٺو انسان آهي. دوستيون نڀائي ڄاڻي، هر ڪنهن سان حُجت وري ايتري جو دوستن سان مخاطب ٿيڻ وقت هر ڳالهه ذومعنيٰ گار ڏيڻ کان شروع ڪندو ۽ گار تي ئي ختم ڪندو آهي. طبيعت ۾ انتهائي سادو نياز ۽ نوڙت سندس فطرت ۾ شامل آهي، جنهن ماڻهوءَ ۾ کوڙ ساريون خوبيون هجن اُن ماڻهو عڪس ڇنجي ته ڪيئن ڇنجي؟ ظاهر آهي ته هر ماڻهو ۾ اوڻايون به هونديون پر منهنجي خيال ۾ ته سائين انور جتوئيءَ ۾ اُهي سڀ خوبيون آهن جيڪي هڪ سٺي انسان ۾ هجڻ گهرجن. بهرحال سائين انور جتوئي به انهن ٿورڙن ماڻهن مان هڪ آهي جيڪو خامين ۽ خوبين سميت سمورن دوستن وٽ هڪ جهڙو قبول آهي.

سائين انورالدين جتوئي بنيادي طور هڪ رٽائرڊ استاد آهي، مان کيس 84_1985ع کان سڃاڻان، هو پنهنجي دوَر جو هڪ بهترين استاد رهيو. مون کي حيرت تڏهن ٿي جڏهن سائين انور جتوئي اسان جي علائقي ڏيپارجا هاءِ اسڪول مان هيڊ ماسترَ جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيو.

سائين سان ملهايل اها الوداعي پارٽي جيڪا اتان جي استادن، ڳوٺاڻن ۽ شاگردن گڏجي ملهائي، جنهن ۾ سائين جا سڀ دوست پڻ گڏ ٿيا. ان موقعي تي سائين مون کي ٻه پاڻ سان گڏ وٺي ويو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ٻه ڪنهن تعليم کاتي جي ملازم سان ايڏي وڏي پيماني تي ٿيندڙ الوداعي پارٽي سو ٻه هڪ رٽائرڊ ماڻهوءَ سان مون نه ڏٺي آهي، جنهن الوداعي پارٽيءَ ۾ استاد، شاگرد، شاگرديائيون ۽ اُتان جي ڳوٺاڻن جيڪي سائين کي محبتون ڏنيون ۽ ان وقت سائين کي جيتريون گفتون، سوکڙيون مليون شايد ئي ڪنهن کي مليون هجن؟ ان جو سبب صرف اهو هو تہ هن تعليم جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪيو. ڏيپارجا جهڙي نج ٻهراڙي واري ماحول ۾ جتي ماڻهو پنهنجون نياڻيون اسڪول موڪلڻ عيب سمجهندا هئا سائين انور جي دؤر ۾ ماڻهن پنهنجين نياڻين کي اسڪول موڪلڻ شروع ڪيو. ان وقت سائين انور خلاف سازشون ٻه ڪيون ويون پر انور انهن جي پرواهه نه ڪندي پنهنجو تعليمي مشن جاري رکيو. نوان جتوئيءَ جو هاءِ اسڪول هجي يا ڏيپارجا هاءِ اسڪول سائين پنهنجي کيسي مان غريب شاگردن جون فيون ڀريندو رهيو ۽ هن پنهنجي محنتن جو ڪنهن کان ٻه اجورو نه گهريو سائين انور پنهنجن پاڻ جهڙي فقير يار نماڻي سنڌي جي بيروزگاري واري دؤر کان بيماري تائين، سائين حافظ جهڙن سائين سان آخر تائين نڀائيندو رهيو ۽ انهن جي وڇوڙي کان پوءِ ٻه اڄ تائين سنڌن ياد ۾ ٿيندڙ پروگرامن ۾ ايرن سيرن حالن آهر نڀائيندو اچي ٿو.

مون ڳالهه پئي ڪئي تہ راڳ جي تہ سائين انور راڳ جو ڪيترو ڄاڻو آهي يا ڪيڏو وڏو راڳي آهي؟ پر هن کي راڳ سان هڪ قسم جو عشق آهي هو پروفيشنل راڳي نہ آهي ۽ نہ وري هن راڳ کي ڪمائي جو ذريعو بڻايو آهي. دوستن جون محفلون هجن يا سنڌ جي ڪنهن درگاهه تي صوفياڻي محفل هجي، سڪرنڊ جي پير ذاڪري درگاهه هجي يا تلهار ۾ سائين حنيف شاهه سان ڪچهري، جهوڪ جو ميلو هجي يا ٺٽ ۾ مامي جمن دربدر ۽ حليم باغي وٽ ڪو پروگرام، پر سنڌ جو هي يگانو مڙس بغير ڪنهن معاوضي جي اتي پهچي!!؟ گاڏيءَ جو ڪرايو تہ پاڻ ڀري پر

گاڏيءَ ۾ به تي سنگتي به ڪٽي، جن جو خرچ به سندن ئي مٿان ۽ انهن پروگرامن ۾ راڳ ۾ ملندڙ پئسا وري پنهنجي سازندن ۾ ورهائي پاڻ جهولي خالي ڪري اُٿندو ته سياڻي وري الله ڏيندو. ان وقت مون کي سنڌ جو امر راڳي ڪنور ڀڳت ياد ايندو آهي جنهن لاءِ چيو ٿو وڃي ته "راڳ مان جيڪي پئسا ڪيس ملندا هئا اهي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو."

سائين انورالدين جتوئي هن عمر ۾ به اجا پاڻ کي اڌورو سمجهي ٿو هن جو چوڻ آهي ته زندگي سکڻ جو نالو آهي، جيڪا ڳالهه سندس عظمت کي ظاهر ڪري ٿي، پاڻ استاد علي نواز خان، استاد گلزار علي خان يا مامي جمن دربدر تائين کان راڳداري سکڻ ۾ عيب نه ٿو سمجهي. هڪ ڀيري سائين مون کي انٽرويو ڏيندي چيو هو ته سکڻ جي ڪا به حد مقرر نه آهي، هن جو چوڻ آهي ته زندگي مختصر آهي ان ۾ ڪنهن کي به تڪليف نه ڏجي.

حجابن کان بي پرواهه، سادي طبيعت ۽ سڌو سادو ماڻهو هئڻ ناتي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي مرحلن تي ڪيس کوڙ ساريون تڪليفون پڻ آيون پر سائين انور جتوئي هر مرحلي تي انهن کي اڪيلي سر برداشت ڪري ويو. سائين انور جتوئي جيتوڻيڪ هڪ نيم ڪلاسيڪل راڳي آهي پر هو طبيعت ۾ مون کي سنڌ جو هڪ ڪلاسيڪل ڪردار لڳندو آهي. اهڙو ڪردار جنهن جي سنڌ کي ضرورت آهي ڇو ته اهڙا سٺا انسان تمام گهٽ آهن.

—

(خميس 29 جنوري، 2006ع، روزاني 'سنڌ' حيدرآباد ۾ ڇپيل)

زاهد حسين گبول
(نوان جتوئي)

اسان کان پيارو ۽ محسن استاد وڇڙي ويو

موت ڪنهن کي به نه ٿو ڇڏي، ان ذائقي جي لذت هر ڪنهن کي چکڻي آ، خدا پاڪ جا اٽل فيصلا آهن، هن جي حڪمت سڀ کان اعليٰ ۽ اڪابر آ، هو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو ۽ هر شيءِ جي نفعي ۽ نقصان کي به بهتر سمجهي ٿو موت کي ڪهڙي مَيار ڏجي هن ڪيئن ڪلٽا ماڻهو هن ڌرتيءَ تان موت جي ننڊ ۾ سمهاري ڇڏيا: انهن ڪلٽن ماڻهن مان سائين انور جتوئي به هڪ هو.

سائين انورالدين يار ويس ۽ ڪلٽي ماڻهو اهو ڪڏهن به نه سوچيو هو ته مون کي اهڙو مرض لڳندو ۽ اهو مرض مون کان راڳ، دوستي، صوفين جا ڪلام ۽ اهي شاگرد جيڪا مون وٽ پڙهيا آهن سي مون کي مرض جي حملي ۾ ڏسي مايوسي جي سڪتي ۾ اچي ويندا، منهنجون سائين محترم انور الدين سان بيماريءَ کان پوءِ به ملاقاتون ٿيون، مون کي سائين جنهن مهل مليو ته سائين جي اکين مان ڳوڙها قطارون ڪري وهڻ لڳا ۽ مان سائينءَ کي ياڪر وجهي پرچائيندو رهيس ۽ مون سائينءَ کي چيو ته تو جهڙو ماڻهو روئي جيڪو سڄو ڏينهن چرچا ڪري ۽ گاريون ڏئي ۽ تو جهڙو ماڻهو بيماريءَ آڏو ايڏو بيوس بنجي وڃي ته پوءِ قبله توکي بيماري ڪيئن ڇڏيندي سائين مون کي چيو مان ڏاڍي ڪوشش ٿو ڪيان ته مان نه رُوئان پر مون کان زوري روئڻ نڪري ٿو وڃي. آئون وسون ڪونه ٿو روئان بس ڇا ڪيان مون کي ڪا شيءِ زوري روئاري ٿي. مون چيومانس سائين قبله تون ياري جو سخيٰ پرور انسان آهين ۽ صوفين جي عشق ۾ متوالو به بنجي رهيوآهيان ۽ صُوفين جي سُوز ۽ عشق جو پيغام تو پنهنجن سُرن ۽ آلاپن سان گهر گهر پهچايو آهي، انهيءَ راڳ ويراڳ

توکي بي خود بنائي نينهن ۾ نچايو آهي ۽ مان سمجهان ٿو تون هينئر به جنهن ڪيفيت ۾ آهين سا به ڪا عشق جي منزل آهي، مون هڪ دفعي سائين انورالدين کي چيو هو هن جديد دؤر جو ۽ سنڌي راڳ جو ڪنور ڀڳت آهين. ڇو جو ڪنور ڀڳت کي راڳ ۾ جيڪي پئسا پوندا هئا سي غريبن ۽ مفلسن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو سائين قبله تون به صوفين ۽ درويشن جو لتاڙيل آهين. پئسا سڀ سازن وارن کي ڏئي ڇڏين. سائين کي مون چيو تنهنجو هي روئڻ عام روئڻ ناهي پر هي به ڪا عشق جي منزل آ، دنيا جي آڏو تنهنجو روئڻ هڪ وڏو مثال آ. ان روئڻ کي ڪو عشق جو ڪاپڙي سمجهندو. جڏهن سيد علي گوهر شاهه جو رسالو ڇپجي ويو ته سائين مون ڏي پنهنجي هٿن سان ان ڪتاب ڏيڻ جا اکر لکي مون ڏي ڪتاب جي اعزازي ڪاپي موڪلي. هونئن به سائين منهنجي اوطاق تي چار دفعا راڳ ڳائي ويو هو. آئون سندس آخري محفل جو لکان ٿو جيڪا سائين منهنجي اوطاق تي يادگار ڳائي آئون نوان جتوئيءَ ۾ دڪان تي ويٺو هوس ته سائين انورالدين منهنجي سؤٽ محمد اياز گبول سان ڪار مان لٿو ۽ سائين جو گهاٽو دوست مقبول احمد چنه جيڪو اصلي رهواسي نوان جتوئي جو آهي پر هاڻي لنڊن جو رهواسي آ ۽ اتي رهندو آ. سو به سائين انورالدين سان گڏ هو سائين مون کي چيو رات تنهنجي اوطاق تي راڳ ڳائبو ان رات زاهد پنهور جي منهنجي اوطاق تي شاديءَ جو پروگرام رکيل هو جيڪو سائين جو دوست هو دوستيءَ جي ناتي سائين ان جي شادي تي ڳائڻ آيو هو. سائين کي مقبول چنه چيو سائين اڄ راڳ ڪو زبردست ڏيڻا، مون وٽ موبائل به ڏاڍي سٺي آهي ان ۾ پريندس، اهي ڪلام نيٽ تي به رکندس ۽ اتي لنڊن دوستن کي به ڏيکاريندس. سائين چيو ڪوشش ڪندس، راڳ سٺو ڪري ڳايان، سائين مون کي چيو توکي چيو هئم ته هندستان جي سٺن موسيقارن جا ڪتاب هٿ ڪري ڏي، سي ڪونه هٿ ڪري ڏنئي، مون چيو مانس منهنجو ڪلام ڳاءِ تي ڪوڙ ڪتاب هٿ ڪري ڏيندوسانءِ، سائين چيو تون ڪنهن ڪلام جي سٺي طرز ناهه واعدو مان ڳائيندس. واقعي ان رات سائين تي راڳ جي اهڙي ذات لهي

آئي جو سائين تمام زبردست راڳ ڳايو ۽ کوڙ قسم جون راڳڻيون ٻڌايون، اڄ به اها راڳ جي محفل منهنجي ياد کان پري نه رهي آ. سائين انور الدين استاد به بهترين هو منهنجو دوست نويد ملاح سائين کان انگريزي جو گرامر سکندو هو. سائين جي سمجهاڻي ۽ سيکارڻ جو طريقو تمام بهترين ۽ سولو هوندو هو. سائين کي گرامر اهڙو ياد هو جيئن حافظن کي قرآن ياد هوندو آ. سائين جت به نوڪري ڪئي ايمانداري ۽ اصول ۽ پابنديءَ سان ڪئي. سندس نوڪري ڪرڻ جو استاد پاڻ ۾ مثال ڏيندا آهن. اهڙا سلڇڻا ماڻهو ۽ طبيعت جا سدا انسان ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. مان سائين لاءِ چوندو هو هتان مري نه پر وري ويو آ، جڏهن آئون سندس جنازي تي پهتس ۽ اتي سندس نماز جي رش ڏسي چيم استاد واقعي عظيم انسان هو نه هو ڪو سياستدان نه وري ڪو وڏو زميندار هو بس هو هڪ غريب استاد هو پر سندس نياز نوڙت کي ياد ڪري دل ۾ چيم ته واقعي اڄ اسان سڀ درويش ماڻهوءَ جي نماز پڙهي رهيا آهيون. بس پوءِ پنهنجي دل کي چيم ته واقعي درويش ماڻهن جا جنازا اهڙا ٿيندا آهن ۽ منهنجي اکين مان بي ساختا ڳوڙها وهي ويا. اهڙن ماڻهن جون يادون اکين کان پري ٿين ٿي نه ٿيون ۽ انهن جي محبتن جا پُور سندس اباڻن ۽ دوستن کان ڪيئن ڀُلبا. جيڪي هر وقت گڏ هئا، سي ڪيئن وسرن. جيئن اهڙن ماڻهن لاءِ شاعر هن بيت ۾ کهڙي نه سهڻي پيتا ڏني آ:

ڏوٿي ويا ڏور، ڪنهن سان سليا سور،
پل پل پيون ٿا، مون کي پنهنجي مارن جا پور
جيڪي مون سان هر، وقت گڏ سي نه ٿا وسرن مور،
زاهد هنن جا، ڪنهن سان ڪيان محبت جا مذڪور

جن سان محبت جا مذڪور ٿيندا هئا ٿهڪ ۽ ڪچهريون ٿينديون هيون، سي ڏوٿيئڙا ڪيئن وسرندا، انهن وڻجارن لاءِ سندن اولاد ۽ وني راهون نهاري ٿي ته هنن اڱڻن تي جن آديسين سان ڪچهريون ڳالهيون ٿيون سي اک ڇنڀ ۾ اُڏري ويا.

اول آخر آه، هلڻ منهنجو هوت ڏي

گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ استاد انور دين جتوئي ساهتيءَ جي انهن استادن ۾ شامل هيو جن پنهنجي سڄي زندگي بين ڪاڻ گذاري پاڻ هٿ چنبڻي هن دنيا مان مطمئن ٿي راه رباني ٿي ويا. اهڙا ماڻهو حقيقت ۾ سنڌي سماج جي ميراث هوندا آهن.

منهنجي ساڻس پهرين ملاقات، الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي محمد ڪبير جي صحن ۾ رات جي وقت ذڪڻ جي هير ۾ هڪ سيرت جي پروگرام ۾ ٿي. مخدوم ميان غوث محمد گوهر هڪ پنو پروگرام رٿيو هو هڪ حصي ۾ منهنجي هٿ سان لکيل قرآن پاڪ جون 500 ڪاپيون ڇپايون هيائين جنهن جي مهورت ٿي رهي هئي، ٻئي حصي ۾ سنڌ جي مختلف حصن مان مولودي يا نعت خوان گهرايا هيائين، جن ڪي پورو ماحول معطر ڪرڻو هو. ان پروگرام ۾ ڪي پروفيشنل مولودي/ نعت خوان به موجود هيا جيڪي زوري داد وٺڻ جون حرفتون به ڄاڻن پيا ۽ ماڻهن کان زوريءَ 'سبحان الله' جا نعرا به هڻائين پيا. اهو وقت اندازاً 2000ع جو هيو. پروگرام جي ڪمپيئرنگ پروفيسر الطاف اثيم صاحب ڪري رهيو هو. حافظ محمد بخش خاصخيلي به موجود هيو. ان ئي ماحول ۾ مولود/ نعت پڙهڻ لاءِ استاد انور دين جتوئي جو نالو ڪڇيو. هڪ سادن ڪپڙن ۾ سادڙو ماڻهو مٿي تي انگوڇي جا وَرَ ڏنل- اٿين ٿي لڳو ڄڻ عام ماڻهو آهي جنهن کي اسٽيج تي سڏايو ويو آهي. مون سان گڏ محمد نواز پٺي، سنڌي ادبي سنگت جو ضلعي رابطا سيڪريٽري وينو هيو جنهن کان مون پڇيو ته هاڻي اهو به مولود چوندو؟

مون کي ياد ٿو پوي ته جڏهن هن اٿندي مولود/ نعت جي مِينڊ ڏني ته منهنجي جان مان ڄڻ ته بجليءَ جو ڪَرنٽ پاس ٿي گذري ويو ۽ مان

پنهنجو پاڻ کي سنيالڻ ۾ پورو ٿي ويس. جان مان سچ ته سيسرا ٿيون نڪري ويون ۽ دل مان زوري داد ٿي نڪتو. ايترا زيلُن وارا مٺي آواز مون عام ڪونه ٻڌا آهن. ان محفل ۾ اسان گڏ حافظ استاد خادم ڪلهوڙو به هيو جنهن کي استاد انور جو آواز ۽ ادائگي ڏاڍي وڻي، جنهن بعد ۾ کيس پنهنجي ياءُ جي هڪ شاديءَ ۾ گمرايو ۽ ڪافي نجي نموني سان سندس مولود/ نعت ٻڌاسين. جنهن ۾ هن پيروي، تلنگ، سورٺ ۽ راڻي جون راڳڻيون ڪم آنديون. ان کان پوءِ پتو پيو ته استاد ڪافي راڳڻين کان به واقف آهي ۽ باجي تي پڻ ڳائي سگهي ٿو. ان کان پوءِ سائين انور جتوئيءَ سان ڪا ملاقات ڪونه ٿي سگهي.

تعليم و تعلم جي پيشي سان وابسته هجڻ سبب هو اسان لاءِ بيشڪ واجب العزت آهي، هاءِ اسڪول جو هيڊماستر به رهيو. پر افسوس جو سائينءَ سان اهڙو تعلق نه رهيو جو هن جا تعليمي ۽ نظم و ضبط جا پاسا ڏسي سگهجن ها. ليڪن دوستن جي راءِ موجب هڪ سٺو استاد ۽ بهتر منتظم هو. بهرحال، هن سان ڪيل ڪچهريون ان ڳالهه جون ساک پرين ٿيون ته هو هڪ پلو ماڻهو ۽ بهتر استاد هيو. اسان ماڻهن جو اهو به هڪ وڏو الميو آهي جو اسان سٺا سياستدان، سٺا انجنيئر ۽ ڊاڪٽر، سٺا منتظم، سٺا پروفيسر، سٺا اديب ۽ شاعر، سٺا عالم وغيره ته پيدا ڪري سگهيا آهيون پر اهي پلا ماڻهو ٿي نه سگهيا آهن. پر جڏهن استاد انور جتوئيءَ جهڙا استاد ڏسجن ٿا ته اها راءِ ضرورجڙي ٿي ته جيڪي شاگرد هن فقير منش جي هٿئون تيار ٿيا هوندا، اهي ضرور سٺا ماڻهو بڻيا هوندا ۽ سماج لاءِ ڪو آزار نه بڻبا. ان موقعي تي علي احمد بروهيءَ جي هڪ ڳالهه ذهن تي اچي ٿي ته بمبئيءَ جي هڪ پروگرام ۾ ويل هيو ۽ بيمار ٿيڻ جي صورت ۾ هڪ ڊاڪٽر وٽ ويو جيڪو سنڌي هيو. ڊاڪٽر ڪانئس في به نه ورتي ۽ ڪِرِيءَ جو ڪاڏو به موڪلڻ لاءِ چيائينس: بروهي صاحب گهٽوئي اسرار ڪيس ته مون کان في وٺ، پر هن نه ورتي. نيٺ، بروهي مرحوم چيس ته "يار غريب غربن جي ته ڪل لاهيندا هونديءَ مان مهمان ضرور آهيان ليڪن في ڏيڻ جي مون کي به سگهه آهي باقي ڪِرِيءَ جو ڪاڏو هوٽل ۾ ڏکيو ملندو." ڊاڪٽر وراڻيس ته "سائين، اسان غريب غربن

جو باقاعده خيال ڪندا آهيون. منهنجي گهر ۾ اهڙن لاچار ماڻهن لاءِ ڪِريءَ جي ماني به ٺهندي آهي جيڪا مان هنن کي مهيا ڪري ڏيندو آهيان." ان تي بروهي صاحب موٽ ڏنس ته: "يار ڏاڍو پلو مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، پر هڪ ڳالهه ضرور ڪندس ته اوهان جهڙن ماڻهن کي ڪو پلو استاد مليو هوندو جو اوهان ۾ اخلاقيات جا جُز سمايل آهن." سو اصل ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي ڪو پلو استاد ملي ٿو ته يقيناً اهو سماج جو هڪ پلو فرد ٿئي ٿو ۽ سگهه آهر ڌرتيءَ جي ماڻهن جي خدمت ڪن ٿا. استاد انور جتوئي ۾ اهڙا چند استاد بيشڪ اسان ڏٺا جن جو نالو فخر سان ڪٺي سگهجي ٿو.

سنڌ ۾ اهڙا ڪوڙ ماڻهو پيا آهن جن پنهنجو پاڻ کي منظر عام کان لڪايون پنهنجي عشق کي آباد ڪيون ويٺا آهن. جن وٽ ڪنهن شاعر وانگر 'ڪا تمنا ڪا آرزو ڪانهي، زندگي ائين به ڪو گذاري ٿو.' بيشڪ، استاد انور جتوئي به انهن وڏن ماڻهن مان هيو جن ڪڏهن به پنهنجي عشق کي ڍنڍو نه ٻڌايو.

استاد انور جتوئي جهڙا ماڻهو بيشڪ ڪنهن سماج ۾ پنهنجو ڪردار عملن سان مڃائيندا آهن ۽ ڪڏهن به سماج مان ڪنهن داد جو اونو نه رکندا آهن. اهو ان لاءِ ٿو چئجي جو هر هر مڪتبه فڪر جو ماڻهو عالم و اديب يا فنڪار سڪٽي داد ۽ مڃتا جو گهرجائو ضرور رهي ٿو- ۽ رهڻ به گهرجي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي سماج ۾ سٺا لاڙا پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ نمايان ڪم ڪري ٿو ته مڃتا هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو ڪنهن به ڪم لاءِ سون تي سهاڳي جو ڪم ڪري ٿو. پر اسان جي سماج ۾ چڱن پلن ۾ اهڙي ته بخيلي ۽ بي- حسي سمايل آهي جو هو اهڙن آدرشي ماڻهن کي مانُ ۽ مڃتا ڏيڻ ۾ قومي نقصان سمجهندا آهن ۽ ان جي ويجهڻ کان پوءِ محفل جو مور ٿيڻ ۽ ڪريڊٽ حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا پروگرام ڪرايا ويندا آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي سِر هڪ تاريخ ٿين ٿا ۽ زندگيءَ جو وڏو حصو مشاهدن ۾ گذارڻ سبب مشعل راه ٿين ٿا. ڪاش! سماجي طور اهڙن فقير منش ماڻهن جي جيئري مڃتا ڪئي وڃي ها ۽ ان جي مشاهدن کان عام ماڻهن کي مستفيض ڪيو وڃي ها.

سائين انورالدين جتوئي- هڪ استاد ۽ راڳي

30.9.1993 عيسويءَ تي اورينٽل ٽيچر طور تعليم کاتي ۾ نوڪري ملي. کاتي طرفان پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نيو جتوئي ۾ ٿي. 30 تاريخ تي 12 وڳي کان پوءِ هاءِ اسڪول ۾ حاضر ٿيس. هيڊ ماستر محمد اسحاق آرائين صاحب سرڪاري ڪاغذي ڪارروائي مڪمل ڪري مون کان هاءِاسڪول جي ماستر رول تي صحيح ورتي. هي نيو جتوئي شهر ۽ اسڪول ۾ ملازم طور منهنجي زندگيءَ جو پهريون ڏينهن هو. هاٽي نوڪري تي تنهنڪري هرروز نيو جتوئي اچڻ وڃڻ شروع ٿيو. اسڪول جي دوستن سان پهريان تعارف ٿيو پوءِ اهو تعارف دوستين ۽ حجتن ۾ بدلجي ويو. نيو جتوئي هاءِاسڪول ۾ 70، 72 ملازم ڪم ڪن ٿا اڪثر دوستن جي پاڻ ۾ دوستي ۽ يٽ پوڙ هوندو هو. پر ان ۾ به ويهڻ گروپن جي صورت ۾ هوندو هو. جن جي جن سان طبيعت ملندي هئي اهي انهن سان گڏ جي ويهندا هئا ۽ چانهن پڪوڙا به گڏ جي کائيندا هئا. اسان جيڪي دوست گڏ جي ويهندا هئاسين ان ۾ محمد ادريس جتوئي، جيڪو هاٽي بيورو آف ڪريڪيولم ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. عبدالرشيد جتوئي سائين تڏهن ئي نوڪري ڇڏي وڃي آمريڪا رهيو ۽ هاٽي اتان جو ئي شهري ٿي ويو آهي. محمد عرس خاصخيلي تعليم کاتو ڇڏي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي ڪميشن پاس ڪئي ۽ هاٽي ڪنهن گزيٽيڊ پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي. غلام عباس چنا ڪجه ورهن کان برطانيه ۾ ڪاروبار ڪري رهيو آهي. باقي طارق ميمڻ ڏتي بخش خاصخيلي عبدالغني جتوئي بدرالدين سولنگي سائينداد مستوئي ۽ مان

ساڳي ڪاتي ۾ نوڪري ڪري رهيا آهيون. اسڪول ۾ قابل احترام يا اسڪول جي ڪمن ۾ مشاورت وارن شخصن ۾ سائين انوردين جتوئي، سائين الهڏنو خاصخيلي، مرحوم پنهل خان مشوري، سائين سونو خان چانديو، مرحوم ڪوڙو خان مستوئي ۽ ڪجھ ٻيا دوست بہ آهن جن جا نالا ياد نہ آهن. هنن دوستن ۾ هر ماڻهو هن سوچ جو هو تہ نوڪري ڪرڻي آهي ۽ وري گھر وڃي پنهنجو ذاتي ڪم ڪار ڪرڻو آهي. ۽ ڪجھ خانداني مسئلن کي منهن ڏيڻو آهي يا نماز روزو ڪرڻو آهي ۽ اهڙي نموني زندگيءَ جا 60 سال پورا ڪرڻا آهن ايچ. ايس. ٽي آهيون گنج آهي. پر سائين انور صاحب ڪنهن ٻئي مزاج جو ماڻهو هو. هن جي ذهن ۾ نوڪري، راڳ ۽ ان جو رياض، مذهبي، سياسي، سماجي، ۽ خانداني اختلافن کان دور دولت جي حرس ۽ حوص کان آجو سخي، مست ملنگ، سندس چپن تي هميشہ مسڪراهٽ، ۽ شرافت هن جي مزاج جا وڏا گڻ هئا. مون سان جيترييون بہ ڪچهريون ڪيائين انهن ۾ مٽن ماڻتن، اولاد يا دوستن احبابن جي ڪڏهن بہ شڪايت نہ ڪيائين ۽ نہ وري ڪڏهن دولت جي ڪمي يا عام طرح جيڪو سنڌي پوڙها پٽڪو ڪٽڪو ڪندا آهن اهڙو جملو مون سائين جي زبان تي ڪڏهن نہ ٻڌو. سائين مون کي مذهبي سمجهي ڪڏهن ڪڏهن چيڙائڻ جي ڪوشش ڪندو هو پر پوءِ سمجهي ويو تہ هي مذهب پرست نہ پر دين پرست آهي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن سائين سان ويجهڙائي بہ وڌندي وئي. جيڪا سندس وفات تائين جاري رهي. هن وقت سائين اسان وٽ موجود نہ آهي پر سندس يادون اڄ بہ موجود آهن. جن جو ذڪر پنهنجي قلم سان ڪري سگهجي ٿو. ادريس جتوئي صاحب جيڪڏهن ڪجھ مهينا اڳ اطلاع ڏئي ها تہ سائين تي مضمون ڪنهن تحقيقي انداز ۾ لکجي ها جنهن ۾ سندس جنم جي تاريخ، تعليم پرائڻ وارو دور ۽ سندس استاد، نوڪري جي شروعات، ڪهڙن ڪهڙن اسڪولن ۾ هن نوڪري ڪئي، ۽ هر اسڪول ۾ هن شاگردن جي ڀلائي لاءِ ڪهڙا ڪم ڪيا، هن ڳائڻ جي شروعات ڪڏهن ڪئي ۽ هن ڪي ڳائڻ جي سکيا ڪنهن ڏني اسڪول ۾ پڙهائي جي دوران سندس اخلاق ۽ ڪردار ڪهڙو هو وغيره

وغيرھ پر دير سان اطلاع ملڻ ڪري اهو تہ سڀ ڪجهہ نہ ٿي سگهيو. اميد تہ ڪنهن ٻئي دوست ان تي ضرور لکيو هوندو. مان هتي صرف سِندس سان گڏ گذاريل چند لمحن ۾ يادن جو ذڪر ڪندس جيڪي مون کي ياد آهي.

هڪ ڏينهن منهنجو پيرڊ فري هو. تنهنڪري مان اسڪول جي هاسٽل واري ڪمري ڏي هليو ويس جتي سائين انور اڪثر ويهندو هو ۽ اتي سندس باجو بہ پيل هوندو هو. وڃي ڏسان تہ سائين کٽ تي ويٺو جهونگاري. در کان ايندو ڏسي ڪنڌ سان اشارو ڪيائين ويھ. مان ويٺس، جهونگار بند ڪري چيائين، واندڪائيءَ جي پيو وندر ڪريان، جي توکي بہ شوق آهي تہ ويهي وندر ڪر (مسڪرائيندي). سائين منهنجو آواز ڳائڻ جهڙو نہ آهي (مون چيو). منهن ۾ نهاري کلي چيائين ڇا حال آ؟ حال کي ڇڏيو مون کي باجو سيکاريو. (مون چيو) تون باجو سکي ڇا ڪندين؟ (سائين چيو). ڇو مون کي سکڻ جو حق نہ آهي (مون چيو). ادا مولوي سک پلي پر مولوي پت مان ڪڍي ڇڏيندي (سائين چيو). سائين پت عوام جو هوندو آهي اسان مولوي صرف ڪاٽيندا آهيون نہ مولوين جو پت نہ وري هو مون کي ڪڍي سگهندا. ائين چئي مون باجو کڻي شطرنج واري ننڍي ٽيبل تي رکيو ۽ سائين جي کٽ جي ويجهي ڪري چيم تہ مون کي باجو سيکاريو. ادا باجو مان بہ سٺو وڄائي نہ ٿو سگهان باقي راڳ تي محنت ڪري رهيو آهيان. چڱو ويھ سائين باجي تي آڱريون رکي سمجهايو ”ساري گاما پادا نيسا سا“ وغيره. سائين سر هجي نہ هجي، مون جيئن تيئن وڄائڻ شروع ڪيو پر مسئلو هي ٿيو تہ مان جڏهن آڱريون باجي جي ٻيندن تي رکي باجو وڄايان تہ ٻيندن واري وائبريشن منهنجي آڱرين جي مدد سان منهنجي دل تي پهچي ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪن وڌي پئي وڃي ۽ طبيعت ۾ بيچيني پيدا ٿئي پئي، پوءِ سائينءَ صلاح ڏني تہ توهان موسيقي ٻڌڻ وارو شوق برقرار رکو باقي سکڻ کي ڇڏي ڏيو.

1997_5_28 تي منهنجي شادي جو پروگرام هو ۽ ويجهن دوستن کي رات جي دعوت هئي. سائين انور رات جو آيو ۽ باجو بہ پاڻ سان گڏ آندائين ۽ بريلوي مسلڪ جي مولوداِئي عبدالرحمن مشوري کي بہ پاڻ

سان گڏ وٺي آيو. مان سائينءَ کي ڏسي چيو تہ: مون کان مائي ڪسرائيندو؟ ان لفظ تي ڪليو باقي. گهڻن ماڻهن ۾ وڏيڪ ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي سگهي. سائين اڳيان پيل کٽ تي ويهي رهيو ۽ دوستن سان ڪچهري ۾ مصروف ٿي ويو. رات جو 9 جي لڳ ڀڳ سائينءَ ڪپڙي ۾ ويڙهيل باجو ڪوليو. سائين هي ڇا پيا ڪيو؟ (مون چيو). ڇو ڇا پيو ڪيان! مان راڳ ڳائيندس، سائين منهنجا ماما ڪٽر مذهبي آهن ۽ پڪا وهابي بہ آهن، اهي راڳ ڪونہ ڳائڻ ڏيندا ۽ اهڙا ضدي آهن جو يت بہ ڇڏي هليا ويندا. ڪجهہ رحم ڪريو ايتري ۾ منهنجو پاءُ آيو ۽ مونکي چيائين: بابا خيال ڪر ماما وارا پت مان اٿي ويندا سائين کي سمجهاءِ تہ راڳ نہ ڪيندو. سائين اهي لفظ ٻڌي چيو تہ ادا راڳ ٿيندو. مان راڳ ٿو ڳايان ۽ مولوي صاحب تقرير ڪري، دوستن جي مرضي آهي تہ راڳ ٻڌن يا وري تقرير ٻڌن، ان ۾ ناراض ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. سائينءَ جو معقول جواب ٻڌي منهنجا ٽپ ئي ٽري ويا. ٻئي ڏريون محترم وڃان سو وڃان ڪاڏي، نيٺ سائين انور کي هٿ ٻڌي عرض ڪيم وٺي ٿهڪ ڏنائين اڙي يار مان مذاق ٿو ڪيان شادي خوشي جو نالو آهي پريشاني ۽ پٽڪي جو نالو نہ آهي. تون پريشان نہ ٿي بس اسان هر ڳالهہ ڇڏي، تنهنجا ماما ئي راضي رهن. مان بہ بزرگن جا ٻول ٻڌايان هان پيو وري ڪهڙو راڳ هو. (اوچتو سڏ ڪندي) عنايت مشوري ملي عبدالرحمن مولودائي ڪون سڏ ڪر تہ محبوب دا شان بيان ڪري، سائينءَ جو اهو چوڻ ۽ منهنجو وري هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ: سائين هي مون وارا همرا ديوبندي جماعت جا آهن نہ راڳ ڪرڻ ڏيندا ۽ نہ وري ملي عبدالرحمن کي مولود چوڻ ڏيندا. هي ملو عبدالرحمن بہ تہ بريلوي مسلڪ جو آهي اجان توهان کي برداشت ڪن ها. هن کي تہ ايترو بہ ڪونہ سهندا، مهرباني ڪري ڪچهري ڪيو پين ڳالهين کي ڇڏيو. مون هيترو سارو خرچ ڪيو آهي، الله ڪري رڳو زال ملي نہ تہ جيڪو توهان ٿيٽر شروع ڪيو آهي تہ مائٽ يت بہ ڪاٽي ويندا ۽ زال بہ ڪونہ ڏيندا. ڪلي چيائين: ملا رڳو زال ملڻ جو فڪر اٿئي.....

ربيع الاول جو مهينو هو مان پنهنجي ڳوٺ وڏا ڏنگبراچ جي ويجهو پنهجي زمين ۾ مرغي فارم تي ويٺو هئس شام جي ٽائيم هو طبيعت ۾

بيچيني ۽ اداسي محسوس ٿي رهي هئي. اوچتو ذهن ۾ آيو تہ سائين انور کي فون ڪيان، جي ڪٿي ويجهو آهي تہ مون وٽ اچي يا مان وٽان پر جي پري آهي تہ سياڻي لاءِ ٽائيم ڏئي تہ ڪچهري ڪيون. سائين جو نمبر ملايم فون اٽينڊ ڪيائين، رسمي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ چيائين خير ۾ فون ڪئي اٿو. ها سائين بس طبيعت بيچين هئي سوچيم تہ ڪنهن پياري کي فون ڪيان ان ۾ ڪٿو توهان جو نڪتو پيو مڙئي خير. ۽ ها، جي ويجها آهيو تہ ڪچهري ڪيون حڪم هجي تہ مان اچان يا توهان اچڻ جو قرب ڪيو. جي پري آهيو تہ سياڻي لاءِ ٽائيم ڏيو. پر خير ۾ پريشان آهيو. (سائين چيو) ڪا تڪليف تہ نہ آهي پر پوءِ بہ طبيعت بي چين آهي ۽ دل ٿي چوي تہ عثمان فقير جيڪي ٻول ڳايا آهن اهي توهان وٽان ٻڌان. ڪهڙا ٻول (سائين چيو). سائين هي ٻول:

پڳهہ چوڙي پنڌ پيا مون پيري وڻجارا

ڌيمي آواز ۾ سائينءَ چيو: يار ربيع الاول تہ سهڻي جي آمد جو مهينو آهي. توهان کي الائي ڇو غمن وارن ڪلامن ٻڌڻ جي اڪير لڳي آهي. ادا خدا توهان جو بہ خير ڪري ۽ توهان جي پيارن جو بہ خير ڪري. رهي ڳالهہ ڪچهري جي سو مان تہ نوشهروفيروز ضلعي کان ٺي ٻاهر آهيان تنهنڪري اڄ ڪچهري نہ ٿي سگهندي وري ڪنهن ٻئي پيري ڪچهري ڪنداسين.

سائينءَ جي ڳالهہ صحيح نڪتي ربيع الاول جي مهيني ۾ ميان غوث محمد گوهر ڪوتڙي محمد ڪبير واري جي وفات ٿي وئي. ميان صاحب جو نالو ڪنهن بہ علم دوست کان ڳجهو نہ آهي. ميان صاحب سان منهنجي دلي وابستگي هئي ۽ هو پيار ڏيڻ وارو ماڻهون هو سندس پيار ۽ خلوص کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهان.

جن ڏينهن ۾ سائين انوردين بيمار ٿي پيو انهن ڏينهن ۾ سائين جي ويجهي رشتيدار، رٽائر ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عبدالرحيم جتوئي ڪنهن ڪم سانگي فون ڪئي. جتوئي صاحب چيو تہ توهان جي دوست استاد انور جي طبيعت ناساز آهي بيهوش ٿي ويو هو نوابشاهہ

مان دوا وٺي آيو آهي سائين کي هاڻي فرحت آهي باقي ٽيسٽ اچڻ جو انتظار آهي. توهان کي فون ڪرڻ جو مقصد ڪم به هو پر دراصل سائين انور جي بيماري جو ٻڌائڻ آهي (جتوئي صاحب چيو). چڱو ٺيڪ آهي (مون چيو). جتوئي صاحب فون بند ڪئي مون جلدي ۾ سائين انور جو نمبر ملايو سائين فون پاڻ اٽينڊ ڪئي مون مذاق واري انداز ۾ سائين کي چيو: ابا عبدالرحيم ٻڌايا ته تساڏي طبيعت خراب هي ڪِتي نيت خراب تي پئي هي؟. سائين نه نيت خراب ٿي وي يا نه ٿي وي مالڪ ته انهين سڃي ڪيفيت دا مالڪ هي. ايه دنيا ته سڀ ڪنهن ڪون ڇوڙڻئين هي باقي تسان جهڙيان مولويان ڪون دنيا ڇوڙڻ ڏاڍي ڏکي لڳدي هي. خير ملڻ ڪڏهن آسين، اهمل ڪٽي هين، سائين چيو. سائين ملڻ لئي ته فون ڪيتم مئين گهر هان، مون چيو. آ ته ماني گڏجي کاندي هسي. صبح جا 10، 11 ٿي رهيا هئا. نيو جتوئي منهنجي ڳوٺ کان 15 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي ۽ نيو جتوئي شهر کي نوشهرو سان ملڻ وارا رستا به اڪثر خراب آهن. سو مان به اڌ ڪلاڪ جي اندر سائين جي اوطاق تي پهتس. وچان ته سائين اڳ ئي مهنجي انتظار ۾ اوطاق جي اڱڻ تي ڦري رهيو آهي ۽ هي ڪلام به جهونگاري رهيو آهي جيڪو ڪچهري جي دوران هن سچو چئي ٻڌايو هو:

جوڳين جو گذران او يار هي دنيا مسافر خانو او يار
محل ماڙيون جي تون اڏيندين سي سڀ مورک اٿ تون ڇڏيندين
او هي ته مانجهاندي جو مڪان او يار
يائر يائتيا ڪٽب قبيلو ساٿ نه هلندئي سنگت سهيلو
او ٿيندين اڪيلو روانو او يار
يعقوب ياقي ڪو دم باقي ڪولي ڏس تون من جي تاڪي
او هي ته خزان جو خزانو او يار

السلام عليڪم - وعليڪم السلام چئي ياڪر پائي مليا سين ۽ اوطاق ۾ حال اوريا سين. بيماري جو ذڪر ڪندي: يار مولوي صاحب دل گهري پئي ته بيهوشي کان پوءِ هوش نه اچي ها. سائينءَ چيو. مون گهوري

سائينءَ جي منهن ۾ ڏٺو. ڏسين ڇا ٿو. سائين چيو. ڏسان ٿو ته بيماري توهان کي ڪيترو پريشان ڪيو آهي. مون چيو. سائين بيماري جو احوال ڏيندي ٻڌايو ته اچانڪ بيهوش ٿي ويس. ڇوڪرن نوابشاه مان ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڏني آهي ۽ ٽيسٽون به ڪرايون آهن هاڻي ٽيسٽن جي رزلٽ اچڻ جو انتظار آهي. وڌيڪ اڳتي ڳالهه ڪندي سائين چيو ته ڊاڪٽر جي ڳالهائڻ مان مون اندازو لڳايو آهي ته مون کي دماغ ۾ ڪا به ڦوڙهي يا انفيڪشن آهي جنهن جي ڪينسر جهڙي صورت آهي. اها ڳالهه مون توهان سان ڪئي آهي باقي ان ڳالهه کي پاڻ تائين رکٽو آهي ڇو ته دل گهريا دوست اها ڳالهه ٻڌي پريشان ٿيندا. يا وري منهنجو اندازو به غلط هجي. مولوي صاحب مون عالمن جي واتان ٻڌو آهي ته بيماريون وغيره جيڪي ٿين ٿيون. اهي ڪبيره گناهن جي ڪري ٿين ٿيون. ته جيئن بندو تڪليفون ڪاٽي مري ۽ ان جا گناه معاف ٿي وڃن. مولوي صاحب مان خدا کي حاضر ناظر سمجهي توهان سان ڳالهه ڪيان ٿو ته مون اڄ ڏينهن تائين ڪبيرو گناه نه ڪيو آهي پوءِ مون کي اهڙي تڪليف نه ٿيڻ گهرجي ها. باقي انسان آهيان خدا جي فرضن ۾ ضرور ڪوتاهي ٿي آهي ۽ ٿي هوندي. ان جملي تي سائين جون اکيون پاڻيءَ سان آليون ٿيون. مان به روئڻ جهڙو ٿي ويس. سائين جي مذهبي حوالي سان پڇي رهيا آهيو ته مان توهان کان ٿي پڇان ٿو ته الله تعالي جا پيارا پيغمبر، اصحابي، سڳورا، اولياءَ الله سڀ هن دنيا مان لڏي ويا ۽ انهن جي هن دنيا مان لڏي وڃڻ جو ڪو نه ڪو طبعي سبب هو. جنهن ۾ بيماريون وغيره اچي وڃن ٿيون جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته انهن ڪهڙا گناه ڪيا هئا يلا بزرگ اصحابي ته ڪري سگهن ٿا پر الله تعالي جا پيغمبر ته گناهن کان پاڪ آهن. سائين اهڙي ڳالهه نه آهي هي دنيا ڇڏڻي آهي ۽ ان جي ڇڏڻ ۾ ڪي به سبب پيدا ٿيندا، مون چيو. سائين مسڪرائي چيو ته يار مان ڏاڍو ان ڳالهه ۾ منڌل هئس. بهرحال ان کان سواءِ به دنيا جهان جون ڳاليهون ٿيون ڪافي تائيم ڪچهري ڪئي سون. مون سائينءَ کان جڏهن وڃڻ جي اجازت گهري ته سائين چيو: وري ڪڏهن ايندو. بس هفتي اندر يا وري جڏهن حڪم ڪيو. مون چيو. بس هفتو صحيح آهي باقي هڪ ڪم

ڪجو مولانا عزيزالله ڀوهيو ڪي بہ گڏ وٺيو اچجو. ٺيڪ آهي. (مون چيو).
مان سائين ڪان موڪلائي ڳوٺ وڏا ڏنگراچ روانو ٿيس. هڪ ٻہ ڏينهن گذريا مولانا عزيزالله ڀوهيو مليو. مون ڀوهيو صاحب کي ٻڌايو تہ سائين انوردين جتوئي جئ طبيعت ٺيڪ نہ آهي مان سائين سان ملڻ ويو هئس هن توهان سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ چيائين تہ: هفتي جي اندر ملڻ اچجو ۽ ڀوهيو صاحب کي بہ گڏ وٺيو اچجو. مولانا صاحب چيو هون ءَ خير تہ آهي نہ؟. جي خير آهي مون چيو. ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ مولانا صاحب سان ملاقات ٿي سائين انور صاحب کي فون تي اطلاع ڪيم تہ سائين مولانا ڀوهيو بہ گڏ آهي سڀاڻي توهان جا مهمان آهيون. صبح جو ڏهين ڏاري مولانا ڀوهيو ۽ مان سائين انورالدين جي اوطاق تي ڳوٺ ٺوڙها پهتاسين. فون ڪيم سائين گهران نڪري آيو. مولانا ڀوهيو کي پنهنجي طبيعت جو حال احوال ٻڌاياءين ان کان پوءِ ٻنهين مختلف موضوعن، جهڙوڪ: سياسي، سماجي مذهبي، ۽ راڳ ويراڳ جي موضوعن تي خوب ڪچهري ڪئي ۽ ڪچهري جي دوران سائين هڪ اڌ صوفي ڪلام بہ ٻڌايا پر ان دوران مولانا کان متيون سوال بہ ڪيائين تہ علماءَ چون ٿا تہ بيماريون وغيره ٿيڻ جو سبب بندي جا گناهہ آهن. مولانا بہ سائين کي اهو جواب ڏنو تہ اهي طبعي خرابيون آهن ۽ اهي دنيا جي هر شيءِ ۾ ٿين ٿيون. توهان تہ پڙهيا لکيا دوست آهيو پيغمبرن جي حياتي تي نظر وجهي ڏسو تہ توهان کي هر شيءِ سمجهہ ۾ اچي ويندي.

ماني کائڻ کان پوءِ سائين انوردين ٻڌايو تہ اڄ ڪراچي وڃڻو آهي ۽ سڀاڻي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻو آهي. اهي لفظ ٻڌي اسان وڃڻ جي اجازت گهري، ۽ سائين کان موڪلائي ڳوٺ روانا ٿياسين ۽ اهڙي طرح هڪ ٻي ملاقات بہ ماضي بنجي وئي.

هاڻي ٽي چار مهينا ٿي ويا سائين ڪراچي مان چيڪ اپ بہ ڪرايو تہ آپريشن بہ ڪرايو ۽ بيماري بہ ظاهر ٿي وئي پر مان نہ وڃي سگهيس. ان دوران سائين جي گهڻ گهُرن مان جن سان بہ ملاقات ٿئي تن کي سائين جي بيماري جو ٻڌائيندو رهيس. هڪ ڏينهن سڪندر علي خشڪ موجوده ڊي سي سانگهڙ سان ملاقات ٿي تہ اُن کي بہ ٻڌايم تہ يار

سائين انوردين جي طبيعت ناساز آهي ۽ هن کي سندس طبيعت جو پورو احوال پڏايم. سڪندر صاحب سائين جي طبيعت جو احوال ٻڌي ڏاڍو غمزده ٿيو ۽ چيائين ته يار مان به سائين سان ملڻ ويندس جي هتان نوشهري واري آفيس مان پروگرام ٿيو ته توهان کي به ڳوٺان کنيو هلندس. پر پوءِ جي خبر نه آهي ته سائين سان سندس ملاقات ٿي الائي نه. سڪندر صاحب ماڻهو لاجواب آهي. ملڻ جلڻ جو پلوڙ قدردان، طاقت آهر ڏک سک ۾ ڪم اچڻ جهڙو آدمي، اسر سڌ ۾ سڌ ڏيڻ جهڙو آهي. سائين انوردين جو تمام گهڻو خيال رکندو هو پر هڪ ٻن ملاقاتن ۾ مون محسوس ڪيو ته هن جو بيحد احترام به ڪري پيو.

هاڻي ضمير جنجهوڙي پيو ته سائين سان ايترو وقت نه ملڻ جو سبب ڇا آهي ۽ ملڻ ۾ ڇو دير پيا ڪيو ۽ واقعي ضمير سچ ۾ جنجهوڙي پيو. اهو جمعي جو ڏينهن هو اسڪول مان 12 وڳي موڪل ملي، اتائين سائين انور ڏي روانو ٿيس. 15_20 منٽن ۾ سائين جي اوطاق تي پهتس. سائين اڳ ئي ڪن طبع پرسي ڪرڻ وارن سان ويٺو هو. هٿ ملائي کٽ تي ويٺس هڪ به دوست موڪلائي روانا ٿيا، باقي سڪندر مشوري ۽ مان رهياسين آخر سڪندر مشوري به موڪلايو. باقي مان ۽ سائين اوطاق ۾ رهيا سين. سائين ڪنهن وقت اٿي اوطاق ۾ پنڌ ڪري پيو ۽ ڪانئي ۾ ٻڌل بانهن کي مهتي ۽ هيڏي هوڏي ڪري پيو جيڪا آپريشن جي ڪري سُن ٿي وئي هئي، ۽ چوي پيو ته ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته هن کي چوريندا رهو اهڙي ڇُرپُر سان هي بانهن ٺيڪ ٿي ويندي ۽ هڪ دوست مقبول چنا جو ذڪر ڪري پيو ته آيو هو وري واپس لنڊن هليو ويو. هن مختلف ڊاڪٽرن سان مشورو ڪيو وغيره وغيره پر لڳي پيو ته هن سان سائين جي روح جو ڳانڍاپو هو ۽ ڳالهه ڳالهه تي روئي پيو ڏئي، مان روئڻ جي مطلب کي نه سمجهندي سائين کي چيو ته روءِ نه، مڙس ٿي، ته هن روئڻهارڪي انداز ۾ مسڪرائي چيو ته روئڻ پاڻهي اچي ٿو مذاق واري ڳالهه تي به روئڻ اچي ٿو ۽ ان ۾ ڪو به شڪ نه هو هو واقعي سچ چوي پيو.

مون کي دل ۾ هُرڻ لڳو: هاڻي سائين انور جي طبيعت ۾ اهو مزو نہ رهيو آهي. انور تہ ساڳيو آهي پر نہ پوڳ تو ڪري نہ وري ڪلام تو ٻڌائي، هاڻي تہ هو سفر واري سامان جي سهيڙ پيو ڪري. هاڻي تہ هن تي الله تعالي وڏي ڪرم نوازي فرمائي آهي. علماءِ دين چوندا آهن تہ خدا جي دربار ۾ دعا گهرڻ وقت جي روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جهڙو منهن ڪريو. هاڻي هي نہ چاهيندي بہ روئي ٿو پوي، ۽ خوشي واري ڳالهہ تي بہ روئي ٿو پوي، جنهن جو مطلب صاف ظاهر آهي تہ پالڻهار سائين سان گهڻو راضي ٿي چڪو آهي. خير قصو ڪوتاهہ مان سائين کان موڪلائي گهر روانو ٿيس. سچ پچ هي سائين سان زندگي جي آخري ملاقات ثابت ٿي. هاڻي لک ڪروڙ لتايان پر سائين سان نہ ٿو ملي سگهان.

ڏينهن گذرندا رهيا 13.2.2013 تي صبح جو فيس بوڪ کوليم تہ دوستن سائين جي وفات جي خبر هلائي ڇڏي هئي. خبر پڙهندي ئي تاڪ نڪري ويا. هي ڇا ٿيو! اندر مان جواب آيو تہ ٿيو اهو جيڪو ٿيڻو هو. بس توسان بہ ائين ئي ٿيندو. ائين ئي اسان هڪ سٺي دوست، تعليمي ماهر، سلڇڻي استاد ۽ بهترين گائڪ کان محروم ٿي وياسين. خيالن کان موٽي جنازي جو ٽائيم معلوم ڪري جنازي ۾ پهچڻ لاءِ نڪتس ۽ ٽائيم تي جنازي ۾ پهتس. وڃي ڏسان تہ جنازي ۾ بحثان بحثي لڳي پئي آهي، هڪ ڌر چوي تہ فلاڻو شخص جنازي نماز پڙهائي ۽ وري ٻي ڌر چوي تہ نہ فلاڻو خان نماز پڙهائيندو. ۽ سندس پٽ وري چوي تہ بابا وصيت ڪئي هئي تہ منهنجي جنازي نمازسائين حاجن شاهہ پڙهائي. ادريس جتوئي بحث ڪرڻ وارن جي قريب آهي پر ڳالهائي ڪونہ ٿو خاموش بيٺو آهي عجيب منظر. مان سرڪي ويجهو ٿيس ۽ سمجهڻ لڳس تہ ادريس ڳالهائي ڇو نہ ٿو. هاڻو ٻيلي ادريس جو ڏوهہ نہ آهي جنازي نماز متعلق بحث ڪرڻ وارا سفيد ريش 70، 72 سال جا پوڙها آهن ۽ سندن خاندان جا نيڪ مرد آهن. دل ۾ چيم حق تي هي خاموش آهي واقعي سندس دال نہ ٿي ڳري ۽ ڳرندي بہ ڪيئن؟ مان ڪاوڙ مان بحث ڪرڻ وارن کان واپس ٿيس ۽ پٺڪندي چيم: اچ جي خالق ڪائنات هن درويش کي ڳالهائڻ

جي مهلت ڏئي تہ شايد هيئن چوي، ”منهنجا ادا، مهرباني ڪري منهنجي جنازي نماز ان شخص کي پڙهائڻ ڏيو جنهن لاءِ مون وصيت ڪئي آهي. ڇوتہ موت خدا ۽ بندي جي ملاقات جو واحد ذريعو آهي ۽ توهان ان ملاقات ۾ مون کي دير ڪرائي رهيا آهيو“. خير گهڻي لڙ لڙاتي کان پوءِ سندس جنازي نماز سائين شهزادي شاه پڙهائي ۽ جنهن کان پوءِ هن نيڪ دل انسان جو دنگل واري دنيا کان هميشہ لاءِ رابطو ڪٽجي ويو.

ڊاڪٽر سومار ڪوسو
(بدين)

هو ڇا ماڻهو هو، موتي داڻو هو

اها 1977 جي ڳالهہ آهي، جڏهن آءٌ نائين درجي ۾ هاءِ اسڪول سعيدپور ۾ پڙهندو هئس، هڪ ڏينهن سعيدپور ۾ ڪو فنڪشن ٿيو جنهن ۾ ان وقت جو اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي ڪي.بي. رند بہ آيل هو فنڪشن جي دوران هڪ شخص کي ڳائڻ لاءِ سڏيو ويو جڏهن هن شاهہ جو بيت ڪوهياري ۾ ڳائڻ شروع ڪيو تہ سڄي پنڊال ۾ ماٺ ڇانئجي وئي. هن جو آلاپ پولارن ۾ گونجڻ لڳو مان هن جي آواز جي جادو ۾ منبجي ويس، منهنجي عمر ان وقت 15 سال هوندي، پر مون تي ان شخص جي سوز ۽ گداز واري آواز ڄڻ ڪو جادو ڪري ڇڏيو هو. مان وڃي ان شخص سان مليس ۽ اهو هو سائين انورالدين جتوئي جيڪو ان وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماتلي ۾ استاد هو. انهي ڏينهن کان پوءِ اسان جي سائين سان سدائين ملاقات ٿيندي رهندي هئي، منهنجي ننڍڙي عمر هوندي بہ سائين مون کي وڏن جيتري عزت ڏيندو هو. سائين هڪ بهترين استاد، بهترين دوست ۽ بهترين ڳائڪ هو محفلن جو مور ۽ هر هڪ کي ياد ڪرڻ واري شخصيت هو. مان ميڊيڪل ۾ پڙهڻ ويس تہ سائين سندس وڏي ڀاءُ سان 1983 ڌاري ڄامشوري آيو جيڪو ان وقت بيمار هو ۽ ڪا آپريشن ڪرائڻي هئي، ان وقت سائين مهرباني ڪري منهنجي هاسٽل جي ڪمري تي رهڻ لڳو جتي ڪوڙ دوست اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ اسان سائين کان راڳ ٻڌندا هئاسين. اهو رشتو هر گهڙي هر وقت مضبوط ٿيندو ويو. اها ڳالهہ سائين جي سڀاءَ ۾ موجود هئي جو دوستن کي ۽ ويندي شاگردن کي ڳولي اچي لهندو هو. ايڏو اٽموٽ ۽ بيباڪ هو جو هر ڳالهہ ۾ مذاق دوستن کي چٽي ڏيندو هو. هڪ دفعي مان سندس ڳوٺ نوڙها جتوئي ويس تہ پاڻ ڳوٺ نہ هئا، سندس ڪنهن مائٽ ڪٽ تي

ڪو.شنو هنڌ وڇائي ويهاريو. جڏهن پاڻ موٽيو ۽ مون کي هنڌ تي ويٺل ڏٺائين تہ پري کان هڪل ڪري چيائين تہ اڙي هي ڪهڙو پير يا مرشد آهي جو کٽيءَ کٽ تي بسترا وڇائي ويهاريو اٿوَ. لاهيوس کٽ تان، وڏا ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو ۽ پوءِ گلي ملي ايڏو خوش ٿيو جو بيان نٿو ڪري سگهان. اهو ڪلي دل سان استقبال، اهي ڪچهريون اڄ بہ نٿو لڳي تہ هو اسان کان دور هليو ويو آ. اڄ بہ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ڀر ۾ ويٺو آ ۽ ڪو گيت آلاپڻ وارو آ. پر وري ان دنيا مان واپس حقيقت جي دنيا ۾ اچان ٿو ۽ پنهنجي ڀرسان ويٺو ڪيس مرڪندي نٿو ڏسان تہ دل اداس ٿيو وڃي. لطيف سائين جي بقول:

گل چنو گرنار جو، پٽڻ ٿيون پٽين،
سوين سورٺ جهڙيون، اپيون اوسارين،
چوٽا چندن هٿن ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناز ڪرين، تہ راجا رات رم ڳيو.

جڏهن بيمار ٿيو ۽ دماغي ڪينسر جو روڳ لڳي ويس ۽ آپريشن ڪرائي موٽيو تہ مون کان پڇيريون سوال هئس تہ ڊاڪٽر مان ڳائي سگهندس يا نہ. پنهنجي زندگيءَ جو ايترو الڪو نہ هئس جيترو راڳ ڳائڻ جو فڪر. مونکي ڊاڪٽر طور اهو اندازو هو تہ هي هاڻ ڪنهن ٻئي جهان جو واهي آهي، مان ڪيس چوندو هئس تہ اوهان هاڻ جلد ڳائيندا پر موت بي ميار آهي. ان اسان کان هڪ اهڙي شخصيت کي کسيو جنهن جو خال پرجڻ ممڪن ناهي. هو سدائين دلين ۾ رهندو، پنهنجي پيارن ٻولن سان، پنهنجي

تاثرات

(تعزيتي نوٽ بُڪ تان)



نذرانہ عقيدت مرحوم ڀاءُ انور جي ياد ۾

اڄ تہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين
ڄڃي ڄڃيءَ کي جيارين- سي لاهوتي لڏي ويا

اڄ نہ اوطاقن ۾ سندي جوڳين ذات،
ساري سنياسن کي، رُنم ساري رات،
تن جنين جي تات، سي لاهوتي لڏي ويا.

ڪجهہ بہ نہ وڻي ويندا سين،
ڪجهہ بہ نہ ڪٽي ويندا سين،
پور آهيون ڏيئي ميوو چٽي ويندا سين.

کسي کي ياد جو آئي تو آنکهہ بهر آئي
هماري گهر مين پهر شام غم اتر آئي.

کون رخصت هوا هي اس گهر سي آج،
نہ وہ گهر هي نہ درو ديوار.

تلاش تهي مجهي جس ڪي وہ گهر نهين آيا،
دوستو لوٽ ڪي واپس ميرا بهائي نهين آيا.

وہ بڇڙا اس ادا سي ڪہ رُت هي بدل گئي.
ايڪ شخص ساري شهر ڪو ويران ڪر گيا.

پاران:

غلام سرور جتوئي
جنرل مئنيجر (رٽائرڊ)
ڪراچي شپ يارڊ

شاهہ محمد جتوئي
ايڊووڪيٽ، نواب شاهہ

محمد موسيٰ جتوئي
اڳوڻو هيڊ ماستر
هاءِ اسڪول، ڏيپارجا

صفيہ جتوئي
ڌيءُ انور الدين جتوئي

ماءِ سوئيٽ فادر (منهنجو پيارو بابا سائين)



پنهنجي بابا جي باري ۾ لکڻ کان اڳ سؤ ڳالهيون منهنجي ذهن ۾ آنڌ مانڌ لايون ويٺيون هيون تہ مان گهڻو ڪجهہ لکي سگهان ٿي، پر جڏهن لکڻ جي لاءِ قلم هٿ ۾ جهليو تہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪٿان شروع ڪريان. منهنجو بابا، بيماريءَ کان اڳ دل ۾ تہ گهڻي شفقت رکندڙ پر شينهن جي اک ڏيکارڻ واري پهاڪي جيان هو. پر ان جي بيماري کانپوءِ جڏهن ان جي قوتِ برداشت ختم ٿي وئي، تہ خبر پئي تہ هو ڪيترو نہ شفيق ۽ پنهنجي اولاد لاءِ آتو انسان آهي. هُن هڪ سال (بيماري واري) ۾ اسان کي ٽيهن سالن جو پيار ڏنو جيڪو اسان جي دلين ۾ نقش ڪري ويو آهي. اهڙو پيار جيڪر هينئر آڌيءَ رات جو بہ ائين تڙپائيندو آهي. جيئن اندر ۾ ڪو طوفان اچي ويجي ۽ پوءِ خدا جي مرضي ڄاڻي ٻاڻ کي پنهنجي منهن سمجهائيندي آهيان. بابا جو وڃڻ، اسان جي لاءِ ائين آهي ڄڻ اسان جي مٿان ڪڙي تتهڻ اس ۾ سايو ڇڏائجي ويو هجي. عجيب خالي پڻو محسوس ٿيندو آهي. منهنجي لاءِ منهنجا پاءُ ٺمار ننڍڙا ٿي ويا آهن، ائين

لڳندو آهي جڻ انهن ۾ اڃا اهو عقل نہ آهي جو ايڏي وڏي ذميواري سنڀالي سگهن. يعني بابا جي هجڻ سان ڪڏهن بہ اهو خيال نہ هوندو هو تہ

منهنجي مائٽن کي ڪابہ تڪليف يا ڪا پرواھہ هوندي، پر اڄ هر وقت اهو لڳندو آهي، جڻ انهن وٽ سڀ ڪجهہ هوندي بہ ڪجهہ نہ هجي. بابا سائين صرف پنهنجي اولاد لاءِ نہ، پر هر ٻار کي پنهنجو ڪري سمجهندو هو. ان منهنجي ٻارن کي مون کان وڌيڪ پيار ڏنو. خاص ڪري منهنجي ننڍڙي مومڻ کي. جنهن جي لاءِ هو هاسپيٽل بہ نہ پئي ويو آپريشن لاءِ، تہ مومڻ وارا نوابشاھہ مان ڪراچي پهچن تہ پوءِ ويندس هاسپيٽل. مون بابا کي هن هڪ سال ۾ ايڏو ويجهو کان ڏٺو ۽ پرکيو، جيترو سڄي زندگيءَ ۾ ان کي نہ پرکي سگهيس. منهنجي من ۾ گهڻيون ئي خواهشون هيون، جيڪي هر ٻار جي دل ۾ هونديون آهن، جيڪي مان پوريون ڪري نہ سگهيس، ائين ڪٿي چئجي تہ مان پنهنجا انگل پورا ڪري نہ سگهيس، جيڪي مان بابا سان ڪرڻ پئي چاهيا. اڄ انهي انتظار ۾ آهيان، تہ ڪڏهن مان پنهنجي بابا جي جهلڪ ڏسان، جيڪا ناممڪن آهي. هو ڪڏهن بہ مون کان يا خاندان جي ڪنهن بہ فرد کان يا وري پنهنجي يارن دوستن کان نہ ٿو وسري سگهي. هو امر آهي. اڄ بہ مان ان جون پڙهيل نعتون پڙهي ان کي ڊيڊيڪيٽ ڪري، پنهنجي دل کي سڪون پهچائيندي آهيان. ۽ واقعي ان جي وڃڻ ڪانپوءِ اهو احساس بہ ٿيو آهي تہ پنهنجي مائٽن جهڙي آسيس ۽ پيار ڪير بہ نہ ٿو ڏئي سگهي. اهو هڪ قدرت پاران ڏنل اهڙو رشتو آهي جنهن جي ڪمي ڪير بہ پوري نہ ٿو ڪري سگهي جيئن هُن پاڻ هڪ وائيءَ ۾ ڳايو هو تہ:

پنهوارن کان پوءِ ڙي عمر،
منهنجو داد ڏنارن ڪون ڪيو.

• سائين انورالدين جتوئي هڪ بااصول انسان ۽ سچو عاشقِ رسول الله عليہ وسلم هو. خداوند قدوس کين پنهنجي جوارِ رحمت ۾ سدا رکيس شال.

احقر

محمد علي قلندري

• سائين انورالدين جتوئي صاحب سان ملاقات چند سال پراڻي. مگر انهي عرصي دوران جيڪا محبت ۽ پيار مليو سا تمام گهڻي عرصي جي برابر. چو تہ اڄ رستي ۾ ايندي گڏ ايندڙ دوست معشوق برهماڻي بہ پڇيو تہ سائين سان تعلق ڪڏهن جو آهي؟" چيم "چند سال." وراڻي ڏنائين تہ ملڻ وقت تہ ائين محسوس ٿيندو هو ت ڪہ ڪو صدين تي محيط تعلق آهي. سائين ڪثيرالجهت شخصيت جا حامل، سندن جدائي سندن اولاد ۽ دوستن لاءِ ڏاڍي ڏک جي گهڙي آهي. مگر کل شيءِ هالڪ الا وجود اکري.

عبدالله خان جيسر صاحب جي صحبت ۾ دعا لاءِ حاضري ٿي.

عبدالفتاح ڏاهري

جوهي دادو

• سائين انور جي تڏي تي اڄ سائين جون ڪوڙ ساريون ڪچهريون ياد پيون ٿيون. سائين انور جهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن. سنڌ ۾ ملڻ جي هن مند ۾ سائين جي موڪلاڻي رشتيدارن سان گڏ وڏي تعداد ۾ دوستن کي سوڳوار ڪري ڇڏيو آهي. سائين انور جتوئي ياران جوهي نئين گاج جي ڪپ تي مچ ڪچهري ۾ ڳايل راڳ منهنجي لاءِ وڏي خوشنصيبي هئي. سائين انور جون قرب ڪچهرين وسارڻ جوڳيون ناهن.

معشوق برهماڻي

جوهي

• تاريخ 13-فيبروري 2013ع تي صبح جو سائين انورالدين جتوئي جي جنازي نماز ۾ شموليت تي.

ڪڏهن تہ اسڪول ۾ سيني استادن سان پاڻ ڪچهريون ڪري دل وندرائيندو هو. اج سندس نماز پڙهندي اسڪول جي سيني استادن جي اکين ۾ اشڪبار هو. وري سندس تڏي تي اچي دعا ۾ شموليت تي. سندس ورثا سان تعزيت ڪندي ۽ سندس غيرحاضري محسوس ڪندي شاھہ سائين جون سٽون تري آيون تہ:

اگڻ اهي ٿي پر، جت نہ ساٿ جوءِ ۾،
اوطاقون اڻن ري، سُڃيون سيئي،
اکڙيون روئي ماڳ نهاري موٽيون.
(شاھہ)

سائين انورالدين جي شخصيت نہ صرف استاد، هيڊ ماستر پر گهڻ پاسائين هئي. سندس يار مزدور هاري، واپاري، راڳدار مطلب تہ هر مڪتب فڪر جا ماڻهو سندس ڪچهري ۾ شامل هوندا هئا.

سائين انورالدين دسترخوان جو ڪشادو هو. مون ساڻس هاءِ اسڪول ۾ چار سال گڏ نوڪري ڪئي. ساڻس گڏ سفر ڪيو پر سائين قول ۽ فعل جو سچو ۽ سچ گو انسان هو. مون منجهس ڪڏهن بہ تنگدستي ۽ بُخل نہ ڏٺو آخر تائين.

بقا خدا جي ذات تي آهي. دعا آهي تہ رب پاڪ سندس پونئيرن کي انهيءَ صدمي سهڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ سندس جسد خاڪي کي عروج تي سڪون ۽ جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي.

يہ دنيا عجب است، گر موت نہ باشد
لالہ عجب است، گردانم نہ باشد.

عبدالقادر ڪوسو

(استاد- هاءِ اسڪول، نوان جتوئي)

•

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

سائين انور جهڙا فقير انسان تمام گهٽ پيدا ٿيندا. اڄ بهترين شفيق انسان اسان کان جدا ٿي ويو آهي. الله تعاليٰ ڪيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ـ آمين

پير مظفر حسين
اڳوڻو چيئرمين
مرڪزي اليڪشن ڪميٽي
پ ٽ الف ـ سنڌ

• سائين انور جتوئي جي وڇوڙي تي تمام گهڻو ڏک رسيو آهي. سائين انور پنهنجو مٽ پاڻ هو. هو يارن جو يار ۽ غريبن جو همدرد خوش مزاج انسان هو ۽ صوفيانہ راڳ ۾ هو وڏي مهارت رکندڙ هو. الله تعاليٰ جنت نصيب ڪري ۽ پونئين کي صبر عطا ڪري

ملوڪ ڪوسو
جسقم

• سائين انور علي جتوئي جي وڇوڙي جو دلي صدمو پهتو آهي. اهڙا انسان ورلي پيدا ٿيندا آهن. سائين فقير دوست ۽ مهربان هئا. سائين شفيق انسان سان گڏوگڏ هڪ رهبر استاد پڻ هئا. سندن خال سالن ۾ بہ نہ پربو. سائين تي لکڻ لاءِ مون جهڙي ماڻهو جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. سائين جا ٽهڪ هميشہ رهندا. سائين کي الله تعاليٰ رب العزت مغفرت فرمائي ـ آمين

خاڪسار
ڊاڪٽر اشفاق

•

ارڻ سو رائتيون سو رائتين جي ڪونہ ٿيون پٽر پون،
گهاءُ نہ لڳن گهوٽ جو ٿيون رياءِ منجهاران رون،
چيٽاريو نہ چون، پار منهنجي پرينءَ جا.
(شاهہ)

سائين انورالدين جتوئي پنهنجي پيغمبري شعبي استاد ڪان وٺي هر مڪتب فڪر ۾ تمام مخلص رهيو. جيتوڻيڪ زندگيءَ جا ٽيهہ سال مسلسل مون سان گڏ رهيو. هي وفادار دوست ۽ وفا شعار رهيو. گهمڻ ڦرڻ لاءِ درگاهن تي درسگاهن تي سنگت کي گڏ ڪٽي هلڻ گاڏي جا ڪرايا سنگت سان محبتون، ڪارائڻ پيارڻ جو مڙس ماڻهو نيڪ دل انسان ۽ هر ڪنهن کي همت ڏيڻ وارو انسان، اسان کان وڇڙي ويو. پوئتي اولاد سان گڏ سنگت کي بہ سوڳوار ڇڏي ويو. اڳ ۾ حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ نماڻي سنڌيءَ جو وڇوڙو ويتر هن صدمي مونکي جهوري وڌو. سائين انورالدين جڏهن راڳ جي آلاپ ۾ راڳ درباريءَ ۾ نعت شريف چوي يا سورٺ سهڻي ڳائي يا پيمر. ڪوهياري ڳائي بهرحال هر راڳ راڳڻي کان واقف هو پر منهنجون ڪيئي فرمائشون هونديون هيون. مان ڪيس کي اهڙي موقعي تي بہ فرمائش ڪندو هوس تہ:

اشڪ آنکهون سي نڪل ڪر بهہ گئي جاني ڪهان
آج ميري تسبيح ڪي بِکري هوئي داني ڪهان

مون سان ميهڙ کان آيل علي اڪبر ۽ سڪندر علي، شمس الدين جانوري گڏيل آهن.

سگهڙ حاجن جانوري

•

کيئي گل گلاب جا ڪيئي ڏارون ڏار
اڙي موت ميارا جو رکيئي ساڙ سڳنڌ سان.

اڄ اسين پنهنجي پياري، ڪچهرين جي مور محسن، پلوڙ راڳي، هر پنهنجي يا پرائي کيٰ گهڙي ڪن ۾ يار بنائيندڙ مهربان سائين کان محروم ٿي وياسين.

سڪندر علي جانوري
ميهڙ

• سائين انورالدين جو هڪ احسان هن 1993 ۾ مون کي ٻچڙن جو ڳيو ماستري نوڪري ۾ وٺي ڏني. آءٌ سندس زندگي ڀر احسانمند رهندس.

علي اڪبر جانوري
ميهڙ

• سائين انورالدين جتوئي صاحب اسان جو پيارو دوست ۽ محسن هيو. سائين جن سان اسان جو ٻه روح هيو. جڏهن ٻه ڳوٺ ٺوڙها ايندا هياسين ته محفل ڪهڙي ٻه هوندي هئي پر پوءِ ٻه ڳائڻ جي فرمائش ڪندا هياسين ته سائين اوهان ٻه ڪجهه ٻڌايو ۽ سائين ڪڏهن ٻه جواب نه ڏيندو هو ۽ خوش ٿي اسان جي فرمائش ٻڌائيندو هو. الله سائين سائين انورالدين کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو ۽ پونئيرن کي صبر عطا ڪندو. آمين.

عبدالمجيد ڏاهري
MCO پريا ستي

• استاد انورالدين جتوئي هڪ باصلاحيت ۽ هوشيار اُستاد هو. هو يارن جو يار همدرد ۽ باصلاحيت جو مالڪ هو. هن جو خال پري نٿو

سگهجي، چو جو هيءُ مهمان نواز ۽ دلبر شخص هو. هن جي وفات تي دلي صدمو رسيو آهي. الله تعاليٰ کيس کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو ۽ پونئين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

سيد علي اڪبر شاهہ
پراڻا جتوئي

• سائين انورالدين جتوئي زنده دل سدائين ٻين کي کلائي پنهنجي اندر جو غم غلط ڪندو هو. مدد بہ ائين ڪندو هو جڻ تہ ڪو پنهنجو ڪم ڪندو هجي. هر محفل جي جان هوندو هو. رب ڪريم جنت الفردوس عطا ڪندس. سندس اولاد کي هدايت جي رستي تي هلڻ جي توفيق ڏيندو.

....

•

پکيئڙا پرديس مان پلي ويا پنهنجو پاڻ،
ڳولو آهين جنهن ڳالهہ جو ڳهلا اٿي تنهن کي ڳول.

سونهن ۽ خوشبوءِ صرف گلن مان حاصل نہ ٿيندي آهي. روشني، چنڊ ۽ سج مان نظر نہ ملندي آهي. پنهنجي ۽ پرائي جي خبر رشتن سان نہ ٿيندي آهي. اهو سڀ ڪجهہ هڪ انسان جو گڻ آهي. جنهن جو مڪمل اپياس سائين انور علي جتوئي صاحب آهي، جنهن جو ملڻ يا مزاح هڪ حقيقي انسانيت جي روپ جيان هو. سائين اسان جي سيڪنڊري استادن جي تنظيم گستا ضلعي نوشهروفيروز جو متحرڪ اڳواڻ هو. شال رب کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي. سندس عزيزن کي صبر سان مالامال ڪري.

مظهر علي ميمڻ
گستا صدر ـ تعلقو مورو

•

خوشبو رهي گل سندي ڪومائجي پل هو وڃي
نيڪي رهي انسان سندي دنيا ڇڏي پل هو وڃي

سائين انورالدين جتوئي اهڙن انسانن مان هڪ هو. سندس طبيعت هميشه کل مک رهندي هئي. سندن وڇوڙو دوستن لاءِ تمام وڏو صدمو آهي. ليڪن خدا جي رضا جي راضي رهڻو پوندو.

خدا کان دعا آهي ته شل الله تبارڪ و تعاليٰ کيس جنت ۾ جايون ڏئي.

محمد ياسين جيسر
جي.ايس.ٽي
گ.هـ.ا ـ مورو ٽائون

سائين انورالدين جن تمام شفيق هئا. هڪ استاد جي حيثيت ۾ هڪ نيڪ انسان هو. الله رب العزت انهن کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ـ آمين

اسد يحيٰ جيسر
ايڊووڪيٽ

• سائين انور جتوئي هن تر جي بهترين استادن مان هڪ هو. جنهن دور ۾ اڪثر استاد پگهار وٺڻ ۾ اڳرا ۽ پڙهائڻ ۾ پوئتي، ان دور ۾ هي باقاعدگي سان پڙهائيندڙ استاد هو. جڏهن هو هيڊ ماستر ٿيو ته ڏيپارجا هاءِ اسڪول ۾ پڙهائي جي معيار کي مٿي کڻي آيو. سائين انور سٺو فنڪار هو. راڳ جو چاڻو هو. لطيف، سچل ۽ ڪلاسيڪل راڳ ڳائي سگهندو هو. سندس جو اسان قومي تحريڪ جي ڪارڪنن سان محبت وارو رويو هو. اهوئي سبب هو جو هو جيئي سنڌ محاذ طرفان قومي هيرن جي ڏينهن تي ٿيندڙ جلسن خاص طور سائين جي ايم سيد جي سالگره جي پروگرامن ۾ شريڪ ٿي گيت ٻڌائيندو هو. سائين متحرڪ ماڻهو ۽

ماڻهن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيندڙ انسان هو. سندس وڇوڙي سان محفلن ۾ هڪ چڱي ڀلي انسان جي کوٽ محسوس ٿيندي.

هاشم کوسو

جنرل سيڪريٽري - جيئي سنڌ محاذ

• سائين انور توهان هليا ويا. اُنهي منزل ڏانهن جتان ڪوبہ نہ موٽيو آهي. توهان کان پوءِ يقيناً اسان جون محفلون ۽ ادبي پروگرام ٻُسا ۽ ڦِڪا هوندا. توهانجي وڇوڙي جو ٻُڌي مون تي جيڪا ڪيفيت طاري ٿي، اها بيان نہ ٿو ڪري سگهان. آئون اها دعويٰ نہ ٿو ڪريان تہ توهان صدين تائين نہ وسري سگهندا. پر اهو ضرور چوان ٿو تہ ڪيئي ڏينهن نہ وسري سگهندؤ.

انيس خاصخيلي

سنڌي ادبي سنگت، نوان جتوئي

•

اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا سارِيا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن،
سنڌي سڪ پرين لوڪ ڏٺي نہ لهي.

استاد انور جتوئيءَ جو اوچتو موت سچ پچ تہ دل مڃي نہ ٿي. مون کي رات جو محمد عرس جتوئي فون ڪيو تہ سائين انور هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي، اُن فون بدن مان ساهہ ڪڍي ڇڏيو.

استاد انور هن ساهتي علائقي جو تمام بهترين استاد هئو. هن هزارين شاگرد ڇڏيا. پاڻ تمام نرم دل جا مالڪ هئا، پاڻ سائين غريب ماڻهن جو علاج ڪرائيندا هئا. اهڙا انسان صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. اسان ڪيس دعا ٿا ڪريون تہ جنت الفردوس ۾ جاءِ ملي.

اياز لنجار

مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري

جيئي سنڌ محاذ

• سائين انورالدين جتوئي انتهائي باجهارو ۽ شفيق انسان هيو. ان جي شخصيت چند لفظن لکڻ سان نٿي پيش ڪري سگهجي. هو گهڻو طرفو مرد مجاهد هيو. سائين انورالدين جتوئي بهترين استاد سان گڏ سٺو راڳي پڻ هيو. هن جي وڇڙ سان هن علائقي ۾ خال پيدا ٿيو جيڪو سالن ڪانپوءِ ٿي پرجي سگهبو. سائين اسان کي هميشہ ياد رهندو. هن جون خدمتون ۽ سماجي ڪم وساري نٿا سگهجن.

خادم چانڊيو

جسقم (آريسر) - نوان جتوئي

•

مونا جن محراب، جسو جامع تن جو
قبلي نماءُ قلب کي تنهن کي ڪيائون طواف
تن ڪهڙو ڏوهہ حساب، حق هينئڙي هادي حل ڪيو.

سائين انورالدين جتوئي اهو انسان هو جيڪو هر مڪتب فڪر جي ماڻهن سان پيار ڪندو هو. جو اڄ انهيءَ جي جنازي نماز م هر مڪتب جا ماڻهو هئا. غريبن جي لِڪ ۾ مدد ڪندڙ شخصيت هو. اسان جو تہ پرين پيارو هئو.

محمد اياز گبول

• سائين استاد انورالدين هڪ بهترين استاد ۽ بهترين راڳي ۽ سگهڙ هيءُ فقير قسم جو ماڻهو اهڙا ماڻهو تمام گهٽ پيدا ٿيندا آهن. اسان سڀ سندس حق ۾ دعا گهرون ٿا تہ کيس جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي.

ڊاڪٽر نور محمد پنهور

نيشنل پيپلز پارٽي - نوان جتوئي

سڄڻ تنهنجي سار صديون رهندي ساهه ۾!

سنڌ جي تمام پلوڙهي تعليمي ماهر ڪلاسيڪل راڳي قومي راڳي سائين انورالدين جي وڇوڙي کي اسان سنڌ جو قومي نقصان سمجهون ٿا. اسان سندس خاندان سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

غمزده

حبيب خاصخيلي

صدر جسقم نوان جتوئي

هتان ويا اڏي الا رهندڙ پکي هن ڏار جا.

آءُ جڏهن ڪالهه عبدالنعيم جتوئي ۽ علي رضا جتوئي سان گڏ نواب شاهه سول اسپتال جي آءِ سي يو وارڊ ۾ سائين انورالدين جتوئي جي عيادت لاءِ پهتس ۽ سائين جن کي ڏسي جڏهن واپس ٿياسين ته اچانڪ اندر مان هڪ دانهن نڪتي ۽ دل ۾ هڪ ظالم وسوسو اڀريو ۽ مون عبدالنعيم ۽ علي رضا کي چيو ته هاڻي اسان کي سائين انورالدين جو درد ڀريو آواز شايد ڪڏهن به ٻڌڻ لاءِ نه ملي. ۽ پوءِ اسان نوان جتوئي مس پهتاسين ته اچانڪ هڪ فون آيو ۽ اها افسوس ڀري خبر پئي، ته اڄ هزارين شاگردن جو استاد غريبن جو همدرد ۽ سگهڙن جو ساٿي سائين انورالدين جتوئي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو آهي. اڄ سائين جي جنازي نماز ادا ٿي ۽ ان جنازي نماز جنهن ۾ سائين حاجن شاهه بادشاهه، سائين منير شاهه درگاهه پير ذاڪري سائين سڪرنڊ وارو سائين شهزادو شاهه (جنهن جنازي نماز پڙهائي) استاد سگهڙ ۽ هر طبقي جو انسان ڏسي دل ۾ هڪ يقين پيدا ٿيو ۽ اها دعا نڪتي ته انشاءَالله پاڪ سائين انورالدين جتوئي کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائيندو- آمين

علي بخش خاصخيلي

جنرل سيڪريٽري

پاڪستان خاصخيلي تنظيم

ضلع نوشهروفيروز

انسان دوستيءَ جا ڪي درس تون ڏئي وئين،
نُسخا عجيب تنهنجا، اڄ بہ ٿا آزمايون،
لکي لِکان ڪيترو لُڙڪ نہ لکڻ ڏين،
ڪريو پوڻ قلم تي، مس مونجهايو ڏين،
اهڙا ئي آهن، صادق منهنجا سپرين

سائين انورالدين حقيقت ۾ نہ صرف اسان جا استاد هئا پر الله ڄاڻي اسان ڪي زندگيءَ جي هر موڙ تي هر ڏک سک ۾ سائين اسان ڪي پنهنجن ٻچن وانگر سمجهي ساٿ ڏنو. شال ڌڻي سائين انورالدين کي پنجتن پاڪ جي صدقي ۾ جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. آمين ثم آمين.

خاڪسار

محمد يوسف رند

پي.ايس.ٽي - ٺوڙها

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

سائين محترم استاد انورالدين جتوئي اسان جي گهر پاتين جيان هوندو هيو. اسان سان جڏهن بہ ملندو هيو پيار ۽ محبت سان ملندو. شادي جي تقريب ۾ بہ اسان جي والد سان بہ پوڳ ۾ ڪچهري ڪندو هو. سائين انور جتوئي هر ماڻهو سان همدرد ۽ ڏکوئيلن جي مدد ڪرڻ ۾ انهن جي همت افزائي ڪندو هو. سائين انور ايتري بيماري هوندي بہ ڪامريڊ احمد خان چانڊيي جي وفات تي اچي جنازي ۾ شريڪ ٿيو. آخر ۾ حافظ محمد بخش خاصخيلي جي ورسي هاءِ اسڪول نوان جتوئي ۾ ملهائي. سائين انور جتوئي چانهہ جو بندوبست بہ پاڻ ڪيائين. سائين انور هن دنيا مان اسان کان موڪلائي ويو. پر هو اسان کي هميشہ ياد رهندو. سائين

انور جي پونئيرن سان هن ڏک ۾ گڏ آهيون. سندس اولاد کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

محمد چانڊيو
ڪامريڊ احمد خان جويا ۽

•

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويئي،
وچي پونءِ پيئي سارينديءَ کي سڄڻين.

سائين انورالدين جتوئي تمام حساس ۽ مڪمل بهترين انسان هيو جنهن سڄي زندگي محبت جو پيغام پنهنجي سريلي آواز سان صوفي شهيد شاهہ عنايت جو امن جو ۽ محبت جو پيغام پهچايو. استاد جي وڇڙڻ سان هڪ بهترين انسان ۽ سريلي آواز جي لاءِ دل تڙپندي رهندي.

منظور خاصخيلي
ضلعي صدر- جيئي سنڌ محاذ
نوشهروفيروز

•

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ مٺيا،
پر مون کي اهڙا مڙس وٺيا،
جي سارو جڳ جرڪائي ويا،
پر پنهنجو پاڻ ٻُلائي ويا.

محترم سائين انور علي جتوئي (مرحوم) هڪ اهڙو انسان هيو جن جو تاريخ ۾ گهٽ جنم ٿيندو آهي. سائين گهڻ رُخي شخصيت هو. سائين بهترين انسان، بهترين رضاڪار بهترين استاد هو. اسان جو علائقو خاص طور تي سنڌ هڪ عظيم انسان کان محروم ٿي وئي. الله تعاليٰ کان

دُعا آهي تہ رب العزت کيس فردوس جنت ۾ جاءِ نصيب فرمائي ۽ وارثن کي صبر عطا فرمائي.

سيد نظير علي شاهہ
ضلعي صدر
پ ٽ الف، ضلع نوشهروفيروز

•

محبت جن جي من ۾ رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهايو.

جيئن تہ مامي انور لاءِ ڪيترن ئي دوستن مختلف رايا ڏنا پر آءٌ پنهنجي زندگيءَ ۾ مامي سان ڪيترائي سفر ڪياسين، ان ۾ مامي جي عادت هوندي هئي تہ هو اسان جو ڪرايو پاڻ ادا ڪري ڇڏيندو هو ۽ پاڻ تمام گهڻا مخلص ۽ عاشق رسول هئا. آخر ۾ هن جي تمنا هئي تہ مديني پاڪ جي زيارت ڪيان. هن جي سڪ کي سلام آهي. مون کي يقين آهي تہ هو هينئر بہ مديني واري سائين جي ڇانوَ ۾ آهي. ڪي عاشق هوندا هن ڌرتي ۾ آهن پر هنن جو روح هنن جو مقام مديني واري گهوٽ ڏانهن هوندو آهي. مامي جي لاءِ وڌيڪ قوت نہ آهي جو مان لکان.

فقط
مختيار احمد جتوئي (ياڻچ)

•

ويا سي وينجهار

سنڌ ڌرتي انمول خزانن سان ڀرپور سائي ستابي رهي آهي، ان ۾ اهڙا ماڻهو املهہ پيدا ٿيا جن جي ياد اڄان رئاڙي ٿي، دل دانهون ٿي ڪري انهن دلبر ماڻهن ۾ سائين انورالدين جتوئي بہ شامل آهي. سائين سان منهنجي نيازمندي حافظ محمد بخش صاحب ڪرائي ان کان پوءِ سائين

مون تي گهڻو مهربان رهيو. ايترو ڇا چوان منهنجي شادي پڻن جي ۾ گهڻا پيرا آيو. فقط مون تي نه پر سنڌ جي ماڻهن سان هن ڌرتيءَ سان محبت ۽ ميٺ رکندڙ هو. موت ماڻهوءَ کي ماري ٿو پر خداداد صلاحيت رکندڙ موت کي شڪست ڏين ٿا جن ماڻهن کي تمام گهڻو ياد ڪن، اهي زنده رهن ٿا، انهن انسانن مان سائين انور بہ شامل آهي. لکجي تہ گهڻو ڪجهہ لکجي پر لکي نٿو سگهان. آخر ۾ خدا کيس جنت فردوس ۾ جاءِ ڏئي ۽ پونين کي صبر جي توفيق عطا ڪري آمين ثم آمين.

سگهڙ رحمت الله عباسي

•

اڄ نہ اوطاقن ۾

هي عاجز 1963ع کان وٺي سائين انورالدين کي سڃاڻي. سائين انورالدين هڪ محسن انسان هو. اسان هن جي خلوص کي وساري نٿا سگهون. انور سائين تنهنجي محبت خوشمزاجي، اخلاق ۽ همدرديءَ کي هزار سلام. بس هن کان وڌيڪ مون وٽ لفظ نہ آهن جي سندس خدمت ۾ پيش ڪريان.

شال الله تعاليٰ نوڙهائين مان ڪو ٻيو انور پيدا ڪري ۽ پونئير لواحقين کي صبر جميل جي توفيق ڏئي.

استاد مٺل جتوئي

ڦل ڳوٺ، نوشهروفيروز

• هي لطيف جي سر ڪاهوڙيءَ جو ڪاهوڙي ڪردار هو. ڪي ماڻهو ادارا ٿيندا آهن جيڪي سدائين فڪر ۽ فهم ذريعي اهڙي تہ ذات ذريعي جوت جلائي ويندا آهن جو انهن جون اهي تخليقون، خدمتون هميشہ ياد رکيون وينديون آهن. اهڙن ئي عظيم شخصيتن سان سائين انورالدين جتوئي بہ هڪ هو جيڪو سڄي ڏيهہ ۾ سنڌ جو ٻيجل بڻجي در در سٽين هٽندو رهيو تہ منهنجي ڌرتيءَ جي ماروئڙن جو ڏنار ڪونهي، هن کي پنهنجي وطن سان عشق پتائيءَ جي سر ڪاهوڙيءَ سان اهڙي لات لڳل هئي

جو ڪڏهن بہ ماٺ ڪري نہ ويٺو. سدائين سفر ۾ ڪڏهن ٿر جي روحل واءِ عمرڪوٽ جي پٽن تي لطيف ۽ سنڌ جي صوفي شاعرن جون لوريون ڳائيندو ويو تہ ڪڏهن وري ڪنهن صوفي جي فڪر کي پکيڙڻ لاءِ پنهنجي ڏيهہ جي ڏوٿين کي لوري بنائيندو هو ڪڏهن وري گيتن جي گونجار ۾ ديس جي دردوندن حافظ محمد بخش خاصخيلي کان وٺي نماڻي سنڌي سگهڙ حاجن جانوري ۽ سنڌ جي ٻين فقيرن سان گڏجي سڄي زندگي پنهنجي فن ذريعي اها لات لنوي رهيو تہ آهي ڪو ٻيجل جو جيجل ماءُ جي جوت کي جياري. جي لطيف جي سر سامونديءَ جو وڻجارو هو جي لطيف جي سر ڪاهوڙي جو ڪاهوڙي ڪردار هو اڄ هن جو وڇوڙو سنڌ لاءِ وڏو سانحو آهي، جيڪو خال ڏاڍو پرڻ مشڪل آهي.

گل مورو، علي اڪبر مورو

نوشهروفيروز

•

منجهان لوءِ لڏي، سڄڻ سانگ سڌاريا،
ويڙا ڳڻ ڇڏي، ماروئڙا ملير ۾.

اسان کان اسان جو پيارو دوست سائين انورالدين جتوئي هن فاني دنيا مان اصل ڪاڻ موڪلائي، حقيقي مالڪ سان وڃي مليو. اڄ سندس جي تڏي تي ٻيو ڏينهن آهي ۽ مون سان گڏ سگهڙ ڏاها ۽ عمر دراز ڏهہ پندرهن دوست ويٺا آهن ۽ هر ڪو ڏک غم و گُذار ۾ ويٺل آهي، ڪن جون اکيون آليون ۽ نيڻ پنل آهن. اُر مجيوسين ساٿ ۾ گڏ، مشهور سگهڙ رحمت الله عباسي ۽ سندس پٽ حبيب الله، حاجي سومر جروار، سگهڙ ميوو فقير ملاح، سگهڙ محمد اسماعيل ملاح، سگهڙ محمد امين مشوري، حاجي محمد يوسف خاصخيلي، گل محمد گلڻ چام، ويراڳي فقير صوفي راڳي ۽ سگهڙ امير بخش ميراثي، سگهڙ محمد عثمان پنهيار، سگهڙ فاروق فقير عمراڻي، استاد الهڏنو خاصخيلي، فتح علي چانڊيو. اهي دوست ۽ ٻيا مون سان گڏ هڪ ٻاريءَ ۾ ويٺا آهن جنهن ۾ حضرت لطيف جي فڪر کان

وٽي ٻين بزرگن جون پوليون ۽ ڪلام پاڪ مان مُدلل ڳالهيون ڪچهريءَ جي زينت بڻيل آهن. باقي هر ڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سنگت سان ويٺل آهي ۽ سڄو ماحول سوڳوار لڳي رهيو آهي.

حاجن جانوري، حاجي محمد يوسف
رحمت الله، ميوو ميربحر، امير بخش
حبيب الله عباسي، چام گل محمد پنهور
فاروق فقير، فتح علي چانڊيو
محمد امين مشوري، سومر محمد اسماعيل،
حاجي خان پرهياڙ

• سائين استاد ۾ لڪل ولي هو پيغمبر جيان تعليم ڏنس. سائين انور سان آءٌ عمر جي پڇاڙيءَ ۾ شاگرد جي حيثيت سان مليس. ڪجهه علم جي طلب جي لاءِ ان وقت سائين جو تازو دماغ جو آپريشن ٿيو هو ان وقت بہ سائين مون کي هڪ 18 سالن جي استاد وانگي تمام بهترين انداز سان پڙهايو ۽ چوندو هوتہ اسان خدمت جي لاءِ آيا آهيون ۽ نويد پُٽ تون سِک جيئڻ منهنجي ڪمائي سڄائي ٿئي ۽ علم ڦهلجي. مطلب تہ تمام بهترين انسان سان گڏ بهترين استاد هو.

نويد حسين ملاح
سنڌي ادبي سنگت ـ نوان جتوئي

• سائين انور تمام انسان دوست انسان هو هن کي انسانيت سان پيار ڪرڻ ايندو هو. اسان سندس لاءِ دعاگو آهيون ۽ اميد ڪريون ٿا تہ پاڻ بہ اسان لاءِ دعاگو هوندو ـ آمين

ڊاڪٽر اقبال احمد پٽي
پير ذاڪري درگاهہ شريف، سڪرنڊ

•

ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بوءِ بهار جي.

سائين انور بهار آڻيندڙ ۽ محبتي ماڻهو هو. جنهن جي وڃڻ سان نوڙهن ۾ خال پيدا ٿي ويو. رب العالمين نندڙن کي انهيءَ محبت تي پاڻي ڏيڻ جي توفيق عطا ڪري- آمين

محمد پريل جمالي، نواب شاهه

•

جر تي ڦوٽو جيئن لهر من لڳندي اڏ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن دنيا ۾ ڪي دمڙا.

سائين انور فقير منش درويش صفت نهايت خوش مزاج ماڻهو هن دنيا مان لڏي ويو. اهڙا ماڻهو هن چوياريءَ ۾ خال ڪري ويا. دنيا فاني آهي، لڏڻو سڀ ڪنهن کي آهي، شال رب تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جايون ڏئي - آمين

حبيب الله سولنگي، مٺياڻي

•

وڃي رهنديون ڳالهڙيون

مٺي ٿر رهي ويا، گذاري ڏينهڙا،
وٺئون تن نه آڻيو پنهوارن پهي،
ويا سي وهي، جنب گذاريم جن سين.

سائين انورالدين ۽ اسان جو هم عمر، هم خيال هوندا هئاسين. راڳ ۾، راند ۾، راز ۾ رمز ۾، لوچ ۾ سوچ ۾ گڏ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ به گڏ هوندا هئاسين: استادي به گڏ ڪئي سون، سندس وڃڻ ايترو ته ڏکيو لڳو جو لفظ ساٿ نه ٿا ڏين ته ڇا لکان. دل ٿي نه ٿي باسي ته ڪو جدا ٿيو آهي. سندس نهٺائي، نماڻائي، سادگي ۽ پيار واري رمز نه وسرندي نه وصال جي. اسان جون دعائون آهن ته رب پاڪ کيس جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ پونئين کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي. اِسان هِمدرِدن جون دعائون ۽ صدائون

شل هميشه هن سان نيبهه رهن ۽ سندس پيار واري رغبت سدائين دل ۾ دائم ۽ قائم رهي ۽ سانڍيندا رهون.

محمد احسن فدا، نيو جتوئي

•

چاچا جو وڇوڙو

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ ڪڏهن مڙهه مقام ۾

جيئن ته اسان جي لاءِ هڪ وڏو وڇوڙو آهي ته چاچا هن دنيا ۾ ڪونه رهيو آهي. چاچا کي الله پاڪ شل پنهنجي مغفرت عطا فرمائي. چاچا جي خصوصي ڳالهه ڪاروبار جي حساب سان اها هوندي هئي ته جنهن تي به اعتماد ڪيائين پوءِ پلي اڳيون ماڻهو انهيءَ سان سچو نه هُجي. باقي چاچا جو اعتماد هُن تي خلوصِ نيت سان هوندو هيو. چاچا جي لاءِ آءٌ وڌيڪ نه ٿو لکي سگهان. باقي خصوصي جيڪي مون کي غريبن جي مدد لاءِ چئي ويو هيو ۽ اهي نالا به ٻڌايائين اُهي منهنجي دِل ۾ آهن، انشاءَالله آءٌ انهن جو ضرور خيال رکندس ۽ انهن جي مدد ڪندو رهندس.

حاجن جتوئي (ياٽنيو)

• سائين انور خان مرحوم جتوئي هڪ تمام مخلص ۽ مهان ڪلاڪار ۽ استاد هيو. هن جو خال صدين تائين هن نَنڍڙي ڳوٺ ۾ رهندو. سائين هڪ سچو ۽ ايماندار ماڻهو هيو.الله سندس روح کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ پونيئن کي صبر جي سگهه ڏئي - آمين

ڊاڪٽر ايم. دائود سولنگي
هالاڻي، ضلع نوشهروفيروز

• محترم مرحوم مغفور اسانجو ياءُ استاد انور علي جتوئي متعلق اهو چوڻو پوي ٿو ته اهو سچو انسان ذات سان پيار ڪندڙ هردلعزيز هئا، اڪثر ڪري دوستن سان ملاقات وقت مُسڪرائيندڙ چهرو ڏسندڙن سدائين ڏٺو

خوش مزاج قدرتي عطا سان پياري حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم ۽ اُن جي عاشقن سان سندن گهڻي شفقت ۽ اڻ ٽُٽندڙ محبت رهي.

صالحن ٻانهن جي آستانن تي وڃڻ ۽ اُنهن الله وارن کان دعائن جي گنج حاصل ڪرڻ لاءِ دعائون وٺڻ سندن فطرت ۾ هميشہ لاءِ اها خوبي رهي. الله تعاليٰ کين آخر ۾ محبوبن جي بارگاه ۾ عاشقن سان هميشہ رهائيندو۔ آمين يا ارحم الراحمين

دعا جو طلبگار

شهزادو شاهہ

• زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙا منظر بہ ايندا آهن جن کي اکيون چاهينديون بہ تسليم نہ ڪنديون آحن ۽ دل مڃڻ لاءِ تيار نہ هوندي آهي. سائين انور جتوئي جو وڇوڙو بہ اهڙو ئي منظر هو. سائين جن هڪ درسگاهہ هئا. جن ڪيترن ئي شاگردن کي وڏي منزل تائين پهچايو. مون جڏهن سائين جي جسم کي ڪفن ۾ بند ڏٺو تہ سائين جون اڌ کليل اکيون اهو چئي رهيون هيون تہ مون کان پوءِ منهنجي ٻچڙن ۽ دوستن جي پارت اٿو. مون کان پوءِ اهي محفلون، ڪچهريون جڏهن بہ ٿين مون کي ضرور ياد ڪجو. بيشڪ اهڙا شخص وسرڻ جهڙا نہ آهن. سائين انور هڪ تاريخ هو. مائٽن جو همدرد هو. خيرخواهہ هو ڀلو انسان هو.

محبوب جتوئي

مائٽ، شاگرد

• سائين انور علي جتوئي هڪ تمام سنو ذهين انسان هيو. سائين مون کي نيو جتوئي هاءِ اسڪول ۾ پڙهايو سائينءَ جي پڙهائڻ جو انداز ڏاڍو معنيٰ خيز ۽ سمجهاڻي وارو هيو. خاص ڪري انگريزي مضمون ۽ گرامر. سائين جي اوچتي وڇوڙي جو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. سائين راڳ جو ڏاڍو چاڻو پڻ هيو. الله تعاليٰ سائين کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق ڏئي.

زبير ڪوريجو (ڳوٺ مراد ڪوريجو)

•

اڄ پڻ اڪثرين سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن،
سنڌي، سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.

سائين انورالدين جتوئي هڪ عظيم ۽ نرم دل انسان هو. هڪ سٺو راڳيندڙ بہ هو ۽ هڪ ذهين استاد بہ هو. سائين انور هائر سيڪنڊري اسڪول نيو جتوئي ۾ استاد بہ هو. سائين انورالدين رٽائرمينٽ کان پوءِ اسڪول وڃي استادن کي گهڻو ڪجهہ سيکاريندو هو. جيئن انگريزي، حساب ۽ گرامر. سائين انور غريبن کي پيار ۽ انهن جو گهڻو خيال ڪندا هئا. ڪيس ايتري قدر سائين غريب شاگردن جي ساليانن امتحانن جي فيس بہ ڀريندا هئا. الله سائين، سائين انور کي جنت ۾ جاءِ ڏئي.

ڪيئي گل گلاب جا، ڪيئي ڏارون ڏار
اڙي موت ميارا جو ڪيئي ساڙ سڳنڌ سان.

زبير احمد جتوئي
(عرف بابل خان ـ ڏوهتو)

•

جهوني ٿي نہ زمين پوڙهو ٿيو نہ سڄ،
هن ٻني مٿان ٻج ڪئين هاريندڙ هليا ويا.
(شاهہ)

سائين انورالدين جتوئي هر دلعزيز ۽ تمام محبتي ماڻهو غريبن مسڪينن سان تمام گهڻي محبت رکندڙ انسان هيو. سائين جو وڇوڙو اسان لاءِ تمام وڏو خال آهي. الله سائين جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ـ آمين

خميسو خان جتوئي
ڳوٺ لهڻو فقير جتوئي

•

ڏکهي اڏ مَ منهين، پڪ اڏ مَ لانئي،
لڏيو تن ورانئي، اڏيو جن صباهڻي.
(شاهہ)

سائين انورالدين جتوئي نهايت شفيق انسان سچي دل، بهترين راڳي، سنڌ جو عاشق، صاحب توڪل، صوفي صفت ماڻهو هو. سندس

ڇهرو سدائين ٻهڪندو رهندو هو. رئنڊرن کي کلائڻ وارو ماڻهو هو. سندس دل ۾ نه ساڙ هو نه حسد نه بغض هو نه ڪينو. سندس وڇوڙو سنڌ واسين لاءِ ڏک رسائيندڙ آهي. سندس خال صدين تائين رهندو. سندس پونيرن کي الله صبر جي توفيق ڏئي ۽ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي - آمين.

عزيز پنهور

س.ا.س - شاخ نوان جتوئي

•

جي تو سڄڻ ساريا، سي وس ناهن مون

(شاه)

رات جا تقريباً ساڍا ڏهه ٿيا ۽ اها اربع جي رات هئي، موبائيل جي گهنٽي وڳي ۽ ڏٺم ته ادريس جتوئي هيو. مون کي انهيءَ وقت دل کي ڌڪ لڳو ته سائين انور اسپتال ۾ داخل هيو. پڪ خير نه آهي ۽ اهڙي طرح اها ٿي خبر ٻڌم جنهن جو گمان هيم. سائين انور لاڏاڻو ڪري ويو.

سائين انور کي رب پاڪ سٺو گلو ۽ آواز ڏنو هيو. پاڻ طبيعت ۾ به اهڙو ئي مٺو ماڻهو هيو. سندس پيار هميشه ياد رهندو. سائين انور جو وڇوڙو يقيناً هڪ دکدائڪ آهي. پر سندس فن ۽ ذات هميشه لاءِ اسان جي ذهن تي نقش هوندو. اسان جي دعا آهي ته کيس رب پاڪ جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ سندس پونئيرن کي صبر و جميل عطا فرمائي - آمين

وزير فرهاد سولنگي

سيڪريٽري - سنڌي ادبي سنگت

شاخ مورو

• سائين انورالدين جتوئي هڪ بهترين انسان ۽ هڪ بهترين استاد به هيو. پاڻ ذهين ۽ تمام نيڪ انسان هو ۽ راڳ جو بهترين پارکو هو. الله پاڪ کين جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي - آمين ۽ پونئيرن کي صبر عطا فرمائي.

راجا مزمل جتوئي (ڏوهٽو)

• سائين انورالدين جتوئي جي وڇوڙي دل ڏکائي وڌي آهي، سائين انورالدين منهن جي مئترڪ جو استاد هو سائين جي نصيحت ۽ محنت جي ڪري مان ۽ ان جا ٻيا شاگرد اڄ سائين جي وڇوڙي تي ڏکايل آهيون. الله تعاليٰ کيس کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي.

شاهه بيگ ٻهراڻي

صحافي (روزاني ڪاوش) ـ نوان جتوئي

• سائين انورالدين جتوئي هڪ درويش صفت انسان، يتيمن جو يار، غريبن جو همدرد، فقيرن جو خدمتگار بهترين استاد، سچو دوست ۽ بهترين ڳاٽڙو هيو. اهڙا انسان صدين ڪانپوءِ پيدا ٿيندا آهن. سائين انورالدين جو خال ڪڏهن به پرجي نه سگهندو. سائين تمام خوش مزاج ماڻهو هو ۽ محبت ۾ گاريون پڻ ڏيندو ۽ اهي گاريون اسان دعائون سمجهندا هئاسين. مون ناچيز سان ايتري محبت ڪندو هو جو مان سائين کي پيءُ جي برابر سمجهندو هوس. ڪجهه ڏينهن پهريان جڏهن منهنجو بابو وفات ڪري ويو ته به مان دل شڪسته ڪونه ٿيس جو منهنجو بابو انور جو وينو هو پر جڏهن بابي انور جي وفات جي خبر پئي ته منهنجو جيءُ جهُري پيو ۽ اُن ڏينهن مون ائين سمجهو ته اڄ منهنجو بابو هن فاني دنيا مان ويو هليو. اهو صدمون مونکان ڪڏهن به نه وسرندو.

غلام شبير جتوئي

نوشهروفيروز

• سائين انورالدين جتوئي نهايت بهترين انسان هو. سائين محترم منهنجو ڪلاس 4 کان 12 تائين مستقل استاد رهيو. ان سان گڏ سائين انورالدين جيڪو مون کي ڪجهه ڏنو اهو مان مرڻ تائين نه وساري سگهندم. سائين جي وصال جو ٻڌي تمام ڏک ٿيو ۽ ائين لڳو ته اسان کان

ڪجهه ڪسجي ويو آهي. الله پاڪ سائين محترم کي جنت الفردوس عطا ڪندو ۽ ان جي پوئنئيرن کي صبر بخش ڪندو.

انيس الرحمان ملاح
نوان جتوئي

• استاد انور مون کان عمر ۾ وڏو هو. پاڻ استاد هيو ۽ اسين پڙهندا هئاسين. جڏهن به ملاقات درگاهه شريف ۾ ٿيندي هئي تڏهن ساڻس منهنجي علمي لحاظ کان چاڻ وٺڻ جو موقعو ملندو هو. پاڻ هڪ فقير طبيعت جو ماڻهو هو. اسان جي فيملي سان تمام گهڻي عقيدتمند ۽ محبت هوندي هئي.

محبوب شاهه
درگاهه شريف ـ پير ذاڪري
سڪرنڊ

• هڪ املهه ماڻهو جو وڇوڙو! يقين نٿو اچي ته ائين هليو ويندو. انور سائين کي 1977 کان سڃاڻان. اهو رشتو سندس آخري ساهه تائين قائم رهيو. سنڌ جو هي ڪاهوڙي ڪردار سڄي سنڌ جي دوستن سان ملندو رهندو هو ۽ هر اُها محفل جنهن ۾ دوست ڪٺا ٿين، اُتي انور سائين جي آلاپ ضرور ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. هڪ بهترين گائڪ، بهترين انسان، بهترين دوست، بهترين اُستاد اسان کان وڇڙي ويو. هو جسماني طور ته جُدا ٿيو پر دلين ۾ سدائين زنده رهندو.

نه سي ونئڻ وٽن ۾، نه سي ڪاتياريون،
ڏِسو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿي.
(لطيف)

ڊاڪٽر سومار ڪوسو
بدين

• محمد انور هڪ نيڪ انسان ۽ غريبن جو ساٿي هيو ۽ پير فقير جو عقيدو رکڻ وارو ماڻهو هيو پر افسوس مون سان هڪ ٻه دفعا ملاقات ٿيس. مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيائين. الله پاڪ ان کي جنت فردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ـ آمين ثم آمين

پير ثابن علي شاهه
درگاهه نيرڻ شريف

ڪنڊي ڪلين وچ ۾، جڏهن هنيائون،
موت نه مارياٺون، ڏور وجهي ويا ڏک جي.

• 12 ـ فيبروري 2013 جو اڀاڳو وار اسان جي سچاٽپ بلڪ سنڌ جي سچاٽپ ڪرائيندڙ محسن سائين انورالدين جتوئي اسان کان کسجي ويو. مرڻو هر هڪ کي آهي. پر سائين انورالدين جتوئي جي وڃڻ سان هڪ ماڻهوءَ جو موت نه آهي، ڪيترن ئي جانين جو ضايع ٿيڻ برابر آهي. چو ته سائين انورالدين ڪئين گهرن ۽ ڪٽنبن جي چُلهي جو وسيلو هيو ليڪن اڄ تائين سندس ان عمل جي ڪنهن کي به خبر نه هئي. پاڻ جن ماڻهن جي ضرورت پوري ڪندو هو ان جي نفاست ايتري هوندي هين جو سواءِ ضرورت مند کان ڪنهن کي خبر نه پوندي هئي. هي فقير صفت انسان گائڪيءَ ۾ وڏو نالو هيو. دنيا سائين انورالدين جي آواز ٻڌڻ لاءِ منتظر هوندي هئي. جتي به ڪين دعوت ملندي بنا لالچ جي اتي ويندو هو. محفل دوران جيڪي ڪجهه ملندو هين، اهو اتيئي فقيرن فقراهن يا سندس ساٿ ۾ جيڪي سازيندڙ هوندا آهن، انهن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ڪڏهن به پئسي کي لوڙو هٽي به نه ڏنائين جيڪڏهن ڪجهه پاڻ وٽ کي چار ڪوڏيون بچائي رکندو هيو سي به رڳو ان لاءِ رکندو هيو ته جيئن ڪنهن اڙيل، غريب، ماڻهو جي مدد ڪري سگهجي. سائين انورالدين جي وفات سان اهي سيئي ماڻهو يتيم ٿي ويا. سائين جنهن محفل ۾ ويندو هيو ته ماڻهو انبوهه جي صورت ۾ رنيون ڪري رئندا هيا. سائين انورالدين سن ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگره تي سائين جي ايم سيد جي سامهون:

عمر دراز تيڏي، الهہ ڏي امان هو وئي

چٽي ماڻهن جي سمنڊ کي رڻاري ڇڏيو. ائين هر جاءِ تي جتي بہ آلاپيندو هيو اتي ماڻهو پنهنجي پاڻ تي قابو پائي نہ سگهندا هيا. اسلامي ۽ روحاني اجتماعن ۾ سائين انورالدين نعت پڙهندو هيو. هر نعت تي ماڻهن تي سحر طاري ٿيندي هئي. خاص ڪري جڏهن فقير امداد علي لغاري فقير جي ڪافي:

اي ختم رسل، مولائي ڪل، جو ڪجهہ بہ آهيون،
جهڙا بہ آهيون، سرڪار اوهان جا آهيون.

چوندو هيو ۽ ٻڌائيندو هو تہ مان جيڪا ڪافي هاڻي چوان ٿو اها امداد سائين ثاهي پنهنجي آواز ۾ روضي اطهر جي سامهون پيش ڪئي، ان مهل منظر ڇا هوندو. پوءِ جڏهن اها ڪافي چوندو هيو ۽ هي بند چوندو هيو تہ:

هي اکڙيون جهڪيل، ڳوڙهن سان ڀريل

چوندو هيو تہ سڄي محفل جو وايو منڊل تبديل ٿي ويندو هو. پٿر دل ماڻهو ڇو نہ هجي پر اهو بہ چُور چُور ٿي ويندو هيو. بهرحال انورالدين جتوئيءَ جي جدا ٿيڻ سان اسان کي اخلاقيات جو سبق پڙهائيندڙ استاد اسان کان کسجي ويو. ان جا کهڙا اخلاق بيان ڪيان. محفلن ۾ گهڻن ماڻهن کي تہ اسٽيج تي ويهڻ جو شوق هوندو آهي. پر جڏهن سائين انورالدين کي مٿي ويهڻ جو چوندا هيا تہ زوري جان ڇڏائي هيٺ ويهندو هيو. پوءِ اسٽيج تي مٿي سينگارجي ويهڻ وارا همراهہ بہ مجبورن هيٺ سائين انورالدين سان ويهندا هيا. بهرحال سائين انورالدين جتوئي جو خال شايد نہ ڀرجي سگهي.

فقير ياڏائي

• آهہ! سائين محمد انور جتوئي اسانجو محسن اُها شخصيت جنهن جي جيتري تعريف ڪجي اُها گهٽ آهي. عجيب مٽياڊارِ فقير منش ماڻهو هيو سيني کي گڏ ڪٽي هلڻ وارو اخلاقيات جو علمبردار وارو ماڻهو

موتيءَ جي داڻي جهڙو ماڻهو هيو. الله رب تعاليٰ کان دعا آهي ته مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي۔ آمين

مخمد يوسف ملڪ
ڳوٺ ملڪ

•

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ،
ڪڏهن مڙهه مقام ۾.

سائين انورالدين جتوئي گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو هڪ ئي جاءِ تي هو بهترين استاد، زبردست ائڊمنسٽريٽر، خوبصورت راڳي، مخلص دوست ۽ همدرد ساٿي هو. سندس اها خوبي ته جنهن سان دوستي رکبي آخر تائين نيائيبي. ان دوست کي سک ته ڇا پر ڏک ۾ به ڇڏڻو نه آهي. ڪيترن شاگردن کي پنهنجي ڪسي مان پڙهايو جيڪي اعليٰ منزلن تي پهتل آهن. سائين جي وڃڻ سان اڄ دنيا هڪ بهترين ۽ صوفي انسان کان محروم ٿي وئي آهي. سندن وڇوڙي جو اسان کيه ايترو ئي ڏک آهي جيترو سندن خاندان کي.

الله تعاليٰ کان اها ئي دعا آهي ته، مالڪ! سائين کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي.

مظهر حسين گبول
شاگرد (هيڊ ماستر هاءِ اسڪول منياڻي)

•

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه، اچي بوءِ بهار جي.
(شاهه)

الله تعاليٰ کان دعا آهي ته سائين انورالدين جتوئي کي جنت ۾ جڳهه عطا فرمائي. ۽ سندن خاندان کي صبر عطا فرمائي۔ آمين

ظفر علي چنا
شاگرد (سهڙا)

•

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج.

سائين انورالدين جتوئي هڪ نهايت خوش مزاح، ملنسار هڏ ڏوکي ۽ همدرد شخص هو. هو هڪ گهڻ رخو شخص ۽ گهڻين خوبين جو مالڪ هو. هو بهترين استاد، بهترين سماجي ورڪر، بهترين راڳي شخص هو. هن لاءِ شاهہ سائين جون هي سٽون بهترين عڪس آهن:

ويڙا ڳڻ ڇڏي ماروئڙا ملير ۾.

نعيم فيض ميمڻ (سوشل ويلفيئر آفيسر، مورو)

• بهترين استاد، ملنسار، غريبن جو خير خواهہ، بهترين ڪلاسيڪل راڳ جو ڄاڻو پاڻ خود وڏو راڳي، جنهن جي وڃڻ سان سنڌ هڪ وڏي راڳي کان خالي ٿي وئي. سماجي ورڪر پر تمام گهڻ رخو ۽ اعليٰ خوبين جو مالڪ هو. مالڪ ان جي پوئيرن کي صبر جي توفيق عطا ڪري

فقير محمد ميمڻ (نوشهروفيروز)

•

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.
(شاهہ)

سائين مرحوم مغفور بنامِ گرامي ميان انورالدين جتوئي جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي. ڪيس هر طبقي يا ڪنهن هڪ فڪر رکندڙ طبقي کان علاوه سڀ طرف کان سڀ ڪو شخص، سندس گفتار ۽ ڪردار کان واقف آهي. سندس عمل يا ڪردار جو مرڪز آهي. انسانيت، انسانيت جي حقيقي معنيٰ جو روپ، سائين انورالدين جتوئي جي شخصيت آهي.

استاد انورالدين جتوئي طبيعت جو فقير خيال ماڻهو هو. سندس تعليم ڪاتي ۾ گهڻو وقت گذريو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ بہ هاءِ اسڪول نوان جتوئي ۾ درس تدريس جو عمل جاري رکندو آيو. ڪيترائي دفعا مون کي

پاڻ سان وٺي هن اسڪول نوان جتوئي جي ڪلاسن ۾ شاگردن کي انگلش ۾ مئٽس سيکارڻ ۾ وقت بسر ڪندو هو.

تعليم کان علاوه سائين محمد انورالدين جتوئي کي انسانن ذات جي خدمت جو اونو هوندو هو. ڪٿي بہ ڪو فقير يا محتاج ڏسندو هو ۽ ان جي مالي امداد ڪرڻ کان نہ گسندو هو. هاءِ اسڪول ۾ (نوان جتوئي) ۾ گڏ پڙهائڻ دوران مان ڏسندو هوس تہ مسڪين شاگردن کي تعليم لاءِ خرچ يا ساليانہ امتحان جي فارمن لاءِ پاڻ خرچ خوشيءَ سان ڪندو هو.

سائين انورالدين جتوئي، اڻ ورچ ۽ جفاڪش شخصيت جو مالڪ هو. مطلب تہ سندس خيال خلقِ خذمت هو.

هڪ مثال انسانيت جو مون کي ياد آهي تہ اج کان 8-7 سال اڳ "تر" گهمڻ لاءِ پاڻ سان وٺي ويو تہ عمرڪوٽ شهر ۾ هڪ پيل قوم جي هڪ هوٽل تي لنگهي ويو ۽ چيائين تہ هتي مانيءَ جو پروگرام آهي، مون کي خيال ٿيو تہ هت ماني غيرمسلم وٽ کائڻ نہ گهرجي تہ يڪدم مون کي اسلامي تعليم جو نقطہ نظر پڌاياائين. مون کي ان نقطي اهڙو تہ متاثر ڪيو جو اڄ تائين نہ ٿو وسري.

بهرحال سائين انورالدين هڪ سٺو اُستاد، سٺو ڳائڻو موسيقيءَ جو ڄاڻو پر هڪ پلوڙ سماجي ورڪر پڻ هو. مطلب تہ سائين جي زندگيءَ جي ڪنهن بہ پاسي جو مطالعو ڪبو تہ گهڻ رُخي زندگيءَ جو مالڪ سائين انورالدين مرحوم پڻ شخصيت جو نقشو سامهون ايندو.

آخر ۾ دعا آهي تہ سائين مرحوم مسٽر انورالدين جتوئيءَ کي رب سائين جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي.

الهڏنو خاصخيلي (رفيق استاد)
ميان محمد سليمان سومرو

•

اج پڻ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارئين
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

سائين مرحوم انور علي هڪ استاد، اهو استاد جيڪو علم ادب تهذيب جو مالڪ هو. هر غريب کي ڳلي لڳائڻ وارو استاد، استاد انور علي هيو. هر دوست، هر مت مائٽ، هر غريب جو ڏک پنهنجو ڏک سمجهندڙ سائين انور علي هيو. هر وقت ٻين لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ سائين انور علي هيو. جيترو سائين جي شان ۾ لکجي اوترو گهٽ آهي. هڪ رنل دلين کي ڳنڍڻ وارو سائين انور علي هيو. اسان جي دعا آهي ته ڪيس الله تبارڪ و تعاليٰ پونئيرن کي صبر جي توفيق ڏيندو ۽ سائين مرحوم انور علي کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائيندو- آمين ثم آمين

حاجي نور احمد جروار

نئون ديرو لاڙڪاڻو

•

کرڪٽا لاهي سک نه ستا ڪڏهين

سائين انور جي ياد جيڪو هن سڄي پنڌال ۾ واحد ماڻهو هوندو هو جيڪو هر ماڻهو جو توجهه طلب پر اڄ هيترن ماڻهن هوندي به بلڪل ويران پيو لڳي. بلڪل ان طرح:

ماڻهو سيءِ نه سهڻا پکي سيءِ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بوءِ بهار جي.

اسان جي دعا آهي ته سائين جن کي رب تعاليٰ جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏئي ۽ پويان سندس ٻچن جيڪي اسان جا به آهن، صبر جي توفيق عطا فرمائي- آمين

علي نواز سيال

•

جان جان هئي جيئري، ورچي تان نه ويئي،
وڃي پوءِ پيئي، سارينديءَ کي سڄڻين.

غير معمولي ماڻهو پنهنجي ماڻهپي جي ڪري انسان ٿيو پوي ۽ فطري ڏات ڪيس مجتلا ڏياريو ڇڏي. ڏات غير معمولي ماڻهن جو ورثو آهي.

ذهين ماڻهو اڪثريت ۾ هيٺئين طبقي ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ پنهنجي شعوري سگهہ جي ڪري سماج پنهنجي الڳ جاءِ والارينداآهن. برصغير آرٽ جو خطو رهيو آهي. راڳ، موسقي هن خطي جي حس ۾ شامل آهي. اهڙن ئي ماڻهن مان سائين انور جتوئي بہ هو جيڪو پنهنجي ذات ۽ شعوري سگهہ جي ڪري غير معمولي ماڻهن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. اميد تہ سندس پونئير سندس ورثي جي سنڀال ڪندا ۽ ان جي حلقہءِ احباب کي نہ وساريندا.

اظفر ميمڻ
س.ا.س ـ شاخ مورو

•

زندگيءَ جي چڙواٽي تي قرب منجهان ڪي يار مليا،
وقت ڏنو اهڙو دوکو، ڪو ڪاڏي ويو ڪو ڪاڏي ويو.
هڪ بيڙي هئي سا ترندي ويئي، تاڪ انهي جا ترندا ويا،
هڪ ولر هيو سو وڇڙي ويو، ڪو ڪاڏي ويو ڪو ڪاڏي ويو.

سائين مرحوم انورالدين جتوئي، جنهن جو مون سان رشتو هڪ ناني، هڪ استاد ۽ آخري ڏينهن ۾ دوست جو رشتو هڪ عظيم انسان هو. جڏهن استاد هو تہ سندس شخصيت ۾ ايڏو رعب ۽ دٻدٻو جو دل چوندي هئي سدائين گهر کان ٻاهر هجي. وري جڏهن شاگردي واري دور کان ٽپي وياسين ۽ هڪ ناني جي صورت ۾ مليو تہ ايترو نفيس، پيار ڪرڻ وارو جو دل چوندي هئي تہ الله پاڪ 100 سالن تائين جياپو ڏئيس. سندس رٽائرمينٽ کانپوءِ گهڻو عرصو گڏ سفر ڪيوسين. پاڻ سفر ۾ ايترو تہ بهترين عادت جو مالڪ هو جو جا شئي پنهنجي لاءِ پسند ڪري سا اسان لاءِ بہ وٺيو اچي. آخري ڏينهن ۾ مون کي چوندو هو تہ مون سان عمري تي تون گڏ هلجانءِ پر افسوس جو اها سندس اميد پوري ڪانہ ٿي سگهي. پر منهنجو يقين آهي تہ سندس سِڪ جي ڪري الله تعاليٰ هن کي ڪئين هزار عمرن کان وڌيڪ اجر ڏنو هوندو. رب پاڪ سندس روح کي سڪون

بخشي ۽ جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. ۽ هن اولاد کي سندس پيروي ڪرڻ وارو بڻائي.

فاني نہ فاني دنيا دم نہ هيڪڙو
لڻي لوڙهہ لتن سين، جوڙيندئي جاني،
ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سر سڀ ڪنهن جي.

محمد سليم
سندس ڏوهٽو

• سائين انور جتوئي طبيعت ۾ فقير ماڻهو هيو ۽ هن سنڌ جهاڳي ڏني هئي. جڏهن سائين سان ملبو هيو تہ پنهنجائپ ملندي هئي.

عبدالحميد پنهور
صدر ـ سنڌ ترقي پسند پارٽي
نيو جتوئي

•

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
جي جيءَ کي جيئارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

محترم سائين انورالدين جتوئي انتهائي ٻاجهاري شخصيت ۾ مون گنگهار جيڪو سائين جن سان وقت گذاريو تقريبن 10_12 سال جي دوران سائين جن سان ڪوڙ سارا سفر ڪيا. خاص ڪري محفلون، درود شريف ۽ لاهوت لامڪان جو سفر يا ٺٽو جو سفر يا سنڌ پنجاب جي صوفي بزرگن جون حاضريون هجن، انهيءَ سائين سان تمام گهڻو ويجهڙائي رهي. سائين جن جي ٻاهران تمام رعبدار شخصيت جا مالڪ پر سچي حقيقت تہ سائين اوترو ئي نرم انسان هيو ۽ خلق جي خدمت ڪندڙ شخص هيو. هڪ بهترين انسان. هڪ بهترين دوست ۽ دوستيءَ جي تقاضا اها تہ ڪابہ ننڍ وڏائي نہ بلڪ سائين جي خلوص جي خبر تڏهن پوي ٿي جو سندس هڪ غريب دوست ميوو ملاح جيڪو ڪٿون واٽي گذر ڪري ٿو. اهو بہ سائين جو بهترين دوستن مان هڪ هيو جنهن هر لحاظ کان سپورٽ ڪئي. سائين ڪوڙ سارين محبتن جو مالڪ هيو. غريبن کي پڙهائڻ انهن

جو مڪمل خرچ ڏيڻ ۾ دوست جو دوست پر خدا تعاليٰ سائين جن کي رحمتن ۾ رکندو. آمين ثم آمين.

غلام رسول ملاح

• ايترا لفظ ئي ڪونہ آهن جو سائين انورالدين لاءِ لکان جڏهن سائيڪل موٽر گڏ هوندا هئاسين تہ ڳائڻ شروع ڪندو هو. مان جهليندو هئومانس تہ ماڻهو ڇا چوندا تہ پاڻ چوندو هيو تہ هن عشق ۾ ماڻهن جو ڇا بس ايترو چوندس تہ هڪ محبت جي ڪڙي ٽٽي پئي ۽ ايتري محبت ملي شايد ان جو ڪاٿو ئي ڪونهي.

استاد امداد علي ميراڻي

• اسانجو هردلعزيز پيارو ياءُ ادا انورالدين جنهن سان اسان سنڌ کان پنجاب تائين گڏ سفر ڪيو. ڇا ڳالهہ ڪجي ادا سائين جن جي مون ڪمزور وٽ ايترا لفظ ئي ناهن جو آءُ لکي سگهان، بس ايترو چوندس تہ:

جهڙو ماڻهو تهڙو ماڻهو
سڀ ڪو پنهنجي مُلهہ وڪاڻو
جيڪو ماڻهو نہ هو وڪاڻو
سو هو ماڻهو موتيءَ داڻو

ادا انور ڪونہ سڏاوي
حاجي عبدالرزاق جتوئي

• اسان جو هردلعزيز چاچو انورالدين هڪ انتهائي بااصول ۽ سچو انسان هو. تمام گهٽ پر سهڻو ڳالهائيندو هو. هو ننڍي وڏي سان شفقت سان ۽ ملنساري ۾ ملندو هو: بس مان آخر ۾ پنهنجي عزيز چاچي لاءِ ايترو ئي چوندس تہ:

اک عمر هي جو تيري بن بتاني هي،
اور اک لمحہ هي جو تيري بغير گذرتا نهين.

جاويد سرور جتوئي

ماما انور جي زندگي اسان لاءِ هڪ سبق

جيئن تہ هن دنيا ۾ ڪيترائي عظيم ۽ درويش ٿي گذريا آهن. انهن مان ماما انور هڪ هو. ماما انور جي طبيعت انتهائي حساس ۽ نرم دل هئي. ماما انور جي زندگي جا ڪيترائي پهلو آهن.

ماما انور هڪ بهترين استاد هو. ماما انور اسان لاءِ هڪ سبق هئا. هڪ استاد جي حيثيت ۾ هڪ نيڪ انسان پڻ هئا. ماما انور سان گهاريل ڏينهن وڏي شدت سان ياد اچن ٿا. ڇو تہ ماما انور کي ڪرڪيٽ راند کيڏڻ ۽ ڏسڻ پسند هئي. ماما انور اڪثر جڏهن بہ اسانجي گهر ايندا هئا تہ اسان کي سڏ ڪري ڪرڪيٽ لاءِ چوندا هئا ۽ اسان سان ڪافي دير تائين راند ڪندا هئا.

ماما انور هڪ کل ڀوڳ ڪندڙ ۽ پيار ڪندڙ انسان هئا. ماما انور کي ڳائڻ جو ڪافي حد تائين شوق هو ۽ ائين چئجي تہ خدا جي طرفان مليل ڏات هئي تہ اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو. ماما انور کي سڀ سُر ايندا هئا. ماما انور جنهن بہ محفل ۾ ڳائيندو هو تہ پنهنجو ڀرپور داد وصول ڪندا هئا. ماما انور جو هڪ سُر جيڪو مون کي پسند ايندو هو اهو سُر يمن هو. ماما انور جي ڪافي جيڪا مون کي تمام گهڻي پسند آهي اها آهي:

ميڏا روح منگدا محبوب آوي.

جڏهن ماما انور هي ڪافي ڳائيندو هو تہ منهنجو جيءُ جهوري ڇڏيندا هئا. ماما انور پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي تڪليفون ڪاٽيون، ان جي باوجود ماڻهن سان پيار سان پيش اچڻ ڪا آسان ڳالهہ نہ آهي. ماما انور جي زندگي اسان جي لاءِ هڪ درس آهي. ماما انور ڄي باري ۾ جيترو لکيو وڃي اوترو گهٽ آهي. ماما انور کي رب العزت جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي.

سارنگ جتوئي
(ياڙڇ)

پنهنجا ڏُک لڪائي ٻين کي
خوشي ڏيندڙ انسان

ماما انور هڪ حساس طبيعت جو مالڪ هو ۽ ننڍن وڏن سان محبت سان پيش ايندو هو. ماما پنهنجو ڏک لڪائي ٻين کي خوشي ڏيندو هو. ماما انور هڪ ڪلاسيڪل راڳي به هو ۽ ان سان گڏ هڪ بهترين استاد به رهيو ۽ ڪنهن جو به محتاج نه رهيو ۽ مامي کي ڪرڪيٽ ڏاڍي پسند هئي. ماما اسان جي گهر اچي اسان سان گڏ راند کيڏندو هو ۽ جڏهن به پاڪستان جو ميچ هوندو هو ته اسان ٻئي شوق سان ڏسندا هئاسين.

ماما انور راتين جون راتيون گهر نه ايندو هو ڪڏهن ڪنهن بزرگن جي مزارن تي ويندوهو ته ڪڏهن ڪنهن محفل تي ويندو هو ۽ جڏهن موٽندو هو ته رات جو دير سان موٽندو هو ۽ هميشه دروازو مان کولڻ ويندو هيس. الله سائين ماما انور کي جنت ۾ جاءِ ڏي- آمين

شعور جتوئي
(پاٽج)

منهنجو نرم دل مامو

ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بوءِ بهار جي.

جيئن ته اسان جو مامو ڏاڍو نرم دل ۽ خوش طبيعت هو. لطيف رحہ مامو اسان ٻارن کي ڏاڍو پيائيندو هو. خاص ڪري مون سان ڏاڍا پوڳ ڪندو هو. مان مامي سان سفر تي حيدرآباد ويو هوس. مامو مونکي گرامر ۽ انگلش رائٽنگ سيکاريندو هو. مامو هونئن ته ڪنهن جي شادي يا ٻطهر ۾ گهر نه ويندوهو پر مامو منهنجي ٻطهر تي خاص ڪري منهنجي لاءِ آيو ۽ مونکي ڳانو ٻڌيائين. بهرحال اسان کي پنهنجي مامي جو ڏاڍو ڏک ٿيو.

اسان جي الله سائين کان اها دعا آهي تہ الله منهنجي مامي کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي (آمين)

حسنين جتوئي
(ياٽج)

•

ماما انور اسان وٽ يادون ڇڏي ويو

ماما انور هڪ سٺو ۽ ذهين انسان هو. ۽ اسان سان گھڻو پيار ڪندو هو. جڏهن اسان جي ڪمري ۾ ايندو هو تہ اسان سان مذاق ۽ مسخريون ڪندو هو. اُن جي وڇوڙي اسان کي جهوري ڇڏيو آهي. اڄ تائين اسان کي ان جي ڏاڍي ياد ٿي اچي. ماما جي انتقال جو ٻڌي اسان کي بي انتها ڏک ٿيو. هُو هڪ سٺو استاد هو. جڏهن ڪابہ عيد ٿيندي هئي تہ سڀ کان پهريان اُتي اسان جي گهر اچي پهريان مون کي خرچي ڏيندو هو. هو راڳ ڳائيندو هو ۽ جتي ويندو هو اُتي پنهنجون يادون ڇڏي آيو. مان ماما جي لاءِ دعا ڪريان ٿي تہ الله تعاليٰ ان کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ـ آمين

زينب جتوئي
(ياٽج)

•

غريبن جو يار ماما انور

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

جيئن تہ ماما انور الدين جي موت جي ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو. ماما سائينءَ هڪ حوصلہ مند انسان ۽ غريبن جو يار هو. ماما سائين اسان جي علم جي بهتري لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون سرانجام ڏنيون. ماما جي

هڪ ڳالهہ مونکي ڏاڍي وڻندي هئي تہ هيءَ هڪ سادگي پسند انسان ۽ ٻين جي ڀلائي ڪرڻ وارو انسان هو. زندگي جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن سخت بيمار هو تہ بہ اسان کي اهو ئي چوندو هو تہ بابا ٻارن کي اسڪول ۾ ڪيئن ٿا پڙهايو. ۽ جديد طريقن سان پڙهايو. مقصد تہ ماما سائين کي هميشہ ٻين جي ڀلائي لاءِ اونو هوندو هو. الله سائين سندس جنت ۾ جاءِ ڏئي.

آمين ثم آمين

نثار احمد جتوئي
(ياٽج)

• سائين انور منهنجو مُحسن هو. راتين جون راتيون صوفين جي گڏجاڻين ۾ اسان سان گڏ هوندو هو ۽ چانڊوڪي راتين ۾ هُو جڏهن سچل تي، صابن شاهہ ۽ صوفي نبن شاهہ تي ڳائيندو هو تہ محفل کي چار چنڊ لڳي ويندا هئا. هن جي وڇوڙي جو مون کي دلي صدمو رسيو آهي.

استاد انورالدين خاصخيلي
(نوان جتوئي)

• سائين انور منهنجي بابا سائين ۽ چاچا حافظ جو جگري يار هو. هو اسان جو وڏو هو. بهترين استاد ۽ راڳي هو. سنڌ جي سڏ تي سڏ ڏيندو هو ۽ هُو هر قومي جاڳرتا جي محفل ۾ صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائي نوجوانن جي دلين کي گرمائيندو هو. هن جي وڇوڙي سان سنڌ هڪ بي مثال راڳي، بهترين استاد ۽ فنڪار کان محروم ٿي وئي آهي.

حبيب الله خاصخيلي
(نوان جتوئي)

• سائين انورالدين جتوئي اسان جي ڪميونٽي جو بهترين انسان هو. اوڙي پاڙي، غريبن ۽ ڳوٺاڻن جي لاءِ هر وقت همدردي هوندي هُئس ۽ پان کي تڪليف رسائي انهن جا مسئلا حل ڪندو هو. هُو منهنجي بابي محمد اياز ادا قاسم ۽ اسان جي سڄي گهر سان سُٺو هلندو هو. هو سُٺو

استاد هو. اسان جي رهنمائي ڪندو هو. راڳ ڳائڻ، سُر ڪيڻ تي ڪانئس ڪو سِکي. مون کي هن جي لاڏاڻي تي دلي صدمو رسيو آهي. الله کيس جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي.

سڪندر علي جتوئي
(ڳوٺ ٺوڙها)

● ماما انورالدين جتوئي اسان کي تمام گهڻو پيار ڏيندو هو. هُو منهنجن ڀائرن ۽ ڀينرن کي تعليم ڏيڻ ۾ بہ اڳيرو هوندو هو. اسان سان گڏ آمريڪا ۾ هيوسٽن ۽ واشنگٽن ۾ راڳ جي بهترين محفل ڪيائين، جنهن آمريڪين ۽ پاڪستانين کي جُهومائي ڇڏيو. بابا ۽ اسان ساڻس گڏ هئاسون. هو ڪيترائي مهينا اسان وٽ رهيل هو. کيس راڳ جي فن جو ڄاڻو هُئڻ ڪري آمريڪي ويزا سولائي سان ملي وئي. اسان کيس آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ ڏاڍو چيوسين پر هُن چيو تہ مون کي پاڪستان ۾ مزو اچي ٿو. اتي دوست مائٽ مٺ آهن، ان ڪري مون کي واپس وڃڻ ڏيو. هُن جي وڇوڙي سان وڏو خال پيدا ٿيو آهي.

وسيم جتوئي
هيوسٽن، آمريڪا

● سائين انورالدين جتوئي اسان جو وڏو ۽ مُحسن هو. اسان ننڍي هوندي کان سندس راڳ ٻڌندا آيا آهيون. هُن جي راڳ ۾ رَسُ بہ هو تہ فن بہ هو. هُن ڪڏهن بہ پئسن خاطر نہ ڳايو پر پنهنجي شوق خاطر ڳايو. اسان وٽ سندس راڳ جي رڪارڊنگ موجود آهي. هُو اسان کي سدائين دُعا لاءِ عرض رکندو هو. الله کيس جنت ۾ جايون ڏيندو.

لياقت علي جتوئي
۽ دريا خان جتوئي
(سعودي عرب)

اخباري رپورټون

او

خبرون

هن پکيءَ جون پولڙيون

سائين انورالدين جتوئيءَ جو لاڏاڻو اڳاري ڏينهن 12 فيبروري شام جو 30_7 وڳي نواب شاهه جي سول اسپتال ۾ ٿيو ۽ سندن جنازي نماز 2013_2_13 تي ڳوٺ نوڙها لڳ نوان جتوئي جي راند جي ميدان تي ٿي. جنازي نماز سيد شهزادي شاهه پڙهائي ۽ سندس تدفين صابر شاهه جي مقام ۾ ٿي. تدفين جي آخري رسمن ۾ سيد حاجن شاهه، سيد منير حسين شاهه ذاڪري، سائين محمد علي بلوچ، راشد مورائي ۽ سندس ڪيترن ئي دوستن، عزيزن، مٽن، مائٽن، ضلعي نوشهري فيروز جي ادبي، سماجي ڪنن، سگهڙن، صحافين ۽ سياسي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. تدفين وقت نوان جتوئيءَ جي گدا خاصخيلي ۽ ٻين صوفي فقيرن صوفياڻا ڪلام ڳائي آخري رسمون ادا ڪيون. خاص طرح هن ڪلام سان:

اڄ ٻُڏي چڙ، پوءِ نہ ٻُڏنديون،
هن پکيءَ جون پولڙيون
لام تان بيٺو لنوي،
لاهوت جون ڪي لولڙيون.
(حافظ محمد بخش خاصخيلي)

سائين انورالدين جتوئي جي ٽيجهي جي تعزيتي گڏجاڻي

ٽيجهي جي موقعي تي انورالدين جتوئي يادگار ڪاميٽي ڳوٺ نوڙها پاران 2013_2_15 تي هڪ تعزيتي گڏجاڻي ڳوٺ نوڙها ۾ ٿي گذري. ان موقعي تي وليج ويلفيئر ايسوسيئيشن نوڙها جي اڳواڻ پير بخش عالماڻي، سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي جي عزيز پنهور، محمد

ملوڪ ڪوسو حبيب خاصخيلي، خادم چانڊيي، منظور خاصخيلي، وزير فرهاد سولنگي، اسلم عباسي، محبتي ملاح، گدا خاصخيلي، حاجن جانوري، پروفيسر شمشاد سومري، غلام سرور جتوئي ۽ ٻين انورالدين جتوئي جي سماجي، تعليمي خدمتن، زندگيءَ ۽ راڳ جي فن لاءِ ادا ڪيل ڪردار تي روشني وڌي، پروگرام جي شروعات سائين انورالدين جي ڳايل ڪافين سان ڪئي وئي. سندس پٽن بدرالدين جتوئي، اسد جتوئي ۽ عنايت جتوئي کي اسٽيج تي ويهاريو ويو. عبدالقيوم جتوئي، يوسف رند، فقير فاروق عمراڻي، زاهد عالماڻي ۽ گدا خاصخيلي مختلف صوفي فقيرن جون ڪافيون ڳائي سائين کي خراج پيش ڪيو. پروگرام جي ڪارروائي ادريس جتوئي هلائي.

نوشهروفيروز ۾ تعزيتي ميڙاڪو

سنڌي ادبي سنگت نوشهروفيرز پاران 2 مارچ 2013 تي سائين انورالدين جتوئيءَ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ ٿيو. پروگرام جي صدارت راشد موراڻي ڪئي. جڏهن ته مهمان ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، مولانا عزيز الله ٻوهيو، ساگر حنيف ٻڙدي ۽ ادريس جتوئي هئا. ان موقعي تي مظهر خاصخيلي، عبدالحق پلهه، اظفر ميمڻ، فقير غلام شبير جتوئي، اصغر پٽي، پير بخش عالماڻي، احمدالدين ملڪ، محمد هاشم ڪوسي ۽ ٻين پڻ سائين انورالدين بابت ڳالهايو.

مقررين سائين انور جي سماجي، تعليمي ۽ راڳ جي فن بابت ڪيل خدمتن ۽ سندس زندگيءَ تي روشني وڌي ۽ سائين جي اوچتي وڇوڙي کي سنڌ جو نقصان قرار ڏنو ۽ ڪيس سندس راڳ سان محبت ۽ سخاوت، بنا لوڀ لالچ جي راڳ جي خدمت ڪري سنڌ جي ڪنور ڀڳت جو تسلسل قرار ڏنو.

پڏعيدن پريس ڪلب ۾
سائين انورالدين جتوئيءَ جو تعزيتي ميڙاڪو

انهيءَ موقعي تي ميڙاڪي ۾ ڳالهائيندي لطيف جي پارکو عبدالحق پلهہ چيو تہ پياري ماڻهو جو وڇوڙو زندگيءَ جي ڪتاب ۾ غمر باب ۾ تبديل ٿي ويو آهي. سائين جو وڇوڙو خاندان، دوستن ۽ سنڌ لاءِ وڏي ۾ وڏو نقصان ٿيو آهي خاص ڪري سائين جا همر سفر ساٿي ويڳاڻا ٿي ويا آهن. هن جي وڇوڙي سان ادب، تعليمر ۽ راڳ جي وڏي کوٽ محسوس ٿيندي. ڪچهريون ۽ اوطاقون بہ ويڳاڻيون ٿي پيون آهن.

انهيءَ موقعي تي "حضرت لطيف رحہ" جي پارکو جي مرڪزي اڳواڻ ساگر حنيف ٻڙدي چيو تہ سائين انورالدين جتوئي جو وڇوڙو اسان دوستن لاءِ وڏي ۾ وڏو نقصان آهي. سائين علمر ادب جو پنڌار هو. سائين جي ڳائڪي جو انداز نرالو هو. سائين هڪ ڳنڀيندڙ ۽ پيار ونڊيندڙ خوش طبيعت انسان هوندو هو.

انهيءَ موقعي تي صحافي جبار پلهہ بہ ڳالهايو. ميڙاڪي کي ٻين کان علاوه چاچو حاجن جانوري، نبن خان مري، گلزار پلهہ پڻ خطاب ڪيو.

سائين انورالدين جي چاليهي جي موقعي تي
انورالدين جتوئي يادگار ڪاميٽي پاران تعزيتي ميڙاڪو

23_مارچ 2013 تي ڳوٺ ٺوڙها ۾ ٿيو جنهن جي صدارت سنڌ جي نامياري دانشور ۽ شاعر مير محمد پيرزادي ڪئي، جڏهن تہ مهمان خاص ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ۽ سيد حنيف شاهہ ذاڪري هئا.

انورالدين جتوئي سچ جي علامت هو: مقرر

نوشهروفيروز (ڊ ر) سنڌ جي صوفي راڳي ۽ تعليمدان استاد انورالدين جي ياد ۾ چاليهي جي تقريب ڳوٺ ٺوڙها ۾ منعقد ٿي گذري. تقريب ۾ صدارتي خطاب ڪندي بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهہ جي ڊائريڪٽر جنرل پروفيسر محمد لائق زرداري چيو تہ سائين انورالدين جتوئي هڪ بهترين استاد هو جنهن تعليمر جي خدمت

ڪئي. ۽ سوين اهڙا شاگرد پيدا ڪيا جن پنهنجو نالو روشن ڪيو. هن جو راڳ سان عشق هو ۽ هو سنڌ جو پيجل هو. ناميارو دانشور شاعر مير محمد پيرزادي خاص مهمان جي حيثيت سان خطاب ڪندي چيو تہ سائين انورالدين جتوئي جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. هن راڳ جي خدمت ڪئي ۽ اهڙا سر ۽ ڌنون جوڙيون جيڪي اسان جي دلين ۾ سدائين زنده رهنديون. انورالدين جتوئي جي ڀاءُ غلام سرور جتوئي خطاب ڪندي چيو تہ اسان جو اهڙو ڀاءُ جنهن انسانيت جي ڀلائي ۽ راڳ جي خدمت لاءِ پتوڙيو. جنهن لاءِ سڄي سنڌ کي مٿس فخر رهندو. انور جو عشق هو تہ غريبن جا ٻار علم پرائي وڏي منزل ماڻين. هو مسڪينن جو هڏ ڏوکي ۽ يتيمن جي مٿي تي شفقت ڀريو هٿ هو. فقير امداد لغاري چيو تہ سچائي ۽ وفائي جو نشان انور جتوئي هو. شاگردن کي فڪري علم ڏيڻ لاءِ جهوڪ شريف سان ناتو نڀائڻ هن جو مشن هو. ليکڪ گل مورو چيو تہ استاد انور سنڌ جو ڀڳت ڪنور رام هو. جنهن جي آلاپن ۾ درد، سوز ۽ جهوريندڙ لوليون هيون، ان موقعي تي ادريس جتوئي، پروفيسر شمشاد سومرو، عبدالحق پلهہ، سگهڙ حاجن جانوري، عزيز پنهور، اظفر ميمڻ، اسحاق جتوئي، پير بخش عالماڻي ۽ ٻين بہ خطاب ڪيو. تقريب ۾ انورالدين جتوئي جي فرزند بدرالدين جتوئي کي پڳ ٻڌرائي وئي. تقريب ۾ درگاهہ پير ذاڪري سڪرنڊ جي سيد حنيف شاهہ سائين محمد علي بلوچ، رئيس سعيد احمد خان جتوئي، ناظم الدين جتوئي، جاويد سرور جتوئي، فقير امين مشوري ۽ ٻين ذوستن اديبن ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن تہ صوفياڻي راڳ جي محفل پڻ ٿي جنهن ۾ راڳي رباني چانڊيو ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪيو.

(روزاني عوامي آواز 24_مارچ 2013)

نوان جتوئي ۾ ادبي سنگت پاران راڳي انورالدين جتوئي سان رهاڻ صائما منظور ۽ ٻين سر وکيريا

انورالدين جتوئي سنڌ راڳي ۽ هڪ بهترين استاد آهي: لائق زرداري

نوان جتوئي (عيوضي) سنڌي ادبي سنگت شاخ نوان جتوئي پاران ناميارو ڪلاسيڪل راڳي ۽ سماجي اڳواڻ انورالدين جتوئي سان ميڻ

پرائمري اسڪول نوان جتوئيءَ ۾ شام ملهائي وئي. ان موقعي تي صدارتي خطاب ڪندي مشهور اديب پروفيسر محمد لائق زرداري چيو ته انورالدين جتوئي هڪ ادارو آهي. جنهن جا سڄي سنڌ ۾ چاهيندڙ سوين شاگردن موجود آهن. انورالدين جتوئي نه فقط سٺو ڪلاسيڪل راڳي آهي پر هو هڪ بهترين استاد ۽ سماجي ورڪر پڻ آهي. جنهن هن سماج ۾ وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي. ناميارې شاعر راشد مورائي چيو ته انورالدين جتوئي ۾ هڪ وڏي خوبي مهمان نواز جي آهي. هو هڪ سٺو مهمان نواز ۽ دوستيون نڀائيندڙ شخص آهي. هن وقت سنڌ کي اهڙي مهمان نواز ۽ دوستيون نڀائيندڙ ماڻهن جي سخت ضرورت آهي. ڊي او روينيو نوشهروفيروز سڪندر خشڪ چيو ته انورالدين جتوئي جي آواز ۾ ميٺاج آهي ۽ هن کي امن جو سفير چئجي ته اهو هن شخص تي نالو ٺهه پهه لڳي بيهي ٿو. چو ته هن تر ۾ راڳ ڪان علاوه ڪيترائي تڪرار نبيريا آهن. نوجوان اديب ادريس جتوئي چيو ته انورالدين جتوئي غريبن ۽ محتاجن جو يار آهي. هن ڪيترن ئي يتيمن کي پنهنجي هڙان وڙان ڏئي تعليم ڏياري آهي. انورالدين جتوئي هڪ سوشل رفارمسٽ آهي. ناميارې صحافي قربان ڪوسيي چيو ته انورالدين جتوئي اوطاقي ماڻهو آهي. هن سڄي عمر راڳ سان گڏ عوام جي خدمت ڪئي آهي. هي هڪ بهترين استاد پڻ رهيو آهي. ان موقعي تي گدا خاصخيلي، نظام الدين جتوئي، عزيز پنهور، حاجن جانوري، سومر پنگر ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي انورالدين جتوئي دوستن جا ٿورا مڃيا ۽ محفل موسيقي ۾ پاڻ، صائم منظور، فقير غلام رباني، رجب علي فقير ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو.

(روزاني سنڌ حيدرآباد، 3-جولاءِ 2006)

نوشهري فيروز ۾ استاد انورالدين جتوئي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو اڄ ٿيندو

نوشهروفيروز (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ نوشهروفيروز پاران سنڌ جي ناليواري سگهڙ اديب ۽ تعليمي ماهر استاد انورالدين جتوئي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ناليواري شاعر راشد مورائي جي صدارت ۾ 2 مارچ تي ڇنڇر جي ڏينهن پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ رکيو ويو آهي،

جنهن ۾ مولانا عزيزالله ڀوهيو ادريس جتوئي، ساگر حنيف ٻڙدي، عطا وسطڙو ۽ ٻيا سندس زندگيءَ تي روشني وجهندا.

(روزاني عوامي آواز ڇنڇر 2_مارچ، 2013ع)

نوان جتوئي ۾ صوفي راڳي انور جتوئي جي ياد ۾ ميڙاڪو

ڪيس لفظن جي ڀيٽا پيش

نوان جتوئي (ن ڪ) ناميار اديب مير محمد پيرزادو چيو آهي ته ناميارو صوفي راڳي ۽ استاد انور جتوئي هڪ سٺي راڳي سان گڏ هڪ بهترين استاد هو. هن ۾ اهي سڀ فقير خاصيتون هيون جيڪي هڪ فقير ۾ هجڻ گهرجن. هن اهي ڳالهيون سنڌي ادبي سنگت ۽ انورالدين جتوئي يادگار ڪاميٽي، نوڙها پاران هتي مشهور صوفي راڳي ۽ استاد انورالدين جي چاليهي جي موقعي تي سندس ڪرايل تعزيتي ميڙاڪي کي صدارتي خطاب ڪندي چيون. هن چيو ته انورالدين جهڙا ماڻهو پنهنجي فن جي ڪري سدائين زنده رهندا آهن.

(روزاني ڪاوش حيدرآباد 24_مارچ، 2013ع)

سنڌي ادبي سنگت سنڌ

شاخ نوشهروفيروز

دعوت نامو

جيئن ته سنڌي ادبي سنگت شاخ نوشهروفيروز پاران سنڌ جي نالي واري اديب، صوفي فنڪار ۽ استاد انورالدين جتوئي سان رهاڻ 9_مئي 2007 جي شام جو 7 وڳي خميس جي رات ڦل شهر ۾ درگاهه شعبان شهيد تي رکي ويئي آهي جنهن ۾ سنڌ جا نالي وارا اديب ۽ تصوف جا پيروڪار سيد راشد مورائي، ڊاڪٽر لائق زرداري، سڪندر علي خشڪ، عبدالغفار صديقي، گدا خاصخيلي، منير احمد مبيجو مولا بخش پرڙو ادريس جتوئي، محمد حيات ڦل، محمد بخش پنهاڻ، قمر جوکيو ابل پريو قربان کوسو قائم الدين ڦل ۽ ٻيا ڪيترائي اديب، شاعر قلمڪار استاد

انورالدين جتوئي جي فن ۽ فڪر تي روشني وجهندا. ان لاءِ اوهان سڀڻن کي دعوت ڏجي ٿي.

اوهان جي اوسيئڙي ۾:
گل مورو غلام شبير جتوئي

انتظاميہ ڪاميٽي:

استاد اڪرم ڦل، خالد ميمڻ، دريا خان جتوئي، قاضي ذوالفقار، ساگر يوسف منگي، خادم حسين مري، امجد ميمڻ

صوفياڻي محفل:

امير بخش مگڻيجو ۽ بيا صوفي راڳي

پاران: سنڌي ادبي سنگت سنڌ، شاخ نوشهروفيروز

خبرون

اديب انورالدين جتوئي سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي

نوان جتوئي (ن ڪ) نوان جتوئي سنڌ جي سريلي راڳي ۽ ناميارې اديب انورالدين جتوئي کي سوين آلين اکين سان سندس اباڻي قبرستان سيد صابر علي شاهہ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۾ علائقي جي مختلف سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن جي ماڻهن وڏي تعدا ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن تہ سوڳ ۾ نوان جتوئي شهر ۽ سمورا اسڪول مڪمل طور بند رهيا. هوڏانهن مرحوم استاد جي پونئيرن سان اڳوڻي ضلعي ناظم عاقب خان جتوئي، اڳوڻي سينيٽر آصف مصطفيٰ جتوئي ۽ ٻين تعزيتون ڪيون.

(روزاني ڪاوش، 14_فيبروري 2013ع)

نوشهروفيروز ۾ لطيف جو پارڪو استاد انورالدين لاڏاڻو ڪري ويو

نوشهروفيروز (ن ڪوشش) نوشهري فيروز ۾ لطيف جو پارکو ناليوارو صوفي شاعر استاد انورالدين لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وچوڙي تي علائقي ۾

سوڳ وارو ماحول ڇانيل ٿي ويو. سندس جنازو صوفياڻي سُنگ سان کنيو ويو. جنازي نماز ۾ راشد مورائي، ادريس جتوئي، ساگر حنيف ٻڙدي ۽ ٻين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي. مختلف ڌرين پاران سندس وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

(روزاني ڪوشش، 14_فيبروري، 2013)

اديب انورالدين جتوئي کي زبردست ڀيٽا پيش

(نوان جتوئي (ع آ نيوز) سنڌ جي سريلي راڳي ۽ ناليواري اديب انورالدين جتوئي جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. ڪالهه به مختلف سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن جا ماڻهو وڏي انگ ۾ مرحوم جي تڏي تي پهتا ۽ سندس وارثن غلام سرور جتوئي، جاويد سرور جتوئي ۽ ٻين سان تعزيت ڪئي ۽ ڪيس راڳ ۽ ادب جي ميدان ۾ سنڌ لاءِ خدمتون سرانجام ڏيڻ تي ڀيٽا پيش ڪئي. جڏهن ته اڳوڻي ضلعي ناظم عاقب خان جتوئي، آصف مصطفيٰ جتوئي ۽ ٻين به تعزيتون ڪيون. جڏهن ته مرحوم جو ٽيجهو اڄ ٿيندو. هوڏانهن روزاني عوامي آواز جي مئنيجنگ ايڊيٽر ڊاڪٽر خير محمد جوڻو ۽ اسسٽنٽ نيوز ايڊيٽر مدثر نظر سنگراسي به غلام سرور جتوئي ۽ جاويد سرور جتوئي سان ڏک جو اظهار ڪيو آهي ۽ دعا ڪئي آهي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي.

(روزاني عوامي آواز ڪراچي، 15_فيبروري، 2013ع)

محمد يعقوب جتوئي

محمد يعقوب ولد محمد حسن جتوئي جو ڳوٺ نوڙها، لڳ نوان جتوئي تعلقي موري ۾ 1942_08_09 تي جنم ٿيو. سندن والد هر هاري رهيو آهي. پاڻ پرائمري تعليم ڳوٺ نوڙها ۾ ورتائون ۽ ثانوي تعليم هاءِ اسڪول نوان جتوئي ۾ ورتائون. انٽر مهراڻ ڪاليج مان ۽ بي.اي مصطفيٰ اورينٽل ڊگري ڪاليج نوان جتوئيءَ مان ڪيائون. محمد حسن پاڻ ڪجهه درجا پڙهيو پر پنهنجي چئني پٽن: محمد يعقوب جتوئي، محمد عرس جتوئي، محمد اسحاق جتوئي ۽ محمد ادريس جتوئي کي تعليم جي زيور سان سينگاريائين. نتيجي ۾ اڄ سڀ ئي سُٺي روزگار سان لڳل آهن.

محمد عرس جتوئي، زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ آهي، پاڻ فيلڊ اسسٽنٽ ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ جا ڪيترائي ڀيرا متحرڪ ۽ فعال صدر رهي چُڪا آهن. محمد اسحاق جتوئي ايڪسائيز کاتي ۾ انسپيڪٽر ۽ اي.اي.ٽي.او جي عهدي تي آهن. محمد ادريس جتوئي نوجوان اديب ۽ شاعر، سنڌي ادبي سنگت جا متحرڪ ڪارڪن ۽ هاءِ اسڪول نوان جتوئي ۾ استاد رهيا آهن ۽ هن وقت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ليڪچرار بڻيا آهن. ادريس کي 1995ع ڌاري ضلعي نوشهري فيروز جي تعليم کاتي پاران نوشهرو مدرسه جي سؤ ساله جشن جي

موقعي تي تعليمي ايوارڊ پڻ ملي چُڪو آهي. نهايت ئي ذهين ۽ محنتي نوجوان آهي.

محمد يعقوب جتوئي فيبروري 1963ع ڌاري ضلعي نواب شاھ جي هڪ ڳوٺ شفيع آباد مان پنهنجي ڪيريئر جي شروعات پرائمري استاد سان ڪئي ۽ آخر تائين هڪ سُٺي پرائمري استاد جي حيثيت سان نوان جتوئي پرائمري اسڪول مان 2002ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين. گهڻو عرصو پاڻ سندس ڳوٺ نوڙها ۽ نوان جتوئيءَ ۾ اسڪولن ۾ استاد رهيا آهن. پاڻ تعلقي ماستر رهيا آهن. نوان جتوئي جي تعليمي شخصيت حاجي محمد بخش خان جتوئي سان گڏجي پرائمري استادن جي تنظيم پ.ٽ.الف ۾ تمام گهڻو سرگرم رهيا. پاڻ پرائمري ٽيچرس ايسوئيشن تعلقي موري جا ڪيترائي ڀيرا مختلف عهديدار رهيا آهن. استادن جي حقن لاءِ لانگ مارچ ڪيائون ۽ بُک هڙتالن تي ويٺا آهن. پاڻ نهايت خوش مزاج انسان آهن. پنهنجي ڀائرن جي تعليم تي پڻ سُٺو توجهہ ڏنائون. ڀائج، گل محمد جتوئي کي بہ تعليم ڏيارياڻون. کيس ٽي پُٽ ۽ بہ نياڻيون آهن.

سندس وڏو پُٽ مُنير احمد جتوئي ۽ ٻيو پٽ نثار احمد جتوئي پرائمري اسڪول نوڙها ۾ استاد آهن ۽ ٽيون ننڍو پُٽ مختيار احمد جتوئي نوان جتوئي ۾ ميڊيڪل اسٽور هلائي رهيو آهي. سندس نياڻيون ۽ گهر واري پڻ استاد آهن.

(ڪتاب: ساهتيءَ جا استاد، جولاءِ 2003ع، مؤلف: خاصخيلي جمال الدين مومن تان ورتل)

قلم تازو:

سال 2013ع اسان جي برادريءَ لاءِ ڏُک جو سال رهيو. اجا سائين انورالدين جتوئي جهڙي بهترين انسان جو ڏُک جهڪو ئي نہ ٿيو هو تہ مٿان وري ڀاءُ محمد يعقوب جتوئي 3ـ سيپٽمبر 2014 تي وڇوڙي جو گهاءُ ڏئي اسان کان موڪلائي ويو. ڀئي خوش مزاج، صاف دل ۽ نيڪ انسان هئا. هُو سڄي ڳوٺ نوڙها ۽ دوستن جي لاءِ ڇپر ڇانوَ هئا ۽ پنهنجي پوري زندگي تعليم ۽ سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن رستي غريبن جي خدمت ڪندا رهيا. الله کين جنت الفردوس ۾ جايون ڏئي.

ـ ادريس جتوئي

He is gone but never forgotten

Abdul Rashid Jatoi
(United States)

Sain Anwar din Jatoi was not only my loving uncle but he was one of my best teachers. He had a multitasked personality such as Sufi singer, teacher; being a teacher, teaching was his passion and always remained committed to his profession. He always tried hard not only to teach students but always inspired them to achieve higher education. He always cared, respected, instructed and tried to form a safe and pleasant environment for his students irrespective of color, creed, poor, rich or religion. He never got tired of teaching. He started teaching me English grammar when I was in grade 5.

As a human being he was modest, humble and considerate human being. He loved every one hated none. He was committed friend, loving uncle and helping person. His whole life is role model for today's generation. He never believed in arrogance. Even though, he is not with us physically but he is alive in our hearts and souls. No one can forget him. He is gone but never forgotten.

Mama Anwar's performance in Houston

Iqra Jatoi
(United States)

One memory I have Mama Anwar was, when I was a kid, may be 6 or 7. He was taking me to new Jatoi. He took me on a motorcycle and he was driving normal speed. Some motorcycles passed by fastly and I asked him why he doesn't drive fast? I don't remember the exact words but he said that, that a good driver drives in this speed. I remember when he came to America, too. I didn't know him, but remember that days before him and Mama Nizam came, they showed me some pictures of him. I remember his performance in Houston, Texas. I remember some what of that day. We dropped him off at someone's house and we didn't see him till his performance the hall. I also remember going to San Antonio, Texas with him. I remember when he came, I didn't know what to call him because I don't remember him from before and he said call me Baba. But there would be confusion with him and my dad. So he said call him Big Baba, and so I did. These are some memories I have of him because I don't want to give a huge bunch of them, but I hope some end up in the book.

سڄڻ تنهنجي سار

مرتب: ادريس جتوئي

انورالدين جتوئي يادگار ڪميٽي، ڳوٺ ٽوڙها



Sain Anwar din Jatoi was not only my loving uncle but he was one of my best teachers. He had a multitasked personality such as Sufi singer, teacher; being a teacher, teaching was his passion and always remained committed to his profession. He always tried hard not only to teach students but always inspired them to achieve higher education. He always cared, respected, instructed and tried to form a safe and pleasant environment for his students irrespective of color, creed, poor, rich or religion. As a human being he was modest, humble and considerate human being. He loved every one hated none. He was committed friend, loving uncle and helping person. His whole life is role model for today's generation. He never believed in arrogance. Even though, he is not with us physically but he is alive in our hearts and souls. No one can forget him. He is gone but never forgotten.

Abdul Rasheed Jatoi

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوَ، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)